

ڪجهہ ٻڌايم ڪجهہ لڪايم

ڪيرت ٻاٻاڻي



* جنهن زندگيءَ ۾ غريبن جي خدمت نه ڪئي، اها زندگي اجائي آهي.

* جنهن تن مان ڪو ڪارج نه ٿيو، اهو تن اجايو آهي.

— سرگواسي رام ٻي. موٽواڻي

ڪجهه پڙهيم، ڪجهه لکيم

(آتم - ڪٿا)

ڀاڱو ٻهرون

ڪيرت ٻاٻاڻي

سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن
٩٠، لڪشمي مارڪيٽ، الهاسنگر -٣

ڪتاب بابت...

سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن طرفان آتم - ڪٿا سلسلي جو هي ٻيو ڪتاب "ڪجهه پڙهيم، ڪجهه لکيم" شري ڪيرت ٻاٻاڻي جي آتم - ڪٿا آهي- هن کان اڳ سنڌيءَ جي پرک، اديب شري گوبند مالهيءَ جي آتم - ڪٿا ڏني اٿئون، ادب ۽ اديب، جي نالي سان، جنهن ڀاڱن ۾ ۽ هيءَ آتم - ڪٿا به سنڌي جي پرک ۽ بزرگ ليکڪ (عمر ڇاهتر سال) شري ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي آتم - ڪٿا آهي، ٽن ڀاڱن ۾. هن صاحب پهرين ڀاڱي ۾ پنهنجي ننڍپڻ، اسڪولي تعليم ۽ ان وقت جي حالتن جو ذڪر ڪيو آهي. ٻئي ڀاڱي ۾ ڪاليجي تعليم ۽ سنڌ جي سياسي حالتن جو بيان ڏنو آهي ۽ ٽئين ڀاڱي ۾ ورهاڱي بعد هت هندستان ۾ اچي ساهتڪ ڪيتر ۾ پنهنجي زندگي جو احوال ڏنو آهي، اڄ سوڌو ٿائين. هو ٿئين به الائي ڇو، مونکي جيون ڪهاڻين / آتم - ڪٿائن پڙهڻ جو شوق آهي- پوءِ فلم اداڪارن، گرودت، اشوڪ ڪمار، سهگل، ستيجيت ري، بمل راءِ، مرڻال سين يا رتوڪ گهٽڪ جون هجن يا نهرو، گانڌي، اندرا گانڌي، پٽيل، بهنظير، ڄي. پرڪاش نارائڻ، رام منوهر لوهيا جون هجن، يا شرت بابو، ٽئگور، پريمچند، امرتا پريتم، بچن، يشپال، حسين، ڪملا چٽوپاڌيا، وجيه لڪشمي پنڊت وغيره.

مونکي لڳندو آهي ته، اهي جيون ڪهاڻيون يا آتم- ڪهاڻيون نه، فقط انهن شخصن جي جيون سان واسطو رکندڙ هونديون آهن، بلڪ ان وقت، ان دور جي تاريخ به هونديون آهن. سنڌ جي سياسي تاريخ، ادبي تاريخ ڪهڙي؟ اهي ڪن آتم- ڪٿائن، جيون ڪهاڻين کان وڌيڪ معلوم ٿين ٿيون. سنڌي ۾ اين- آر- ملڪاڻي جي آتم ڪهاڻي، ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي، جيرامداس دولترام جهڙن جون ڪهاڻيون، سنڌ جي ڪن پهلن

Kujh Budhayum
Kujh Likyuam
An Autobiography
By: Kirat Babani

SINDHI TIMES
Publication
90, Laxmi Market,
Ulhasnagar-3.
Tel. 544100

Published by :
Suresh Paryani
For
The Sindhi Times Publication

Printed by :
Madhawdas Achhra
Shree Geeta Printing Press,
Sindhunagar-421003.
Phone : 544616

Sole Agent :
Jagdish Book Depot,
Main Bazar,
Ulhasnagar-2. Tel.; 540455

Price : Rupees Forty only
Year : April 1997

پتو:
٣ / ٤١، آدرش نگر
ٻرياڊيوي، ممبئي-٢٥
١١، مارچ، ١٩٩٧

هڪ خواهش جو سفر

ويهن سالن کان به ڪجهه مٿي ٿيو هوندو، جو مون کي آتم - ڪٿا لکڻ جي خواهش ٿي هئي. انهيءَ ڏس ۾ پنجاهه - سٺ صفحا لکي به ويو هوس، ڪن ويجهن مترن کي پڙهي به ٻڌايم. چي: ڀلا سڀ ڪم ڇڏي آتم - ڪٿا لکي پوري ڪر. ائين ڪٿي ٿيڻو هو؟ ڪري به نه ٿي سگهيس! سنڌي اداري ۾ ايترو ٻڌل رهيس جو رچنائمڪ سرگرميءَ کي وقت ڏيئي نه ٿي سگهيس. ائين مون پنهنجين ڪيترين ئي تخليقي قوتن کي ”قربان“ ڪري ڇڏيو آهي، جنهن لاءِ ڪيترائي منهنجا عزيز دوست ڏمريا آهن ۽ تنبيهه به ڪندا آهن.

منهنجي عزيز دوست ڦتن پرسواڻيءَ کي شاباس آهي، جو هو وقت ٻوقت، مون تي زور آڻي، منهنجي جيون جو ڪونه ڪو ورق لکارائي وٺندو هو، جنهن کي اڳا جهڙي سندر مخزن جي صفحن ۾ سينگاري منهنجي ڏٻل خواهش کي وري وري جاڳائيندو رهندو هو. پر اها آتم ڪٿا ڪر موڙي وري به اڌ ۾ ئي پئجي رهندي هئي. اڳا ۾ ڇپيل انهن مٿين ڪٿائن تي ڪيترن دوستن وٽان ڏاڍا اُتساهي خط ايندا هئا. هڪ دفعي ڪرشن کٽواڻيءَ لکيو: پڙهندي پڙهندي اوچتو جهوٻو اچي ويو. اڃا ڪجهه وڌيڪ چاهڻ لاءِ دل پئي ٿي.... تون پنهنجي جيون ڪٿا کي پنهنجي نجي شخصي گهيري کان ٻاهر ڪڍي، سماجڪ ۽ اتهاسڪ پس منظر ۾ آڻڻ جو يتن ڪرين ته ڏاڍو

ٿي پئي روشني وجهن ٿيون. علي محمد راشدي جي ”اهي ڏينهن اهي شينهن“ يا حسام الدين راشديءَ جي ”ڳالهيون ڳوٺ وطن جون“ اهڙي قسم جا ڪتاب آهن.

شري ڪيرت ٻاٻاڻي سال ١٩٢١ جي جنوري ۾ ڄائو آهي. سال ١٩٤٢ جي ڀارت ڇوڙو تحريڪ ۾ جيل ويو ۽ پوءِ ڳوٺ نواب شاهه ڇڏي ڪاليجي تعليم لاءِ ڪراچي ويو. اهي ويهه سال (١٩٢١ کان ١٩٤٣) ڪراچي ۾، ١٩٤٣ ڌاري کان ١٩٤٩-٥٠ تائين سنڌ ۾ ست اٺ سال سياست، ڪراچي سنڌ کان ڀارت ۾ ١٩٥٢/٥٣ کان اڄ سوڌو ١٩٩٧ پنجيتاليهه سال ساهتڪ تحريڪ ۾- هر آتم- ڪٿا يا جيون ڪهاڻي جو ناٽڪ پاڻ سان گڏ آس پاس جي جيون ۽ ساڻ کڻي ٿو اچي ۽ پڙهندڙ / ابياس ڪندڙ ان ناٽڪ جي شخصي زندگيءَ سان گڏ سماج ۽ ديش جي ڄاڻ حاصل ڪري ٿو، تاريخ پڙهي ٿو.

مان ته تاريخ جو وديارٿي آهيان. سنڌ جي تاريخ، ڀارت جي تاريخ، انسان ذات جي تاريخ ۽ شخص جي تاريخ ۾ کوجهي ويندو آهيان. پاڻ کي ڏسندو آهيان ته مان ڪٿي بيٺو آهيان.

هڪ گيت آهي ته:

جڏهن هن جا ڏک ڏٺم،
ته پنهنجا ڏک وسري ويا.

جڏهن هن جو جيون ڏٺم، پڙهيم، ٻڌم. تڏهن مون پاڻ کي هڪ ناچيز، معمولي پاتم. مونکي لڳندو آهي ته مان انهن جيون ڪهاڻين / آتم- ڪٿائن ۾ پاڻ کي ڳوليندو آهيان، ڏسندو آهيان، اوکا ڏوکا ڪندو آهيان ۽ لڳي ٿو ته، اهو سلسلو هلندو ئي رهندو. توهان ڪٿي بيٺا آهيو....؟

٥٦، هيرا سوسائٽي،
الهاسنگر-٣، ٽيليفون: ٥٥٠٥٧٥
١٧ - مارچ ١٩٩٧

نارائڻ ڀارتي
مکيه سمپادڪ:
سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن

ڪلهي آئي. منهنجي ننڍي پٽ رويءَ کي لئگاس (نائيجيريا) ۾ ڪنهن فرم ۾ سٺي نوڪري لڳي وئي. هو ٽي سال اڳي هو. سڪ لڳس تہ سوڀيتا کي ۽ مون کي پاڻ وٽ گهرائي ورتائين. اسين اُتي اڍائي مهينا رهياسون. دل ۾ چيم: اگر جي مون هن عرصي ۾ ڪا خواهش پوري ڪئي تہ واهه، نہ تہ سڄي عمر ۾ پوري نہ ڪري سگهندس. پهرين ڏينهن کان ئي وٺي نيم ٺاهي ڇڏيم. صبوح جو چانهه پاڻي پي، اٺين بجي کان لکڻ لي ويهندو هوس ۽ ٻارهين بجي تائين چوٽي ٻڌي ويٺو هوندو هوس. اڍائي مهينن ۾ اٽڪل ٽن سؤ صفحن جو ڪچو مسودو تيار ٿي ويو. خواهش جي پورتي ويجهي نظر آئي. مان خوش هوس.

وري هڪ ٻيو منهنجو سڄڻ آهي نارائڻ ڀارتي، جيڪو اٽڪل ٻن ٽن سالن کان، وقت بوقت مون کي آتم ڪٿا پوري ڪرڻ جي يادگيري ڏياريندو رهيو. چي: تنهنجي آتم ڪٿا مان ڇپائيندس ۽ ٻاريءَ ۾ مون بہ چيس تہ اها ڇپائڻ لاءِ مان توکي ئي ڏيندس. خبر جو پيس تہ مان ڪچي مسودي اها لئگاس مان تيار ڪري آيو آهيان تہ پوءِ قرب ۾ گويا منهنجي پٺيان پئجي ويو. بار بار ياد ڏياري چوي: ڪاپي ڪڏهين ٿو ڪٽي اچين؟ نيٺ اهڙي قرب جي موٽ مونکي ڏيڻي پئي. ٽن قسطن ۾ ڇپائڻ جـو فيصلو ٿيو. منهنجو تہ هڪ جلد ۾ ڇپائڻ جو ارادو هو، پر سنڌيءَ ۾ ڇپائيءَ جون ڪي مجبوريون آهن، تنهنڪري لاچار نارائڻ ڀارتيءَ جي رٿ ڪـي قبول ڪرڻو پيو.

مان نہ پاڻ تي فتوا ٿو ڏئي سگهان تہ، ڪيتري حد يا معيار تائين پنهنجي مراد ۾ سڦل ويو آهيان. پر مون پنهنجي جيون ۾ چڱي سنگهرش ڪئي آهي؛ ڪافي اهم تاريخي

سنڌو. گهٽ ۾ گهٽ هڪ صديءَ جي سنڌي سماج ۽ تازي اتهاس جي جهلڪ ملڻ کپي.

دراصل مون جڏهين پنهنجي آتم ڪٿا جي شروعات ڪئي هئي، تڏهين من ۾ ائين ئي سوچيو هوم ته اها رڳو روايتي نموني ۾ ڪيرت جي کاٽي نه ٿيندي. ان جو گهيرو وڏو ٿي ٿيندو. جيڪو مون سان وهيو واپريو آهي، صرف اهو نه هوندو، پر منهنجي جيون جي لمبي عرصي ۾ منهنجي چوڌاري جيڪو وهيو واپريو آهي، جنهن جو مون سان، منهنجن وهنوارن، ويچارن ۽ ورتين سان نزديڪيءَ جو سنبنڌ رهيو آهي ۽ جنهن مون کي سڌي يا اڻ سڌي نموني متاثر ڪيو آهي، تنهن جون جهلڪون به درج ٿيڻ گهرجن. گذريل اڌ صدي مان جيون جي رنگ-ڀوميءَ تي سرگرم رهيو آهيان ۽ اهو سمو ڪيترو نه طوفاني رهيو آهي!

هرڪو پراڻي ڪيترن چڪرن جي وچ ۾ گهومائيون کائي ٿو، ڦرندو رهي ٿو- سڌيءَ طرح يا اڻسڌيءَ طرح اثر جهٽي ٿو، پرڀرتا پائي ٿو، ڪٿا عنا آزمودا حاصل ڪري ٿو، اڻيوُ ماڻي ٿو وغيره- اهي سڀ ان پراڻيءَ جي آتم ڪٿا سان جڙيل حصو آهن. سماجڪ، سياسڪ، اتهاسڪ ۽ راجنيتڪ اٿل پٿل ۽ واتاورڻ به شخص جي اوسر تي اثر وجهن ٿا ۽ سندس شخصيت کي سنوارين ٿا. اهي به سندس آتم جو لازمي اظهار آهن. مون چاهيو ٿي ته سنڌي جاتي ۽ سندس تازي تاريخ جي ڪشادي پس-منظر ۾ ڪٿي پاڻ کي ڏهڪائي ٻهاريان.

اٽڪل وهارو سال منهنجي ذهن ۾ اها خواهش اڀرندي رهي. حالتون اهڙيون جو سپنو ساڪار ٿيڻ جي ڪا واهه نٿي نظر نه آئي. پوءِ اوچتو هڪڙو اهڙو سنڌر اتفاق ٿيو، جو اهو

● ڪجهه ٻڌايم، ڪجهه لکايم

سمڪ ئي نه رهي اٿم. زندگيءَ جي ٻيڙي ڪٿان هلندي هلندي هيڏو سفر طئه ڪري ويو آهيان. مُني صدي پٺيان رهجي وئي آهي. مڙئي نهاريان ٿو ته ماضيءَ جي ڪوهيڙي مان ڪونجن جي قطار مثل سمرتيون اڀري رهيون آهن.

اها ڪالهه ڪالهوڪي ته ڳالهه آهي. ٽن چئن سالن جو مس هوس. پنهنجي دڪان جي مهڙ واري ٿلهي تي ڪوڏين سان اڪيلو ئي کيڏي رهيو هوس. منهنجو وڏو ڀاءُ موهن، دڪان لڳ گهر جي دروازي کان نڪري مون وٽ آيو. منهنجون ڪوڏيون ميڙي کڻي ورتائين. هٿ کان جهلي مون کي اٿاريائين ۽ ٻوءِ ڀري آواز ۾ چيائين: ”هل، بابا گذاري ويو آهي.“

اُن وقت مان ٻنڪڙو، ”گذاري ويو“ جي ارٿ کان اڻڄاڻ هوس. اهڙي قسم جي درگهٽنا ڏٺي ڪين هيم. گهر اندر گهڙي، ان ڪمري ۾ وياسين، جتي بابا اکيون پوري کٽ تي سڌو سمهيو پيو هو ۽ گهر جا ٻيا ڀاتي - منهنجي ماءُ، ڀائر ڀينرون، منهنجا چاچا، سڀ جو سڀ اوڇنگارون ڏيئي روئي رهيا هئا. ٻين سڀني کي روئندو ڏسي، مون به زور زور سان روئڻ شروع ڪيو. منهنجي ماءُ مون کي ڀاڪر ۾ ڀري ورتو. روئندي چيائين: ”پٽ تنهنجو بابا هليو ويو. هاڻي اسان وٽ ڪڏهين نه ايندو“. ٻوءِ هنيانءُ ڦاڙي رڙڻ لڳي.

اُن عمر جي ناسمجهيءَ جي صرف ڌنڌلي ساڃهه ٿي پوم. ڪافي عرصي کان منهنجو پيءُ ان ڪمري جي وچ تي انهيءَ کٽ تي سڌو ٿيو سمهيو پيو هوندو هو. ڪڏهين سڏ ڪري

ڊوڙن مان گذريو آهيان، بلڪ خود به انهن ۾ سرگرم ڀاڱيدار رهيو آهيان، انهن ڪري منهنجا آزمودا، انيڪ اظهار ٻاهريو شخص جا نه آهن، پر هڪ شراڪت ڪندڙ پاڙ جا آهن. ٻيو نه ڄاڻان ٿو ته اُهي محدودگيون آهن- هر شخص جون پنهنجون محدودگيون آهن- سوچ ۽ سوجهه جون محدودگيون، داخلي ۽ خارجي رخ جون محدودگيون، قوت ۽ قلم جون محدودگيون ۽ ٻيون به. هر حال مون پاڻ سان نياءُ جو يتن ڪيو آهي. پنهنجي ذهني ۽ تخليقي شڪتيءَ جو سچائي ۽ صداقت سان اظهار ڪيو آهي. منهنجي جيون ۾ جيڪو به اهم ٿي گذريو آهي ۽ ڄاڻ جهڙو آهي، سو قلمبند ڪيو اٿم. ڪليو لکندي هچڪ نه ڪئي اٿم. اگر ڪٿي تلخ اظهار به آيو آهي نه اهو وقت جي طلب سمجهي اٿم.

آخر ۾ ناراڻ ڀارتي جهڙي قربدار دوست ۽ سنڌس سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن جي شڪرگذاري مڃڻ ضروري آهي جو هن مون کي ٽڪي ٽرم ڪرايو آهي ۽ اوهانجي اڳ، جيڪي مون کي کليءَ دل سان پنهنجو رايو موڪليندا.

ڪيرت ٻاٻاڻي

پتو:
٣ / ٤١، آدرش نگر
پرڀادوي، ممبئي-٢٥
١١، مارچ، ١٩٩٧

ٻولي کي سونّي سٽون ۽ ٻافتي جون خميسون ملنديون هيون. اُن زماني ۾ ٻاجهي ڪپڙن جا ٻڪا ڪلهن تي کڻي، گهٽين ۾ اَچي گهرن جي ٻاهران ڏاڍي نزاڪت سان هوڪا ڏيندا هئا - مائي ڪير ريشمي، سونّي ڪپڙو، قناويس، روهڙي مل جو ڪپڙو وغيره. مان ٻوڙ ٻائي در تي وڃي ٻاجهيءَ کي گهر ۾ وٺي ايندو هوس. پوءِ ته ٿاڪين مٿان ٿاڪيا کلندا ويندا. مون جنهن ڪپڙي تي هٿ رکيو ۽ سٺ ڪئي، ته وٺي رهندس، ڪداچت ڪونه مڙندس. مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي ته هڪ دفعي ضد ۽ روڄ راڙو ڪري چاچي کان خرچيءَ طور هڪ سوني گني ورتي هئم. ٻئي طرف ٻولي کي جي ٽامي جو ٽڪو به مليو ته سندس وڏا ڀاڳ چئبا!

سچ پڇو ته ٻولو مون کي پنهنجو دشمن نه، ته رقيب ضرور سمجهندو هو. مون هن کان سندس پيءُ جو ڪسي ورتو هو. ايتري قدر جو چاچو مون کي ٻار سان گڏ سمهاريندو هو. اسين دڪان سان لڳ اوطاق ۾ سمهندا هئاسون. جي رات جو ڪافي دير ٿائين ڳوٺ جي پنڇين جي چلم جي چوڌر محفل لڳي پيئي هوندي هئي، مان چلم ڀري ڏيڻ ۽ نڙ ڏوئي اچڻ جي شيوا به ڪندو هوس. پهرين ته چاچو ۽ پيا پنڇ مونکي جهليندا هئا جو اسين "ٻارا"، يعني ڳوٺ جا ننڍڙا مڪي هئاسون. چلم جي شيوا ڪرڻ پين پنڇن جو ڪم هو. پر پوءِ مون کي جڏهين اُتساهه سان ڪم ڪندو ڏسندو هو ته پرسن ٿيندو هو. ڪيس ان ۾ اهم نظر نه ايندو هو.

منهنجي ماءُ ٻولي کي ڏاڍو پائيندي هئي ۽ خيال رکندي هئي، نه صرف انڪري جو هو پيءُ هوندي به "ڇورو" ٿي ويو هو، پر اُن ڪري به جو هو سندس سڳيءَ ڀيڻ جو پٽ هو. اڪيلي نشاني! ٻئي ڀيئرون هڪ ئي وقت ٻاڻين ۾ پرڻجي

مٿي تي هٿ گهمائيندو هو. بس وڌيڪ ڪجهه به نه. ڪمري مان واس ڌوپ جي سڳنڌ ايندي هئي. ڪڏهين ڪڏهين ڪي ماڻهو ايندا به هئا ۽ وري ويندا به هئا. ميوا، مٺايون به ٻڌي کڻي ويندا هئا. اهي ٽوٽي ڦيٽي وارا به ٿي سگهيا ٿي، وڏيءَ به ٿي سگهيا ٿي، پوپا به ٿي سگهيا ٿي. اُن سمي اهو سڀ ممڪن هو، بلڪ سڀاويڪ هو، جو انسان جو علم ۽ عقل گڏ ۾ گهٽ هو. هن وقت ته صرف انومان ئي لڳائي سگهان ٿو.

ٿوري وقت لاءِ ڏک جي ڇايا ۾ رهيس. پر پوءِ پيءُ جي "وڇوڙ" جي ڪمي گهڻي وقت لاءِ محسوس ڪين ڪيم، جو اهو خال ماءُ جي پيار ڪانسواءِ ٻن پيئرن، ٻن ڀائرن ۽ چئن چاچن جي اٿاهه سنيهه سان پوري ڇڏيائون ۽ ڪنهن به ڳالهه جي ڪمي محسوس ڪرڻ نه ڏنائون. دراصل مان پنهنجي وڏي چاچي سومجيمل جو لاڏلو ٻڻجي چڪو هوس. اهو به هڪ وچتر قصو آهي:

سومجيمل وڏي عمر ۾ شادي ڪئي هئي. ٻهراڻ ولم ۾ ئي پار کي جنم ڏئي سنڌس پتني راهه رباني وٺي ويئي. چاچي کي ڏاڍو صدمو پهتو. پنهنجي پار کي بدنصيب سمجهائين، جنهن پنهنجي ماءُ جو چمندي ئي ٻک ورلو هو. چاچي جو پنهنجي پار تان اُرواح صفا کڄي ويو. ٻولو گهر ۾ اٻالن وانگر پلجڻ لڳو. مان جيڪي طلبيان سو ترڪيءَ تي بهشت، ٻولو هر شيءِ کان محروم. چاچو ڪڏهين به ڪنهن ڪم سانگي ڳوٺ کان ٻاهر ويندو هو ته منهنجي لاءِ اُتي پاڻ ماڻو آڻيندو هو. اُصل ٻتل هو، نه ته روئي رڇ پرهندو هوس. اُن مان جي ٿوري ذري ڪيئي ٻولي کي ڏيان نه واهه، نه ته پلي پيو ساري عمر ماڻي لاءِ سڪي. مان رسي - روئي رنگين پٽن وارن ريشمي پٽلوڻن ۽ اُچي ٻوسڪيءَ جون خميسون پائيندو هوس. ٻئي طرف

پوندو ته تهذيب جي بلڪل اوائلي دور ۾، جڏهن علم-وگيان جي پرک گهٽ هئي، تڏهين ڀارت جي اها ڏاهائي ۽ قياسي فلاسافي هڪ وچتر ۽ حيرت ڀريو ذهني ڪارنامو هو. انسان جي اُڌرج من کي دلاسي ۽ دلداريءَ لاءِ سگهڙائي ڪالپنڪ نسخو آهي.

قسمت جي چڪر کي اگر مان ٻولي جي حالت ۾ آڻجي بگهيڙڻ جي ڪوشش ڪندس ته ان جو روپ ۽ انت ڏاڍو ڀوائتو لڳندو. پر في الحال ان کي پاسيرو ٿا رکون.

مورو لاکو هڪڙو ننڍڙو ڳوٺ، نوابشاهه ضلعي جي سڪرنڊ تعلقي ۾ هو. هندن جا گهر ويهارو ڪن هئا، باقي مسلم آدم چڱي تعداد ۾ هو. ڳوٺ ۾ هڪ ئي گهٽي، اوڀر کان اولهه وهندڙ هئي. گهٽيءَ جي ٻنهي پاسن تي هندن جا گهر ۽ دڪان هئا. باقي چوڌاري مسلم آبادي هئي. هندن جا گهر ڪافي وڏا ۽ پڪسرا هئا. مسلمانن جون اڪثر ڪچيون جهوپڙيون، جن جي چوڌاري ڪنڊائن لوڙها هئا، اچڻ وڃڻ لاءِ ڪاٺ جي ڦٽين جو هڪڙو ننڍو دروازو هوندو هو. ڳوٺ جي وڏيري جي حويلي تمام وڏي پڪسري هئي. اسان جو گهر به ڪافي وڏو هو. گهر جي مکيه دروازي اندر ڪيترا ڪمرا هئا، هڪ وڏو اڱڻ هو، جتي ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ حوضي ۽ وڏو پائخانو ۽ سنان جڳهه هئي. گهر سان لڳو لڳ دڪان هو ۽ پرسان ئي اوطاق هئي، جنهن جي هڪ پٺ سان لاڳيتو ننڍو وٿاڻ هو، جتي ٻه ڳائيون ۽ هڪ گهوڙو ٻڌل هئا.

موري لاکي بابت ونندڙ ڳالهه اها هئي، جو ڳوٺ جي وچ تي هندن جا گهر هئا ۽ مسلمانن جا گهر چوڌير پکڙيل، جڻ حفاظت جو قلعو ٻڌي بيٺا هئا. اها به وڏي حيرت جي ڳالهه اِها هئي، جو هندن - مسلمانن جو پاڻ ۾ ايڏو سنيهه جو سڏ ڏي

آئون هيس. ڪهڙو نه عجيب چڪر چٽيو جو هڪ پيءُ هڪڙي ٻار کي جنم ڏنائين، ڪيس ٻي - سهاري ڇڏي ويئي ۽ ٻئي پيءُ انهن ٻارن کي جنم ڏنو ۽ ڀارت ۾ اچي اسي سالن جي عمر ۾ پرلوڪ پڌاري. مان سندس آخرين ٻار هوس.

جڏهين "چڪر" جي ڳالهه نڪتي آهي ته مون چڱيءَ طرح محسوس ڪيو آهي ته هن سنسار ۾ انسان ڪيترن ئي وهمن، وسوسن ۽ اڻڄاڻائين جي چڪرن ۾ ڦاٿو پيو آهي، ٻڌو پيو آهي. اهي سندس ماضيءَ جو ورثو آهن، وڏن کان مليل ڌرمي ۽ سماجي سنسڪارن ۽ محتائن جي ٻنڌن جي اپج آهن، جن صدين کان وٺي انسان کي ذهني طور ۽ ڪنهن حد تائين اخلاقي طور جڪڙي رکيو آهي؛ ۽ لڳاتار جڪڙيل هئڻ ڪري، پاڻ کي جڪڙيل رکڻ ۾ ئي خوش رهيو آهي. ٻيءَ ڪنهن کان وڌيڪ ته هي "چڪر" انسان جي بيوسيءَ جو اظهار آهن. مثال طور قسمت جي چڪر کي ئي وٺو. هيءُ سنسار اتفاقن، حادثن، واقعن ۽ قضائن جو گهاٽيل جهنگل آهي. ڪيتريون اهڙيون چيزون جي انسان جي جيون ۾ ٿين ٿيون، انسان جي سمجهه کان مٿي آهن، انهن کي سمجهڻ - سمجهائڻ انسان لاءِ ڏکيو آهي. انهيءَ رشين - منين، اوتارن - پيغمبرن لاءِ به ڏکيو هو. پر منش کي دک ۽ اسهه پيڙا ۽ نراسائي جي حالت ۾ ڪجهه آٿت کپندو هو، سنتوش لاءِ ڪا ٽيڪ کپندي هئي، نراشا کان ڇوٽڪاري جي ڪا واهه گهربل هئي، خود مڪتي لاءِ ڪنهن مارگ جي ضرورت هئي. تنهنڪري ڌرمي اپديشڪن - روحاني رهبرن "قسمت جي چڪر" جو هڪ سندر ۽ روچڪ نسخو ايجاد ڪيو، جيڪو تتل دل کي ٺاري ڪري ۽ زخمن لئي مرهم جو ڪم ڪري "ڪرم چڪر" ۽ "جنمن جو چڪر" پڻ ساڳئي نموني جو، انساني دماغ جو موهيندڙ ۽ ڪشش ڪندڙ تصور آهي. اهو مڃڻو

اونداهيءَ ۾ پريان پريان ڳوٺ جي ڪتن جون ڀونڪارون ڪن تي پونديون هيون ۽ ڳوٺ جي پهريدار جو آواز "خبردار رهو" ڪڏهين ڪٿان ته ڪڏهين ڪٿان اُڀرندو هو. سڪون جي ننڊ ڪري جڏهين مورو لاڪو پره ڦٽيءَ جي جهنجهرڪي ۾ ڪر موڙي اُٿندو هو ته چوڌاري خوشيءَ جا ڦوهارا ڇٽڪي پوندا هئا. هڪ طرف هوندي هئي، تن من تازو ڪندڙ اُسر جي سڳندي هير ۽ صبوح جي ماڪ سان ڌوتل ڪائنات جو سندر سائو سائو چهرو ۽ ٻئي طرف ٻوڙ ۾ آيل ڪڪڙن جون سريليون بانگون، ڳائين ۽ مينهن جون وڇڙن لاءِ پيار ڀريون رنڀون، گهوڙن جون هڻڪارون، جهنگ ڏانهن ويندڙ چوپائي مال جي ڳچين ۾ پيل گهنڊڙين جون جهنڪارون. سڀ ملي والاورڻ کي سرڳ جهڙو آنند ميهه بڻائي ڇڏيندا هئا ۽ مٿان وري جو پنڇين ۽ پاڙيسري گهٽيءَ مان لنگهندي صبوح مردائي هڪ ٻئي کي ڪيڪر ڪري چوندا ويندا- پيارا رام رام، پائو راڌي شام، اَدا اَسلام عليڪم؛ پوءِ ته چهرا ٽڙي پوندا، دليون ٺري پونديون، قدم سر تال واري رفتار ۾ کڄندا ويندا. ڳوٺ جو هر صبوح اهڙي پر سڪون ۽ دلفريب انداز سان شروع ٿيندو هو.

اهڙي شانت ۽ آنند ميهه والاورڻ ۾ ڪڏهن هاهاڪار ٻه مچندو هو. ڳوٺ جي پرسڪون ۽ مانيٺي رات ۾ اچانڪ رڙ و رڙ مچندي هئي، واڪو واڪاڻ ٿيندي هئي ۽ هل هنگامو اُٿندو هو. ٿوري وقت کانپوءِ واهو منڊل شانت ٿي ويندو هو. صرف ڪي آواز ٻڌڻ ۾ ايندا هئا - "مردود ڀڄي ويا.... منهن ڪارا پيچ پائي ڀڄي ويا". هنن آوازن تي مان اڪثر جاڳي پوندو هوس، ڊپ ۾ ساهه سڪي ويندو هو، بدن ڏڪڻ لڳندو هو ۽ پرسان سٽل چاچي کي چنبڙي پوندو هوس. هوءَ مونکي پاڪر ۾ ڀري وٺندو هو، آٿت ڏيندو هو ۽ گهٽنا گهٽجي وڃڻ کانپوءِ

ته ڪيترائي سنڌ جي موٽ ۾ اچي پهچن. نالا ايڏا خوشگوار ۽ وشواس ايڏو ڪو جڻ پاڻ ۾ سڳا ڀائر هجن. اگر ڪو هندو ڳوٺ کان ٻاهر ويندو هو ته پنهنجي پاڙيسري مسلم ڀاءُ کي پنهنجي ڪٽنب جي حفاظت جو بار رکي ويندو ۽ جي مسلمان ٻاهر وڃي ته هندو پاڙيسري ڀاءُ کي گهر جي پارت ڪري وڃي. مونکي ياد آهي ته پاسي وارو هڪ صاحب ڏنو، اسانجون ڳائيون ڏهي ويندو هو. ٻيو ڪو هو جو ڪانيون پهچائي ويندو هو. ڪنهن کي وڇون ڏنگيو ته جهاڙ وارو پڙهندو ايندو هو. ننڍا ننڍا ڇوڪرا وري ٻوڙن کي چارڻ لاءِ جهنگ وٺي ويندا هئا. حجام اچي سنوارت ڪري ويندو هو، ته ڪو اچي پاڻيءَ جا مٽ ڀري گهڙامنجيءَ تي رکي ويندو هو. باقي ياد اٿم ته ڪپڙا ڪونه ڌوئيندا هئا. ڌوٻين جو رواج پوءِ شهرن ۾ پيو. ڳوٺن ۾، گهرن ۾ ڪار جو ڌنڌو چاڙهيو ويندو هو ۽ ڪپڙا گهر جون استريون ڌوئينديون هيون. دائيءَ کـي ڇڏي، ڳوٺ ۾ مسلم عورتون گهرن ۾ ڪم ڪرڻ نه اينديون هيون. اُن زماني ۾ جيڪي به ماڻهو شخصي شيوائون ڏيندا هئا، سي نوڪر ڪري ڪونه ليکيا ويندا هئا. کين پيار سان ڏنو ويندو هو ۽ هوُ به تمام گهڻي عزت ڪندا هئا. کين اُجورو ۽ مهنتاڻو به گهڻو ڪري پيسي ۾ نه، جنس ۾ ڏنو ويندو هو- ڪڻڪ، چانور ڪڻب، اُڙد، تيل، مرچ- مصالحو، ڪپڙو وغيره، ڪم جي ملهه جي حساب سان ڏنو ويندو هو. اسان جي حالت ۾ ته ڪم ڪندڙن کي دڪان تان اوڌر ملڻ جي به سهوليت هوندي هئي، جيڪا وڏي سهوليت جي ڳالهه ليکي ويندي هئي.

مورو لاکو هر رات لالٽين ۽ تيل جي ڏيٽن جي ٻيلي، ڌمي ڌمي روشنيءَ ۾، ڪافي دير تائين اوطاقن ۽ گهرن ۾ ڪچهريون ڪري ننڊرا ڌڻيءَ جي گود ۾ آرامي ٿيندو هو. رات جي گهڙي

وٿاڻ ۾ ايندو هوس. ان وچ ۾ چاچو گهوڙي کي لوڙهي ۾ داڻو ڏيندو هو، سندس اڳيان گاهه وجهندو هو ۽ ڪرڪيءَ سان سندس بدن کي صاف ڪندو هو، پيار پيار مان ٿپڪيون هڻندو ۽ مٿي تي هٿڙا گهمائيندو هوس. پيارو ٻوڙ ۾ ٻرجي هڻڪاريندو هو ۽ چاچو سمجهندو هو ته هاڻي هو تيار آهي. پوءِ ڪيس سنجيندو هو ۽ لغام چاڙهيندو هو. مون کي سڏي منهنجو کاٻو پير رقيب تي رکي، ٻئي هٿ چيلهه ۾ وجهي، مون کي مٿي اُڇل ڏيندو هو ۽ آءٌ لانگهه ورائي گهوڙي تي چڙهي ويهندو هوس. گهوڙو مون کي کڻي طبيلي کان ٻاهر نڪرندو هو ۽ سڌو ٻنيءَ طرف رخ رکندو هو. شروعات ۾ ته گهوڙي کي هلڪي ٽور سان وٺي ويندو هوس، جو چاچو آگاهي ڏيندو هو ته مٿان اُڙي هڻندين اَٿئي، اُڏائي کڻي ويندءِ. منهنجي من ۾ چورا ڪورا وٺندي رهي ته اُڙي هڻڻ ته ڇا ٿيندو! ڀڙين ٽوڪس، پر آهستي آهستي دٻ لهندو ويو. پوءِ جڏهن ٿي چاچي جي نظر کان اوجهل ٿيس مس، ته هلڪي اُڙي هڻي، چوندو هوس: "بچ پيارا"! لغام کي ٻنهي هٿن سان سوگهو جهليندو هوس ۽ پير ٻه رڪيبن ۾ پختا رکندو هوس. اشارو ملڻ تي ئي گهوڙو اهڙو ڊوڙندو هو جڻ شرط کٽي اَٿس ـ لس ئي لس، سڌي هڪ سرڪي چال، گويا پيڙي ٽرندي ٿي وڃي. نڪ اُڇي ٻنيءَ پهڙو ٿيندو هو. ڪڙمي غلام قادر اُچي واڳ جهليندو هو ۽ پاڪر ۾ پيري هيٺ لاهيندو هو. پوءِ ته 'ڀليا سيٺ، ڀليا سيٺ' چئي اهڙا خاطرداري ڪندو، جو ڄاڻ نه سمجهيس، ڇهتي کڻي مون کي وهاري. ۽ ويچارو ڪري ڇا؟ پکي ۾ چيڪا ڇنل کٽ پئي هوندي هئس، سا ڇنڊي مون کي کڻي ان تي وهاريندو هو. مُرليون ـ گجرون ڌوئي آڻي اڳيان رکندو هو. جڏهن ڪائي پيٽ پرڻدو هوس، تڏهن گهر لاءِ پاڄين جي هڙ ٻڌي، پهرين مون کي گهوڙي تي وهاريندو، پوءِ هڙ اڳيان

ٽپڪيون هڻي، ”پٽ بابا، پٽ بابا“ چئي سمهاري ڇڏيندو هو. صبوح جو ڏپ لهي وڃڻ کانپوءِ ٻڌندو هوس ته رات جو گهور گهمسان ڇاڄو هو، نه ٻهرين نه هو ننڊائيندو هو، پر ور ور زور پڙهڻ لئي چوندو هو: ”رات جو چور آيا هئا فلاڻي جي گهر کي ڪاٽ هڻڻ، پر ڏٽي جاڳي پيا، وٺي رڙ واڪو ڪيائون، جنهنتي پاڙي وارا به جاڳي پيا ۽ ”چور.... چور“ ڪري سڀئي پاڙي کي اُٿاري وڌائون، جنهن ڪري چور ڀڄ پائي ڀڳي ويا ۽ ڏٽي صحيح سلامت بچي ويو. پـــر هنن ڪمبختن ويندي ويندي ڳهر نئي گهوٻاڻن جو مارو ڪيو، جنهن ڪري ڪي زالون ڦٽجي پيئون آهن. صبوح جو چورن جو پيرو کڻڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي هئي، پر سنڌن پيرن جا نشان اڪثر پر واري جهنگل ڀـا ڳوٺ جي اللاء ومت اچي گـــم ٿي ويندا هئا. اڳتي پتو ڪونه پوندو هو.

منهنجن وڏڙن کي دڪانداري به هئي ۽ ٿوري گهڻي کيتي باري به هئي. ڳوٺ کان ٿورو پنڌ پـري زمين جو ٽڪرو هو، جتي اناج ۽ ڀاڄين جي پوک ٿيندي هئي. اها زميـنداري نـه هئي، ڪٽنب جي گهرجن لاءِ سـاڌن هئي. ٿورو گهڻو جيڪو فصل ٿيندو هو، تنهن جو واجبي حصو هارين- نارين کي ڏيئي، باقي اناج گهر ۾ آڻي گندين ۾ رکيو ويندو هـو، جيڪو سڄي سال جي پورت لاءِ ڪافي ٿيندو هو. بصر پٽاٽا پاندي ۾ رکيا ويندا هئا، جن جو دڪان تي وکرو به ڪيو ويندو هو. ڀاڄي پڪو گهر لاءِ ڪم ايندو هو.

مونکي چڱيءَ طرح ياد آهي. مان ان وقت ستن اٺن سالن جو مس هوس. گهوڙي تـي چڙهي، زمين تـان ساڻون ڀاڄيون کڻي ايندو هوس. چاچو سومجي مل مونکي سوڀل اُٿاريندو هو. مان گهر اندر وڃي سنان پاڻي ڪري، ڪپڙا بدلائي، نيرن ڪري

ٻلبليون ڦاسائڻ جو شوق به اُن سمي ڏاڍو هو. ڏاڍي روچڪ ڳالهه هئي. اُن ٻاراڻي معصوميت ڀري لالسا جو فائدو ڳوٺ جو هڪڙو ڏگهه ڇوڪرو وٺندو هو. اسين ٻار ته، اڄاڻ هواسون. هاڻي پنهنجي نظر ورائي جڏهن ٿو ڏسجي ته معلوم ٿو ٿئي ته ليکو ائين ڇو ڪندو هو. هو ڳوٺ جو مشهور رولاڪ ڇوڪرو هو. اسان کي هرڪائي ڀرسان واري جهنگ ۾ وٺي ويندو هو، ائين چئي ته اوهان کي ڳاڙها ٻير پٽي ڏيندس ۽ پيلي پيٽ واريون ٻلبليون ڦاسائي ڏيندس. ۽ پوءِ هو مشڪندو هو، لالچائيندو هو ۽ ڇڪي ڇڪي پاڻ سان وٺي ويندو هو. پيٽ پالڻ لاءِ چار- ڇهه گانيون - مينهون چاريندو هو. اسين به سندس نقل ڪري، ننڍيون لڪڙيون هٿ ۾ کڻي ساڻس گڏ هوڪاريندا، جهنگ طرف ٽڪري ويندا هئاسون. ليکو قد ۾ ڊگهو ۽ سنهڙن روشن وارو هو. سندس هٿ، ٻانهون، نڪ، ڪن، مٿو- سڀ جو سڀ سنهڙا هوا ۽ اکيون ڇڇيون هيون. اڌ ٻانهن وارو چيلهه تائين لنبو چولو ۽ اُن تي ڌوتي ٻڌندو هو. هو ٻرابر اسان کي ڳاڙها ٻير پٽي کارائيندو هو ۽ زمين ۾ کوڙڪو لڳائي پيلي پيٽ واريون ٻلبليون به ڦاسائي ڏيندو هو. پوءِ چوندو هو ته اُڇو ته تلاءُ ۾ سنان ڪريون، ڪپڙا لاهي پاڻي ۾ ٽپي پوندا هئاسون. هو به ڪپڙا لاهي تلاءُ ۾ ڇلانگ ماريندو هو. ترڻ سيکارڻ جي ٻهاني اسان مان هرهڪ کي واري واري تي اونهي پاڻيءَ ۾ وٺي ويندو هو. ڀاڪيون پائيندو هو ۽ چميون ڏيندو هو. سڄي بدن تي ۽ خانگي عضون تي هٿ ڦيريندو هو ۽ ڪتڪتائي به ڪندو هو. اسان کي کلائيندو هو ۽ پاڻ به ٽهڪ ڏيندو هو ۽ آنند محسوس ڪندو هو. هو اسان کي رواڻو ڪندي چوندو هو: ”مون اوهان کي چاريو؛ هاڻي مال کي چاريندس ۽ شام جو موٽندس“. گانيون مينهن کي تلاءُ ۾ هڪلي، انهن کي ڌوئڻ

رڪندو ۽ گهوڙي کي ٻچڪار ڏيئي روانو ڪندو. موٽ ۾ مان گهوڙي کي اُڏائيندو، گهر پهچندو هوس. ٿوريءَ جهٽ ۾ جو واپس ورندو هوس ته چاچو سمجهي ويندو هو ته مون ضرور ڪا حرڪت ڪئي آهي. چوندو: ”پُٽڙا، من مستي ٿو ڪرين. ڪٿي اُڇلي نه ڪٽي ڦٽو ڪريئي.“ مان پاڇين جي هڙ ڪٽي، ڪلندو گهر اندر پيهي ويندو هوس.

گهر جو آخرين ٻار، لاڏلو ۽ وڏي چاچي جو سڪيلڌو هوس. دوڪان مان ڪابه شيءِ کٽڻ جي جهل پل ڪانه هئم. خميس جو ڪيسو هميشه ڀريو پيو هوندو هو. ڪڏهين اِنڌين ته ڪڏهين ريوڙيون يا مٺا پڪوڙا، ڪڏهين وري ڇهارا ته ڪڏهين کٽل، يا وري پتاشا ۽ مصريءَ ڳڙلي ڪجهه، نه ڪجهه مٺو هجي. پيو ڪجهه نه مليو ته ڳڙ ئي وارو! ڳوٺ جا ڇوڪرا مون سان ٻاراٽي ڳنڍڻ چاهيندا هوا، پيا پٺيان ڦرندا هوا. ڪين منو واعدو ڪرائيندو هوس. هو مون کي پاڻ سان راندين ۾ شامل ڪندا هوا. اسين ننڍيءَ عمر وارا ڇوڪرا خاص طور ٻال سان ست ڪٽ يا ناڻي نانگيل ڦوسيل ڪندا هئاسون ۽ وڏي عمر وارا ڇوڪرا جن کي اسين ڏگهه يا ڏاڍ چوندا هئاسون، سي ڪوڏي ڪوڏي، ونجهه وٽي ۽ ملهه کيڏندا هوا. ست ڪٽ ۾ مان چڱي مار کائيندو هوس. هڪڙو ته ٻکي گوهي نه ڏيئي سگهندو هوس، ٻيو ته ڪي ٻيا ڇوڪرا حسد وچان هڪ ٻئي کي ٻال اهڙي نموني وراڻي ڏيندا هوا، جئن وار مون تي پوي. باقي نانگيل ڦوسيل ۾ مان پنهنجي ڌر کي کٽائيندو هوس. نه صرف ٻال سان برابر ڇنڊيندو هوس، پر ڊوڙ ۾ ٻيا ٻکا ڇوڪرا ٻال کي ڌڪيندا ويندا هوا ته مان سيگهه ۾ پنهنجان نانگيل ڦوسيل ناهي ويندو هوس. ائين- ڏڪر ۾ پاڻ مخالف ڌر کي خوب ٻڪائيندا هواسون.

ملائجي ٿو، ڳلي لڳائجي ٿو يا ڀاڪر پائجي ٿو يا ڳراٽڙي پائجي ٿي، مٿي يا پٺيءَ تي هٿ ڦيرائجي ٿو، گوڏو گوڏي سان ملائي وهجي ٿو، ڳل تي ٽپڪي هڻجي ٿي يا مٿي، پيشاني ۽ ڳل کي چپن سان ڇهجي ٿو، ٻئي سان پير وچڙائجن ٿا- انهن سڀني سرڳري ڇهاڻن مان هڪ عجيب قسم جو آنند ملي ٿو. ان کي ڪو بہ نالو ڏيڻ کان مان قاصر آهيان، پران کي جنسي احساس يا ڀاونا نہ، اصلي لٿو چئي سگهجي.”

باقي ساڳي جنس جي ٻن شخصن جو آسپاوڪ ۽ غير قدرتي ٻڌني رشتو هڪ ٻي ڳالهہ آهي. اهو سماجڪ مسئلو آهي، جيڪو خاص طور جاگيرداري دور جي علامت آهي، جتي ٻند سوسائٽيءَ جي ڪري شاديءَ جو مسئلو پيچيدو آهي. ۽ نهايت تنگ ۽ مدي خارج ويچارڻ جي ڪارڻ مختلف جنسن جي وچ ۾ ميل جهول خلاف هڪ لنبي ديوار کينچيل آهي، جنهن جي آرپار ڏسڻ عبث آهي، جو عورت هڪ منع ٿيل ميوو آهي. ليکوءَ جهڙن شخصن کي ڀوءِ ٻک متائڻ لاءِ اهڙيون حرڪتون ڪرڻيون ٿيون پون.

منهنجي جيون ۾ هڪ ٻيو بہ اهڙو واقعو پيش آيو. اهو بہ لڳ ڀڳ ساڳئي سمي جي آسپاس هو. منهنجا ٻہ چاچا ڳوٺ ۾ دڪان ۽ ٻنيءَ جي سنڀال ڪندا هئا. باقي ٻہ چاچا ڪوئلن جو ڌنڌو ڪندا هوا. ڳوٺ کان ڏهاڪو ڪوهہ پري، جلائو لڪڙيءَ جا گهاٽا جهنگل هوندا هوا. منهنجا چاچا ڪجهہ وڻ مقاطي تي وٺندا هئا. انهن کي ڪٽائي، ٻٺيون ٻڌائي، ساڙي ڪوئلو تيار ڪرائيندا هوا ۽ پر وارن شهرن ۾ وڪرو ڪندا هوا. جهنگل ۾ ڪين هڪ لڪڙيءَ مان تيار ڪيل کوٺي بہ هوندي هئي، جتي هو رهندا هوا. منهنجا ٻئي ڀائر بہ چاچن سان گڏ رهندا هوا ۽ ڪين ڌنڌي ۾ هٿ ونڊائيندا هوا. مان بہ

لڳندو هو.

مان ڪا نئين ڳالهه ڪونه ٿو چوان. انساني سرير جي هڪ پنهنجي ڪيمسٽري آهي. علم ڪيميا جو به ماهر نه آهيان، جو ڇيد ڪري، تجربيگاهه ۾ تيار ڪيل ڪا ڄاڇنا پيش ڪريان. منهنجا ڪي آزمودا ۽ اَنڀؤ آهن. انسان ڪيترين اميدن، آشائن، تمنائن، ترشنائن، حرصن، هوسن، موهن، لوڀن، لالچن، طمعن ۽ ٻين ڪيترين مَن ورتين جو مجموعو آهي، جيڪي دنيا جي ٻاهرين پدارٿن توڙي انساني رشتن جي ٽڪرن مان پيدا ٿين ٿيون ۽ سندس وهنوارڪ جيون تي اثر وجهن ٿيون، سندس شخصيت کي جوڙين ٿيون - ٻئي طرف انسان جون ٻه بنيادي گهرجون آهن؛ اهي وشو وياپي آهن. انهن کي تمثيلي طور تي انسان جون ٻه اهم بکون سڏيو ويو آهي - هڪڙي آهي پيٽ جي بک، ٻي آهي جنس جي بک. هنن ٻنهي گهرجن کي ورلي ڪو روڪي سگهيو آهي. پيٽ جي بک کي روڪڻ ته اَسنڀو آهي جو اُن لاءِ جيون ٽڪيو آهي؛ جنسي بک کي روڪڻ جو ساڌن ڪندي ڪيترائي رشي مني به ٿڙڪجي ويا. پراچين ڪال جي ڏند ڪٿائي ساهت ۾ ديو - ديوتائن جا ڪيترا اهڙا اَچرج ڀريا مثال موجود آهن.

انساني شرير، قدرتي طور تي هڪ زوردار ڪشش جو مرڪز آهي. الڳ جنس وارا شرير ته گويا هڪٻئي طرف چُمڪ جي طرح ڇڪجي ٿا وڃن؛ اَنت ۾ سنگم ۾ اَرپتي ماڻين ٿا ۽ پرڦلتا پائين ٿا. ٻه ساڳئي جنس جا شرير به هڪٻئي کي ڇڪيندڙ آهن. شريرن جو هڪٻئي ۾ ملڻ ئي آنند بخشيندڙ آهي. ان مان ٻئي جنس جي ڀاونا جي پورتي نه ٿيندي هجي، پر پوءِ به ڪو عجيب سنتوش ملي ٿو، خوشي پراپتي ٿي. مان نه سمجهان ٿو جڏهين به ڪنهن ساڳئي جنس جي شخص سان پيار پيو هجي

کائڻ جي اڃا ڪانه هئي، جو پيٽ ڀريل هوا. ڪيسورام جي ڪٽ وڏي دالان جي ڪنڊ ۾ پيل هئي. مون کي وٺي هلي پاڻ سان سمهاريائين. پوءِ مون کي زور سان ڀاڪرون پائڻ ۽ چميون ڏيڻ لڳو. آهستي ڪري، منهنجي اڱٺ کي ڏنل ڏيڍ ڍڳڻ جي چيڙي کي چڪي ڇوڙيائين. جڏهين سٽڻ کي هيٺ ڪري، اڳيان پنيان هٿ ڦيرڻ لڳو، ته مون روئڻ شروع ڪيو. گهٻرائجي، مون کي پرچائڻ لڳو. منهنجو روئڻ بند ٿي نه ٿئي، جو ڏڏڪي گانڌ ٻپ وڌهي ولم. غير سڀاويڪ وهنوار جو احساس ٿيم. اُگهاڙي ٿيڻ جو شرم ٻه، کائڻ لڳم. منهنجو روئڻ چالو رهيو. ڪيسورام ٻپ ۾ اچي منهنجي سٽڻ مٿي ڪري اڱڻ ٻڌي ورتو. منهنجي روئڻ تي ڪيسورام جي ٻڍي ماءُ جاڳي پيئي هئي، پڇندي اچي اسان وٽ پهتي. ”ڇو پٽ، ڇا ٿيو؟ ماڻت ياد آيا اٿئي؟“ ڀرانڙي پائي، وٺي هلي پاڻ سان گڏ سمهاريائين ۽ پرچائڻ لڳي، تڏهين مون کي آٿت آيو ۽ روئڻ ڏميو. باقي ٻه راتيون ته مان ٻڍڙن سان گڏ سمهيس. ڏينهن جي وقت ڪيسورام مون کي گهمائيندو، ڦيرائيندو ۽ شيون کارائيندو هو. مان ٻي دليو ساڻس ڦرندو رهندو هوس. هو هڪ ئي ڳالهه ڦيرائيندو هو: ”چاچن کي ڪجهه نه ٻڌائج. چاچن کي ڪجهه نه ٻڌائج.“ موٽڻ تي مون چاچن سان هن ڳالهه جو ذڪر ڪونه ڪيو. سانده ۷۵ سال ٻه هن ڳالهه کي دل ۾ لڪائي رکيو هوم. پر هاڻي جڏهين مان هن ڳالهه تي سوچيان ٿو ته گهرڻا جي ڀاونا جاڳي ٿي ۽ ڪيسورام کي اخلاقي ڏوهاري ٺهرايان ٿو. پر مٿس ترس به اچي ٿو. ظاهر هو ته هيڏي وڏي عمر تائين ڇڙو ڇانڊ رهجي ويو هو. هو جنسي بک جو شڪار ٿيو. هوس جي وس ٿي موقعي جو فائدو ورتائين ۽ غير سڀاويڪ حرڪت ڪري وڌائين.

هڪڙي ڏينهن صبوح جو اُٿيس ته منهنجي پاءُ موهن چيو

ڪڏهين ڪيترو ڪندو هوس ته مون کي جهنگل واري ڪوٺيءَ ۾ وٺي هلو. هيءَ ڳالهه اُن سمي جي آهي. اُتي ساڳئي ڏنڌي وارا ٻيا ٻه واپاري هوا، جن جو منهنجن چاچن سان سٺو رستو هو، اهڙي قدر جو کاڌو ڀل الڳ ڪوٺين ۾ تيار ٿيندو هجي، پر ڏينهن رات سڀئي گڏجي ويهي کائيندا هوا. هنن جو وڏو پاءُ ڪيسومل چڙهيل عمر جو هو. مٺو اچو هوس. واڻيءَ جو سنهو چولو ۽ ٽوپي پائيندو هو. جڏهين به مان ٻيلي واريءَ ڪوٺيءَ ۾ ويندو هوس ته مون کي پيار پريا هٿڙا ڳهمائيندو هو ۽ ڪڏهين ڪڏهين ڳل کي چمي وٺندو هو.

سنڌ ۾ لڪي تيرٿ جو ميلو لڳندو هو. لڪي جبل جي ڀرِ ۾ لڪيءَ جو شهر هو، جتي ڪيسورام وارا رهندا هوا. هڪ ڏينهن ڪيسورام چيو: "لڪي جو ميلو ڏسڻ هلنداين؟" ميلي جو ٻڌي لالچ ۾ ويس. اڪثر تيار ٿي ويس. ڪيسورام منهنجن چاچن کي چيو ته مان هن کي ميلي تي وٺي ٿو وڃان. ٻن ٽن ڏينهن کانپوءِ واپس موٽي ايندا سون. منهنجا چاچا مون کي هر طرح خوش ڏسڻ چاهيندا هوا. سو منهنجي دل ڏسي راضي ٿي ويا. صبوح جو سوير ئي اسين گهوڙي تي چڙهي نڪتاسون ۽ شام جو دير سان اچي ڪيسورام جي گهر پهتاسون. سندس ٻيڙا ماءُ پيءُ مون کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا. ڏاڍو پيار ڏنائون. خوب کارائي رات جو ٻارن سان وچ ۾ سمهاريائون.

ٻئي ڏينهن تي ڪيسورام مون کي ميلي تي خوب گهمايو، ڦيرايو، کارايو ۽ خرچايو. چوڏولن تي وٺاسون، ٻتلين جا کيل ڏٺاسون، بازيگرن جا پولڙين کي نچائڻ جا تماشا ڏٺاسون، کوکي واري ڪئميرا سان ڦوٽو ڪيئرايوسين، مٺايون ۽ ميوا کاڌاسون، راندڪا ورتاسون ۽ ٻي به ڪيتري وانڌر ڪئي سين. ڪافي دير سان گهر موٽياسون. ٻيڙا اوڳاڻ ئي ڪٿن ٿي سمهيا پيا هوا.

سياڻي ميٽ لڳل پٽي ڪٺي اُجهاڻ لہ سبق لکي ڏيندو سانه.”
پوءِ منهنجن ٻانهن کي پٽي تيار ڪرڻ لاءِ هدايت ڏيندا هئين ۽
وچڻ لاءِ اشارو ڪيائين. مون کي ٻين ڇوڪرن سان گڏ سبق
اُچارڻ لاءِ چيائين. مولوي صاحب الف-انب، بي-بلا،
بي-ٻڪري، پي-پلو.... سر سان چوندو ويو ۽ اسين سڀ ٻي
ٻار گڏجي سائين سر ۾ اُچاريندا وياسون.... منهنجو ملان
جو ڀپ اُن ڏينهن کان غائب ٿي ويو ۽ پڙهڻ جي ڏن جاري
ٿي وئي. صبوح ساڻ اُٿي مڪتب ۾ پهچندو هوس. سبق
پنهنجان سبق پورو ڪندو ويس........

پوءِ هڪ ڏينهن اوچتو طوفان آيو، جنهن اسان جي گهر
مٿان موت جي ڇانيا وڌي. جنهن ۾ اسان جو ڪٽنب لہ دربدر
ٿي ويو، ۽ موري لاڪي جهڙي منڙي ڳوٺ جي امن کي ٻے
اُجگڙ ڪري ڇڏيو. مان اُن وقت جهنگل واري ڪوٺيءَ لي
رهيل هوس. ٻہ چاچا ۽ ٻہ ٻائر ٻہ اُتي رهيل هوا. باقي ٻہ چاچا
ڳوٺ واري گهر ۾ هوا، جيڪي دڪان سان لڳولڳ ٻنا چٽ
واري اوطاق ۾ سمهندا هوا. رات جو ڳوٺ ۾ چور آيا، دڪان مان
مال چورائڻ لاءِ. اوطاق ۾ ستل مڙس مٿان جاڳي نہ پون، ٿهنڪري
پهريائين هوءَ، ٿڪيڙي پت ٽپي اوطاق اندر گهڙيا. ننڊ ۾ ستل
بيگناه ۽ بيخبر منهنجن ٻن چاچن جا سر ڪهاڙين جي ڌڪ سان
ڌڙ کان ڌار ڪيائون. دڪان جو دروازو ڀڃي، جيترو مال ڪٺي
سگهيا، کنيائون. باقي بچيل مال کي تيلي ڏئي آگ لڳائي
پوءِ رفوچڪر ٿي ويا. ڪنهن بہ بهر کي بہ
جاڻ نہ رهي نہ رات جي ڪاري چادر اوڙهيل ڳوٺ ۾ ڪهڙو
قهر ٿي چڪو آهي. هت اها ڳالهہ ٻڌائڻ ضروري آهي نہ مان
هر رات پنهنجي چاچي سومچيمل سان گڏ اوطاق ۾ سمهندو
هوس. انهين ڏينهن جي شام ٿي پهري مان ڳوٺ واري گهر موٽي

نه سيکهه ۾ تيار ٿي وڃان نه مڪتب (اسڪول) ۾ ڇڏي اچانءِ. مون روئڻ شروع ڪيو ته مان مڪتب ۾ نه ويندس. ترڪوداب ڏيئي مون کي تيار ڪيائون. پوءِ به مون وڃڻ کان نابري واري ته ٻئي پاءُ نوڪر کي سڏي ورتائين. ٻنهي پاسن مون کي ٻانهن کان جهلي گهر کان ٻاهر آندو، ڏٺائين ته مان پاڻ ڇڏائڻ لاءِ زور لڳائڻ ۽ پٽڻ لاءِ مڪون ۽ لتون هڻڻ لڳو. غصي ۾ اچي هنن مون کي ٽنگا ٽولي ڪيو. هڪڙي ٻنهي ٻانهن کان جهليو، ٻئي ٻنهي ٽنگن کان ورتو ۽ انهن کڻندا ڳوٺ جي مسيت (مسجد) ۾ اچي پهتا، جيڪا اسان جي گهر جي بلڪل پٺيان پن ڇهن سؤ والن جي دوريءَ تي هئي. مسيت جي اڱڻ ۾ ڇاپادار وڻ جي هيٺان هڪ وڏو ڪاٺ جو پاٽيو پيو هو، جتي ٻيا ٻار به ويٺا هوا؛ مون کي آڻي ان تي وهاريائون. سامهون موڙي تي وڏي سفيد ڏاڙهي ۽ مڇن وارو هڪڙو حشمت وارو بزرگ شخص ويٺو هو، جنهن کي مٿي تي ڪلاهه (لنبي ٽوپي)، هڪ هٿ ۾ تسبيح ۽ ٻئي ۾ ڪتاب هوس؛ جيڪو نديو قرآن ٿي سگهيو ٿي. منهنجي پاءُ موهن ادب سان چيو: ”مولوي صاحب، اسين پاپاٽي ڪٽنب مان آهيون. هيءُ اسان جو نديو پاءُ آهي. ڪيس اوهان جي حوالي ڪرڻ آيا آهيون. پڙهائي پڪو ڪجوس. اوهان جا لڪ، ٽورا ٿيندا.

مولوي صاحب وراڻيو: ”آءٌ اوهان جي بزرگن کي سڃاڻان. اوهين ڪوبه اونو نه ڪجو سندس پوري سنڀال ڪندس ۽ علم جي گنج مان سندس جهولي ڀريندس.“ مون کي ڪوٺي چيائين: ”ٻچڙا، هيڏي اچ“. ڏاهي ٻار وانگر اٿي وڃي اڳيان بيٺس. منهنجي مٿي تي هٿ ڦيرائي، چيائين: ”ڏاڍو سڀاڳو پيو لڳين. دل لڳائي پڙهندين نه؟“ مون ڪنڌ لوڏي ’ها‘ ڪئي. وري به مٿي تي هٿ گهمائي چيائين: ”شاباس“ ڏاهو ٻار آهين.

پيئون ڳالهين ۽ مون کي به پيئون پرچائين ....

ٻئي ڏينهن ٽي پهر واري سڪرنڊ شهر مان، جيڪو تعلقي جو هيڊ ڪوارٽر هو، ڳاڙهي پڳڙي واري پوليس جو ٽولو اچي پهتو. پوليس ڳوٺ جي وڏيري (نالو ياد نه رهيو اٿم) کي آڏي پڇا لاءِ گهرايو. اسان جي گهر جي سامهون هٿيار بند پوليس بيٺي رهي. انهن ۾ جيڪو آفيسر هو، سو خاڪي ورديءَ ۾ هو ۽ ٽوپلو مٿي تي هوس. پاسي کان چمڙي جي پٽي ۾ پستول به لٽڪي رهيو هوس. هو ڪرسيءَ تي ويٺو هو ۽ وڏيرو سڌو ٿيو سندس سامهون بيٺو هو. ٻنهي جي وچ ۾ گفتگو هلي رهي هئي. ڳوٺ جي ماڻهن جو ميڙاڪو، ٿوري فاصلي تي ڊپ ڳاڙ انتظاريءَ ۾ تماشبين بڻيو بيٺو هو. اوچتو زوردار ٺڪاءُ ٿيو، گويا بندوق مان گولي ڇٽي. ماڻهن ڏٺو ته وڏيري جو وڏو پٽڪو زمين جي ڌوڙ چٽي رهيو هو. پوليس آفيسر وڏيري کي چماٽ وهائي ڪڍي هئي، جنهن جو اهڙو ٺڪاءُ ٿيو هو. ماڻهو ڇرڪجي، ڊپ ۾ ٽڪڙو ٽڪڙو ٽڙي پکڙي ويا. وڏيري زمين تان پنهنجو پٽڪو کنيو ۽ ان کي ڇنڊي مٿي تي رکيو. پوءِ پوليس آفيسر جو آواز آيو. ڪڙاڪيدار آواز ۾ چئي رهيو هو: ”اگر هفتي اندر خوني نه حاضر ڪيا ويا ته اچي توکي خونن جي ڏوهه ۾ هٿ ڪڙيون لڳائيندس“. چار سپاهي پاڻ سان وٺي هو روانو ٿي ويو؛ باقي سپاهي ڳوٺ ۾ رهيا، جن جي رهائش ۽ کاڌي جو بندوبست وڏيري جي اوطاق ۾ ڪيو ويو.

هاڻي سڀ ڦري وڏيري جي اوطاق تي. سندس عزت ڳوٺ جي خلق اڳيان مٽيءَ ۾ ملي چڪي هئي. مٿان وري خونن جي ڏوهه جي تلوار سندس سر مٿان لٽڪيل رهي. کيس ستن ڏينهن جي مهلت ملي هئي. ٽر جي سڀني نامي گرامي چورن کي موچڙن ڏيڻ جو ڪم وڏيري جي اوطاق ۾ شروع ٿي ويو.

اڇٺو هوس. ٻه گهڙي ڏيڍ ٿي وڃڻ ڪري، چاچڻ رات جي اونداهي وڳڙي ۾ جهنگل مان وڃڻ جي موڪل ڪانه ڏني. صبوح جو سوير نڪري وڃڻ جي هدايت ڪئي. اڳيو اڳئين ڏينهن ئي مان گهر پهچان ها ته ٻنهين منهنجو سو ٻه، ڏڙ ڪان ڏار ڪيو وڃي ها.

ايندين ويندين جڏهين پاسي وارن ٻنهين ڏٺو ته ٻاٻاڻي پاڙ گهڙي ڏير ڪاٻوءَ ٻه ڏسڻ ۾ ڪونه ٿا اچن ۽ ٻئي طرف دڪان جو در کليو پيو آهي ۽ اوطاق جو در بند آهي ته سياوڪ شڪ اٿيو. پڪڙ پهاڙ ڪرڻ تي معلوم ٿيو ته وڏو قهر ٿي ويو آهي. ڪونڌر ڪسجي ويا آهن. ڳوٺ ۾ چوڌر واڪا مچي ويا، هراس ڇانئجي ويو. اسان جي گهر ۾ ماتم مچي ويو. ٻنهي ٻڳا ڳوٺ جي وڏيري وقت ته هو ٻه واردات تي پهچي ويو.

مان ۽ منهنجو ڀاءُ موهن، اُسر ويلي ٻيلي مان نڪتا هئاسون، اچي گهر پهتا ٿياسون. ٻرپان گهر جي ٻاهران ماڻهن جو ميڙاڪو ڏسي حيران ٿياسون، پر سمجهي نه سگهياسون ته ڪهڙي ماجرا آهي. ويجهو پهچي گهوڙي تان لٿاسون ته چاچڻ جي ڪسجڻ جي دردناڪ خبر ملي. رڙيون ڪندو، ڊوڪندو اوطاق طرف ڀڳس، پر دروازي تي بيٺل ٻنهين مون کي روڪي ٻهاريو، اندر وڃڻ نه ڏنو. گهڙو ٿي ڦٿڪيس پر مون کي لاش ڏسڻ نه ڏنائون، جو سندن سمجهه ۾ درشيه ڏاڍو ڀيانڪ هو. منهنجي من کي شايد ڌڪڪو پهچي. مان زمين تي ڪري پيس ۽ ليٽڙيون پائڻ لڳس. زارون زار روئندي پاڻ کي مارڻ لڳس. منهنجي ڀاءُ موهن اچي مون کي ڪنڌ ۽ ڪلهي تي رکي، گهر اندر وٺي آيو، جتي منهنجي ماءُ ۽ ٻه ڀينرون ماتم مچائي رهيون هيون. مون کي پٽ ۾ ليٽڙيون پائيندو ڏسي، هن کي پنهنجو ڏک نه وسري ويو. ٿيهي اچي مون کي ڀاڪر ۾ پاتو. ڳوڙها اــ

هئڻ هو، تنهن بابت قياس آرائي ڪرڻ فضول ٿو سمجهان. ڪيس شڪ جو شڪار بڻائڻ لاءِ به، مون وٽ ڪي ٺوس سبب ڪونهن. اُن وقت جي اَنڌي جاگيرداري نظام ۾ گهڻو ڪجهه ممڪن هو، پر اِها به روشن حقيقت آهي ته، وڏيرو ڳوٺ جو "اَبو اَما" ليکيو ويندو هو. اسان جي ڳوٺ جو وڏيرو اُنهيءَ جنس مان هو. ڳوٺ جو خيال رکندو هو. ڪنهن کي به ڪا تڪليف ٿئي يا ڪو ٻيو لوفر اڙٻنگائي ڪري ته دانهين وڏيري وٽ ويندو هو. هو سڀ ٻج لفنگن کي ٽڪٽڪيءَ تي چاڙهيندو هو ۽ آئينده لاءِ توبهه ڪرائيندو هو. هندن کي ته خاص داد فرياد ملندو هو، سندن سلامتيءَ جو خاص خيال رکيو ويندو هو. اهو به سچ هو ته، هندو ٻوناٽي جيوت جي آرٿڪ پانڇي جي اهم ڪڙي هوا. ليو-ڏو واپار گهڻي ڀاڱي سندن هٿ ۾ هو. ڪرت ڪار ۽ ليو ڏو هنر مسلمانن جي حوالي هو. زمينداري به گهڻو ڪري مسلمانن وٽ هئي ته هاري ناري به اُهي هوا. سون چاندي ۽ وياج وٽي جو ڪم وري هندن وٽ هو ۽ انهن مان ڪي زميندار به هوا.

وڏيري جي حويلي تمام وڏي هئي. منجهس وڏي اوطاق، جيڪا انهيءَ دور دربار به ۽ وندرگاهه به هئي. وڏيرو هر صبح جو ڏولن سان سجايل کٽ تي اچي ويهندو هو. اگر ڪو دانهين هوندو يا ڪڙمي ڪاسبي گهرجائو هوندو ته اچي هيٺ وڇايل فراسن تي ويهندو. سڪر ماڻهن لاءِ مڇيون ۽ موڙا هوندا هوا. اگر ڪو وڏيري جو ٿالي هوندو ته پرسان سجايل کٽ تي وهڻ جي آڇ ڪئي ويندي هئي. ٻيا به ڪيترا ڪچهريءَ جا ڪوڏيا وقت بوقت اوطاق تي ايندا ۽ پنهنجي حيثيت سارو جڳهه وٺندا هوا. پهرين دانهين ۽ گهرجائن کي ٻڌي، ڪين روانو ڪيو ويندو هو. پوءِ اوپاريون لهواريون ڳالهيون هلنديون،

اُن ڏهن ڪوهن جي اراضيءَ ۾ جيڪي بہ شاهوڪار هئا، تن
کي وڏيري جا ماڻهو ٻڌي، ٻڌي ڪري، اوطاق ۾ وٺي
ايندا هئا. سڃي ڪرائڻ لاءِ ٻهراڻ تہ وڏيرو ڪين
دل لي مارون ڏيندو هو، پوءِ بہ جي ڏوهہ نہ باسين تہ ڪپڙي
جي ڏوليءَ ۾ سنڌو ليٽايو ويندو هو، جنهن هٿن ۽ پيرن جون
ترارون مٿي هجن ۽ وڏيري جا ڪمدار لوڻ جي پاڻيءَ ۾ پسيل
سنهن نيت جي لڪڻ سان ترين تي مارو ڪندا هئا، جيستائين
اُهي رتوريت نہ ٿي وڃن. اهڙي چيچلائڻ ڪانپوءِ بہ جي
واسطيدار شخص وات نہ کوليو تہ ڏنگن ٻانهن کان وٺي ڪيس
اُس ۾ اُڇليو ويندو هو تہ پل ڦٽ سڙنس تہ من ڪا ٻڙڪ ٻاهر ڪڍي.

ست ڏينهن اهو حيواني سزا جو سلسلو جاري رهيو، پر
خولين جو ڪو بہ پتو ڪونہ پيو. ان دوران هندن جا وپارو
گهر ڌاري، هڪ هڪ ڪري روئندا، موري لاڪي کي
اَلوداع ڪرڻ لڳا. منهنجن چاچن پڻ نپڙ سهيڙڻ شروع ڪيا.
ڳوٺ جي جائداد، مال ٽوڙي ٻيلي وارو ڌنڌو، ڪجهہ ڪيائون،
ڪجهہ غريبن کي ڏنائون، ڪجهہ ڇڏيائون ۽ جو کڻڻ جوڳو
هو، سو پاڻ سان کنيائون. وڏيري کي خبر پيئي تہ چاچن کي
گهرائي، ساڻن دلي همدردي ڪيائين ۽ کين اهو بہ آٿت
ڏنائين تہ خولين کي ڳولي لهبو، اوهان جي آئيندي سلامتيءَ
جو بندوبست ڪبو. پنهنجن اَبن ڏاڏن جي پڳن کي ڇڏي نہ
وڃو. غريب غربو ۽ گهرجهائو اوهان جي وڃڻ ۾ راضي نہ آهي.
پر جتي سنڌن بہ مرابي پاڻ ڪسجي ويا هوا، سو گهر کين کائڻ
ٿي آيو. فيصلو اَٽل هو. ليڪ اسين بہ هڪ ڏينهن موري لاڪي
کان وڇڙجي وياسون.

گناهہ جي دنيا وڏي، ڪاري ۽ وڇڙ آهي، تنهن ۾ ڪو بہ
شڪ ڪونهي، پر منهنجن چاچن جي خون ۾ وڏيري جو ڪو

وڃي رهيون آهن زخميل سمي جون ساريون.

جيون هڪ مهاساگر مثل آهي، جنهن ۾ وقت بوقت وڏا طوفان اُٿن ٿا، زلزلا پرگهٽ ٿين ٿا، پر ڌيري ڌيري اُهي شانت ٿي وڃن ٿا ۽ ساگر وري ماٺو ٿي وهندو وڃي ٿو. ساڳيءَ طرح انساني زندگيءَ ۾ دکدائڪ گهٽنائون گهٽجن ٿيون، پر زندگي بيهي نٿي وڃي، روڪجي نٿي پوي. وهڪرو هلندو ٿو رهي. انسان ۾ دک سهڻ، سهسائڻ جي وڏي شڪتي آهي. جڏهين هڪ ساڌارڻ پرندو، وڻ ڪري پوڻ يا سڙي وڃڻ ڪري، پنهنجو آکيرو ٻئي وڻ تي اڏي ٿو، ساڳيءَ طرح انسان به هڪ هنڌان آکيرو ٽٽي وڃڻ تي ٻئي هنڌ جوڙي ٿو.

منهنجا ناناڻا، ساڳئي سڪرنڊ تعلقي جي هڪڙي ٻئي ڳوٺڙي صابو راهوءَ ۾ رهندا هئا. جيڪو موري لاڪي کان ٿورن ميلن جي پنڌ تي هو. چاچن اها راءِ ڀيهاري ته جيسين ڪنهن نئين آستان جو پڪو فيصلو ٿئي، تيسين ڪجھ وقت لاءِ منهنجن ناناڻن جي گهر ٽڪاڻو ڪجي. ٻڌي گاڏين ۾ مال کڻائي اچي ناناڻي گهر ڀيڙا ٿياسون. ماءُ، ڀينرون، ڀائر ۽ مان اُتي ئي رهجي پياسون. باقي ٻه چاچا پاڻ سان ميڙي چونڊي نقدي کڻي نوابشاهه هليا ويا، جتي اسان جي پڦي رهندي هئي. پنجن ڀائرن ۾ اڪيلي ڀيڻ هئي. جنهن جي نوابشاهه ۾ شادي ٿيل هئي. اٽڪل ڏيڍ مهنا اسين ناناڻن وٽ رهياسون. ڪڏهين ڪڏهين ٻن چاچن مان هڪڙو، ڏينهن اڌ لاءِ اسان وٽ ايندو هو ۽ اسان کي آٿت ڏيئي ويندو هو ته هنن اسان جي پڦڙ جي گهر جي بلڪل سامهون، زمين جو هڪڙو ننڍڙو ٽڪر ورتو آهي جنهن تي گهر اڏائي رهيا آهن. جلد ئي جڳهه ٺهي تيار ٿيندي ۽ جئن ئي اها تيار ٿي بيٺي ته، اسان کي وٺي هلي اُتي ٿاڻو ٽڪاڻو ڪندا.

ڏاڙا گهڻا ٻه ٿيندا. وڏر لاءِ ڪڏهين وري چوپڙ گهڻن جي
محفل لڳندي يا وري ڳجهارتن جو بہ دؤر هلندو. رات جو
محفل هوندي تہ الف ليلي، ديو پرين ۽ سنڌي لوڪ ڪهاڻين
جي قصا گوئي ٿيندي، جيڪا رات جو دير تائين هلندي.
ڪڏهين ڪڏهين تہ سازندڙ ۽ راڳيندڙن جي ٽوليءَ جو اوطاق
۾ پروگرام رکيو ويندو. ڪافيون، بيت، ڏوهيڙا، محفل ۾
ڪافي موج مچي ويندي هئي. سازن ۾ يڪتاري ۽ نڙ يا
پينوُن وڄائڻ وارا پول هوندا هوا، جيڪي روح کي رلجهائي
ڇڏيندا هوا. عيد يا ٻئي جشن واري موقعي تي، وڏيرو طائفي
وارين، جن کي اُن وقت جي عام ٻوليءَ ۾ ڪنچرين چوندا هوا،
شهر مان گهرائيندو هو. پوءِ تہ سڄو ڳوٺ اچي پلٽجندو هو.
آسي پاسي کان شوقين ۽ تماشبين بہ اچي ڳاهٽ ٿيندا هوا.
گالي ۽ ناچ تي فدا ٿيندڙن جي چڙاپيٽي ڏسڻ جهڙي هوندي
هئي. پيسن جي گهور ڪرڻ ۾ شرط لڳندي هئي. ٽوٽن جي
ورڪا ٿيندي هئي. عاشق مزاج، پريان پريان نوٽ ڏيکاري طائفا
کي پاڻ وٽ گهرائيندا هوا ۽ هٿ سان نوٽ ڏيئي کيس ڇهڻ
جي ڪوشش ڪندا هوا. ڪي تہ نوٽ ڏندن جي وچ جهليندا
هوا، جئين طائفا سندن ايڏو قريب اچي، نوٽ سندن وات مان
ڇڪي ڪڍي ڪٽي ۽ پوءِ ٺـڏا شوڪارا پوندا هـوا ۽ خلق ۾
ٽهڪڙو پئجي ويندو هو. وڏيرو ڪڪڙن جي وڙهہ بہ ڪرائيندو
هو ۽ ملاکـڙي لڳائڻ جو بہ شائق هو. ملهہ سنڌ جي بهادرن
جي راند هئي ۽ کـلهي ميدان تي کٽي ويندي هئي. ولجهي
چڪ جـا ملهہ دعـوت تـي اچـي مڙنـدا هوا. هزارين خلق
تماشبين هوندي هئي. پريان پريان ماڻهو ڏاند گاڏين ۽ اٺن
تي بہ اچي پهچندا هوا. ٻيا وڏيرا ۽ زميندار بہ ايندا هوا ۽ ملهہ
وڙهندڙ جو قدر ڪري کين انعام اڪرام ڏيندا هـوا. هاڻي تہ

وري لڏو پنڊ ۾ ٻه - ٽي ڏينهن لڳا. سمورو ڪٽنب اچي نوابشاهه پهتو. پهريان ٻه ڏينهن پڪيءَ جي گهر ڪٽوسين، جيسين هر ڳالهه جو بندوبست ٿي ويو. پوءِ اسان جي گهر جو ڪاروبار بانيم شروع ٿي ويو ۽ اسين ٿاڻيڪا ٿياسون.

منهنجن ڀائرن ساڳيو پان بيڙيءَ جو ڌنڌو قائم رکيو. ٻن چاچن مان وڏي چاچي ايسرداس پڻ ساڳيو پراڻو ڪوئلن جو ڌنڌو شروع ڪيو. ننڍو چاچو وشنمل، گهر جي سنڀال ۽ ٻين ننڍي وڏي ڪم لاءِ رهيو. هو ڌرمي لاڙي ۽ شيوا ڀاءُ وارو هو، متان جو وري ٻن ڀائرن جي ڪسبي وچڙ جو ڌڌڪو رسيو هوس ته دنياداريءَ تان دل کڻي ويس. هو ٻس ڳالهين ۾ مشغول رهندو هو. صبوح شام ٺڪاڻي وڃي ٿورو پڳتي پڄڻ ڪندو هو ۽ باقي گهر جي مهڙ واري اوطاق ۾ پنڌڇن جي شيوا لاءِ چلم تياهي رهندو هو. وڏو پاٽيءَ جو مٽ ٻه پيري ڪٽب ۾ رکندو هو، جنهن جي وڏي پيڪ ٿي لوٽي ۽ گلاس پيا هوندا هئا. آسي پاسي وارا ٻيا رستي تان لنگهندڙ پنڌيج قوڪ پڻ لاءِ ايندا ٿي رهندا هئا. پياسا ٻه پاڻي پي ويندا هئا. جيڪڏهين ڪو فقير يا مسلمان پاڻي پيڻ لاءِ ايندو هو ته ٻاد اٿم هن کي لوٽيءَ سان ٻڪ ٿي پاڻي پيئاريو ويندو هو. اهو پيدي وهنوار ٿي هو جيڪو اڳتي هلي سنڌي هندن لاءِ ڏک جو ڪارڻ بڻيو. انهيءَ کهاڻيءَ ٿي پوءِ ٿيا اچون. اوطاق ۾ چلم جي چوڌاري رات جو ڪافي دير تائين محفل متل هوندي هئي. ڪڏهين ڪڏهين تاش جا شوقين رانگ وار جي چوڪڙي ٻه ٻڌندا هئا. ڪافي موج مچندي هئي. وڏي عمر جا ٻزرگ چؤپڙ ٿي ٻه هٿ ماريندا هئا.

نوابشاهه ۾ اچي، منهنجي پڙهائي پڻ ٺاڻي ٺڪاڻي ٿي. هڪڙي ڏينهن منهنجو چاچو ايسرداس هليو، مون کي پاڙي ۾ هلندڙ پرائمري

صابڻ راهوءَ ۾ منهنجن ٻن ڀائرن ڀان - ڀيڻيءَ جو ننڍڙو ٻاڪڙو لڳايو، جنهن نانيءَ جي گهر هلائڻ ۾ هٿي ڏيئي سگهڻ. نانو گذاري ويو هو. ڪيس ٿي پٽ هئا، پر ليکڻ ڪونه هون. تنهن ڪري گهر جي حالت تنگ هئي. مون کي اسڪول ۾ وهاريو ويو، تنهن ڪري پڙهائي وري شروع ٿي ويئي. نئين گهر ۽ نئين ماحول ۾ منهنجي دل ڪانه ٿي لڳي. عمر جي نسبت ۾ مان وڏو ڪنيپر ٿي ويو هوس. گهمڻ - ڦرڻ، دوست ناهڻ جو چاهه لهي رهيو هو.

اسڪول ڪانسواءِ واندي وقت ۾ مان ٻه ڳالهيون ڪندو هوس. هڪڙو هو ٻاٽي ڀرڻ جو ڪم. نانيءَ جي گهر ڀرسان ڪنهن سيٺ جو گهر هو، جنهن جا صبوح ۽ شام ٻاٽيءَ جا مٽ ڀريندو هوس، جنهن لاءِ هڪ پيسو صبوح جو ۽ هڪ پيسو شام جو ملندو هو. عرش تان اچي فرش تي ڪريو هوس. اڄ مون کي ٻري ڪانه لڳي. انهن ڏينهن ۾ ٽڪو (ٻه پيسا) غنيمت هو. مون کي ڪنمنڙا ڪائڻ جو ڏاڍو شوق هو. چڱي ٿي جو هرپل هوس. صبوح ٿوڙي شام ڪنمنڙا وٺي چوسيندو رهندو هوس. باقي واندڪائيءَ جو وقت، مان ڳوٺ جي ڀرواري پاٽيءَ جي ڪڏ جي ڪناري تي وڃي، اڪيلو ويهندو هوس. اتيا پٿر ڳولهي پاٽيءَ ۾ اڇليندو هوس ۽ گول گول ڦهلجندڙ ڇلن کي ڏسندو هوس. ڳوٺ جا ٻيا ڇوڪرا ٻه صبوح ۽ شام ايندا هئا. ڪپڙا لاهي، پاٽيءَ ۾ ٽپي ٻوڙندا هئا ۽ ترندا هئا. مون کي ان لاءِ نڪو اُتساهه هو ۽ نڪا همت هئي. بعد ۾ اُها مون ترڻ جي ڪڏهين به ڪوشش ڪانه ڪئي. اڻتارو ئي رهيس.

ڏهاڪو مهينن ۾، اسان جي نوابشاهه واري جڳهه تيار ٿي ويئي. چاچو ايسرداس اچي ٻهتو ۽ اهڙي خوشخبري ڏنائين. ڪم ٿورو گهٽو رهيل هو. پر رهڻ جهڙي هئي. اسان کي وري

آئين؟" هن جواب ڏنو: "چئمپس، ٿورو ٻار ٿي پيو." رتن دوست ورائيندو: "چئمپس، مون کي تو کان سواءِ اسڪول ۾ مزو ئي ڪونه آيو." اڳلو ساڳيو ئي سر آلاپيندو: "مان به نه گهر ۾ توکي ئي ياد ڪري رهيو هوس." ائين ڪلاڪن جا ڪلاڪ پاڻ ۾ رهاڻيون ڪندا- دل جا درد به ونڊيندا، پر ستو ڪونه ڳالهائيندا، جيستائين ڪو ٻيو دل گهريو دوست ٻنهي جي پڄي ڪرائي، نه ته "چئمپس .... چئمپس ...." جي رٽ چالو هوندي هئي. ننڍي وڏي ڳالهه تي پيو روسامو ۽ پرچاءُ ٿيندو هو ۽ آڱريون ملائبيون هيون. ڇيچ ملائي اوٺي ڪبي هئي، ڏسڻي ۽ وچين ملائي پڌي ڪبي هئي. ننڍپڻ ۾ جوا به ڪبي هئي. مشهور هئي چٽن (ڪانچ جون گوليون) راند زمين تي ننڍو گول ڏاهي، ان ۾ گوليون رکبيون هيون ۽ پرڀان ٻنهي انهن کي چٽبو هو. جيڪي گوليون کڏ (گول) کان ٻاهر نڪتيون، سي چٽيندڙ جون ٿينديون هيون. سيڪو ٻنهي جي واري تي نشان چٽيندو هو. گولين ۾ چڱي هار جيت ٿيندي هئي. مون وٽ گولين جو دٻو ڀريل هوندو هو. خرچيءَ مان ڪجهه بچائي گوليون وٺبيون هيون. ٻي راند هوندي هئي اڪر ٻوري، جنهن ۾ ڪجهه به لڳائي سگهبو هو- پائون هجن، ڪوڏيون هجن، ٻلور هجن، ننڍا بسڪيٽ هجن، ڪجهه به. پٽي سان نئون راند ۾ ڪوڏيون ۽ پائون هلنديون هيون. هڪ ٻي راند هئي مزيدار، جنهن ۾ سڪي جي پٺيان ڇپيل سال جي پهرين انگن کي آڱر سان لڪائي باقي پويان ٽي انگ ڏيکاري شرط لڳائبي هئي. اگرچي اڳلو سڪي تي لڳل سال برابر ٻڌائي وٺو ته سڪو سندس ٿيو، نه ته کيس ساڳي ملهه وارو سڪو ڏيڻو پوندو هو. ٻوڏا ٿڌڙي جي ڏڻ جي موقعي تي پٽي سان جوا کيڏندا هوا. سؤن ۾ هار- جيت ٿيندي هئي. منهنجا ڇاچا پٽي کي هٿ به ڪونه لائيندا هوا،

اسڪول ۾ داخل ڪرائي آيو. ڪٽنب لاءِ نازل ٿيل درگھٽنا ڪارڻ، منهنجا ٻه ٽي سال ته واهه جو وقت نڪري ويا. منهنجي اسڪول ۾ داخلا به دير سان ٿي هئي. هاڻي ٻئين سر جڏهين پرائمري اسڪول ۾ داخل ٿيس ته منهنجي عمر ڪافي وڏي هئي. اهو خيال ڪري ۽ ٿوري پڙهائي ته ڪري چڪو هوس، مون کي ٻاراڻي بجاءِ پهرئين درجي ۾ داخلا ملي. اڳتي هلي پنهنجي هوشياري ۽ ڪلاس ماستر جي راضپي ڪارڻ ٻيون ۽ ٽيون درجو به گڏي پاس ڪيم ۽ هڪ ٻيو سال به بچائي ورتم. ٻن سالن جي اندر سڌو چوٿين ڪلاس ۾ ٽپو ڏنم.

اُن زماني ۾ اسڪول وڃڻ وقت پيسو خرچي ملندي هئي ۽ پيسي ۾ به بادشاهي هوندي هئي. ڇا ڇا نه پيسي ۾ ملندو هو دال پوري به پيسي ۾ ته چولا ٻئل به پيسي ۾، ڪٽمٺڙن جو ٻڪ به پيسي ۾ ته جهول پڪوڙن جو به پيسي ۾ ملندو هو. الڏهين پائيءَ جو به ملهه هو. پائيءَ جي ٻڻ آڌيلو ۽ پيسي جي ٻڻ ٽڪو، ٽڪي ۾ ته الائي ڇا ملندو هو! رسيس جي وقت راڌومل ڇٻي وارو اچي اسڪول جي ٻاهران ويهندو هو. رسيس جو گھنٽ وڳو ناهي، ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جون ڇانگون ڪيس ورائي ويٺيون هيون. ”راڌامل مون کي ڏي.... راڌامل مون کي ڏي.......“ اهڙا ڪلاڪ ڇؤٻول مچو پيو هوندو هو. ٻڪيو، ٽلهو ٽانور گوهچي وارو، آڌيلي ۾ ڏل رهڻ جي ٻرڙي ٽاهي ڏيندو هو، ته آڌيلي ۾ گجت به ونئي سگهبو هو.

اُهي معصوم عمر ۾ رسڻ پرچڻ ۽ لپائيندڙ لموني جو هو. اوني - ٻڌي جي رسمت هئي. مزيدار ڳالهه ته اها هئي جو ٻه رنل دوست، نه ڳالهائڻ جو مڪر ڪري به پاڻ ۾ ڳالهائيندا هئا. جنهن لاءِ ٽياڪڙ خيالي شخص جي اوٽ وٺندا. اُن معرفت گفتگو ڪندا هئا. هڪڙو چوندو: ”چئينس ڪالهه اسڪول ڪونه

اسپتال، مسجد، سئنيما گهر، مساڻ ۽ وشوائن جون ڪوٺيون هيون. ڏکڻ وارو حصو غريب آباد سڏبو هو، جتي وچولو غريب طبقو وڌيڪ وسيل هو. ورهاڱي ۾ اُتي به اَڏاوت جو ڪم شروع ٿيو هو. ٻجلي گهر به اُتي ٺهرايو ويو هو ۽ ڪيترا شاهوڪار، بنگلا ٺهرائي اَچي رهيا هوا، پر پاڙو سڏبو اَڃا به غريب آباد هو- اَسان جو گهر به اُتي اَڏيل هو. شهر جي وچ وارو ٽڪر "چڪرو" سڏبو هو، جيڪو گولائي ۾ هو. اِهو ٽڪر ڌنڌي ۽ واپار جو مرڪز هو، جتي وڏا دوڪان، ڪوٺيون، آفيسون ۽ ٻيا ڌنڌي جا هنڌ هوا. شهر جي مکيه بازار هڪڙي هئي. جيڪا اُتر کان ڏکڻ ويندي هئي؛ ٻنهي پاسي گهڻي ڀاڱي هندن جي گهرن سان وسيل هوندي هئي. مسلمانن جا پاڙا اڪثر الڳ الڳ ايراضين ۾ ڦهليل هوا.

پرائمريءَ جا چار درجا پورا ڪري، اسين غريب آباد واري لوڪل بورڊ اسڪول مان ڦري، سوني بازار واري ولس هاءِ اسڪول ۾ آياسون، جيڪو خانگي سنستا جي سانڀ هيٺ هلندڙ هو. پنجين درجي کان انگريزي وشيه طور پڙهائي ويندي هئي. ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون گڏ پڙهندا هوا. هر ڪلاس ۾ پنجن ستن ڇوڪرين کان وڌيڪ ڪونه هونديون هيون، جيڪي اڪثر پڙهيل ڳڙهيل طبقي جي گهرن مان هيون، جن کي سنڌ ۾ "ديوان" سڏيو ويندو هو. ايڪڙ ٻيڪڙ ڇوڪري ڪا پائيپند ڪٽنب مان هئي.

جڏهين کان انگريزي درجن ۾ داخل ٿيس ته مان سٿڻ ۽ قميص سان گڏ ڪوٽ ۽ ٻيڙيءَ واري شڪل جي ڪاري ٽوپي به پائيندو هوس ۽ سياري جي موسم ۾ مفلر به ڳلي ۾ وجهي چوڌاري ويڙهيندو هوس. سيائي سان جوراب به پائيندو هوس. انگريزي ستين درجي ۾ مون سان هڪڙو اهڙو واقعو

پر منهنجا ٻئي ڀائر اُن 'شپ' ڏينهن تي ٻتي ۾ شامل ٿيندا هوا. مان وچي پرسان وهندو هوس. جي ڪين ڪو وڏو داءُ لڳو ته ٻه مان پائلي (چار آني) ڪيدي وٺندو هوس. صبوح کان وٺي شام جو دير تائين راند هلندي هئي. ڪنهن جا هارايو، ڪنهن جا کٽيو، سو نه هو ڄاڻن، پر پنهنجي جيت تي جيت هوندي هئي. ڏهه - ويهه روپيا گيدي ۾ وجهي اَٿندو هوس.

هوشيار ۽ ڄاڻو شاگرد هئڻ ڪري، ماسترن ۾ پيارو هوس. ۽ ٻهرين درجي کان مانيٽر مقرر ٿيس ته آخرين ٻارهين تائين مانيٽري ماڻيندو رهيس. اُن زماني ۾ ماستر، شاگردن کان پنهنجي گهر جو ڪم به وٺندا هـوا. ٻئي درجي ۾ ٽيڪمداس منهنجو ڪلاس ماستر هـو. آءٌ سندس پيارو شاگرد هوس. ٻن پيرڊن گذرڻ بعد هو مون کي ٻيا ٻه ڇوڪرا ڏيئي گهر جي ڪم لاءِ موڪليندو هو. اسين گهر جي ٻهاري ڪرڻ، ٿانو ملڻ، پاڻي ڀرڻ ۽ ٻيو صاف صفائيءَ جو ڪم ڪري وري اَچي ڪلاس ۾ وهندا هواسون. هو اڪيلو رهندو هو. اسڪول کان موٽڻ کان پوءِ ڪاڌو پاڻ اَچي ٺاهيندو هو. موڪل جي ڏينهن تي پنهنجا ڪپڙا به پاڻ ڌوئيندو هو. هن ئي مون کي ٻيون ۽ ٽيون درجو گڏ ڪٽايو ۽ ٻٽو ٽپو ڏيکاريو.

نوابشاهه شهر جي جاگرافي ڏاڍي سولي هئي. شهر جي اُتر ۾ مولي بازار هئي. جنهن جي ڇيڙي تي لوڪل بورڊ جي وڏي آفيس هئي. پڙهيل ڳـڙهيل طبقو- ڊاڪٽر، وڪيل، انجنير ۽ سکيو ستابو واپاري ورگـه گهڻي قدر مولـي بازار واري لٽي ۾ رهندا هوا. شايد ڪنهن انگريز ڪليڪٽر جي پٺيان اهو نالو پيو هوس. اوڀـر ۾ ريلوي اسٽيشن هئي، جنهن جي پٺيان سيٺ ٽوپڻداس جو ڪپهه ٽاڻڻ جو ڪارخانو هـو ۽ ڇگي جهوپڙٽي هئي. اولهه ۾ سرڪاري آفيسون، ڪورٽون، رانديڪن جا ميدان،

اُٿيو ۽ سڌو ڪيرت وٽ پهچي، هڪ چماٽ وهائي ڪڍيائينس. بس، ڪلاس ۾ قبرستان جهڙي شانتي ڇانئجي وئي. سڀ سن ۾ اچي ويا. وائڙن وانگر همدرد نگاهن سان ڪيرت ڏي نهارڻ لڳا. آخرڪار چماٽ ڪيرت کي ڇو لڳي؟ گوڙ نه سهڻي پئي ڪيو. ان پيريڊ کانپوءِ رسيس ملي. اڌ کن ڇوڪرا گهر هليا ويا. وري ڪلاس لڳو پر اڄڻ سان موڪل جو اعلان ڪيو ويو. شايد پهريون ڏينهن هجڻ جي ڪري.

”گهر وڃي هرڪنهن ٻار مائٽن کان ڇپي لڪائي نه ڪيس، ماستر چوئٿرام ساهي واري ڪلاس ۾ پڙهندو آهي ۽ نه ڪ سرينواس جي ڪلاس ۾. مون به اهڙي ڇپيءَ لاءِ پنهنجي پيءُ سان ضد ڪيو. منهنجي پيءُ انڪار ڪيو. چي: ماستر سرينواس هوشيار ماستر آهي، تون ان وٽ پڙهه. باقي جيڪا ڳالهه تي گذري آهي، ان جو پاڻيهي بندوبست ٿي ويندو.

”اسڪول کي مالي مدد لوڪل بورڊ وٽان ملندي هئي ۽ جتي نه منهنجو پتا اُن آفيس ۾ هو، تنهنڪري اسڪولن ۾ سندس هلندي پڄندي هئي. ٻيو اسان جو دوست هو، هوندو رامچند، جنهن جو پيءُ پڻ ساڳي آفيس ۾ هو. پر هو پيءُ کان ڇپي لڪائي چڪو هو. شام جو مسٽر رامچند ۽ منهنجو پتا ماستر سرينواس سان گڏيا. جنهن پنهنجي ڪيل غلطيءَ جي احساس جو اظهار ڪيو. ڪيرت کي هن واقعي ڪري ڪيتري همدردي حاصل ٿي جو هو هر دلعزيز بڻجي ويو.“

اُنهن انگريزيءَ ۾ اسانجو ڪلاس ماستر شري روچيرام ٿانواڻي بڻيو. هو ٻين ماسترن کان بلڪل نرالو هو. سنڌ جي مشهور ڪانگريسي پريوار مان هو. سندس پتا سچانند ٿيرومل ٿانواڻي سنڌ جي ڪانگريس جو وائيس پريزيڊنٽ، سالن کان رهندو آيو. سچو ڪٽنب قومي هلچل ۾ هو. ڪراچيءَ مان به سال ڪاليج

ٿيو، جيڪو ٿورن ڪن زندگيءَ جي ڪڙن واقعن مان ذهن تي اڄ ڏينهن تائين اُڪريو پيو آهي. ڇهون پاس ڪري. اسين ستين ڪلاس ۾ وڃي رهيا هواسون. جتي سياوڪ هو، بعد ۾ اچي اسين نئين ڪلاس روم ۾ ڏوڪيندا آياسون. سڀڪو پسند جي جڳهه حاصل ڪرڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙي رهيو هو ۽ پنهنجي دل گهرئي دوست پرسان ويهڻ لاءِ واڪو واڪاڻ ڪري رهيو هو. ڪلاس ۾ ٻاڪر ڪُٽو مچيو پيو هو. ماستر سرينواس گهڻوئي شانت ڪرائڻ لاءِ ٽيبل تي زور سان رول هڻي، ”بس ڪريو.... بس ڪريو“ چليو، پر ڇوڪر ڇٽي ذات جا ڪٿي ٿا ٻڌن! پنهنجي مستيءَ ۾ پورا هوا. ماستر جو غصو ڪو ڪاپار تي چڙهي ويو. هـو ڪرسيءَ تان اُٿي سڌو منهنجي بينچ جي طرف آيو. آءٌ اڳين ڪلاس ۾ مانيٽر هوس ۽ پهرين بينچ جي ڪنڊ تي ماستر جي ٽيبل جي سامهون ويهندو هوس، جتي اُٿڻ - ويهڻ ۾ سولائي ٿئي. هن ڪلاس ۾ ٻـه سياويڪ ساڳيءَ جڳهه تي اچي ويٺو هوس ۽ ٻيا خاص ٻه دوست منهنجي پر ۾ ويٺا هوا. وِيجهو اچي چيائين: ”اُٿي بيهه!“ نه هم، نه تم، پر ڪري چماٽ هنيائين. حڪم ڏنائين ته بينچ تي اُٿي بيهه. مون کي روئڻ اچي ويو. ايڏي بي انصافي! اٿو ڪاڏو ڪوئي، مار پئي ڪا ٻي تي. جن هل هنگامو ڪيو سي ٻچي ويا، سزا اچي منهنجي مٿان پئي.

چماٽ جو ٺڪاءُ ايترو ٿيو، جو جڻ ٻمگولـو ڇٽو. ڪلاس ۾ ٺڪاءُ ڦهلجي ويو. چوڏاري سناٽو ڇانئجي ويو. جيڪو جتي هو، اُتي ويٺي رهيو. هن واقعي جو احوال منهنجي جگري دوست سچان راوتاڻي، جيڪو اڪثر منهنجي پرسان ويهندو هو ۽ اُن واقعي وقت به ويٺو هو، پنهنجي هڪ ننڍڙي ليکه ۾ به ڪيو آهي. هو لکي ٿو: ”اوچتو ماستر پنهنجي ڪرسيءَ تان

سوٽيءَ تي پرکي انهن کي قبول ڪريان يا رد ڪري ڇڏيان.

روچيرام ٿانواڻيءَ جي سنگت ۾ مون کاڌي پائڻ شروع ڪئي ۽ ٻيا منهنجا دوست به کاڌي پائڻ لڳا. ڪي ڇوڪرا ٻون به اسان جي اثر ڪري کاڌي اپنائڻ لڳيون. انهن وديارٿين ۾ قومي جاڳرتا جي لهر لڳي. آرتوار تي ۽ ٻئي ڪنهن قوميءَ ڏينهن تي صبوح جو پرڀات ڦيري ڪيندا هواسون، جنهن ۾ شاگرد ۽ شهر جا قومي ڀاونا وارا شخص به شامل ٿيندا هوا. اسين اڪثر ڪري هوندراج دکايل جا قومي گيت، "منهنجي اُمت جو آواز ... مرنداسون، مگر ديش کي آزاد ڪنداسون.... سوريءَ تي چڙهيو سردار ڀڳت سنگهہ...." ڳائيندا هواسون. سرگس ۾ انتظام رکڻ ۽ نعرا هڻائڻ جو ڪم مون تي هوندو هو. سڄي شهر کي پرڪرما ڏيئي، "ڀارت ماتا ڪي جئہ.... مهاتما گانڌي ڪي جئہ.... انقلاب زنده آباد...." جي ڌوم مچائيندا هواسون. چڪري واري گول بازار ۾ پهچي، "جن گن من...." وارو قومي گيت ڳائي برخواست ٿيندا هواسون. ڪو وڏو قومي ڏينهن هوندو هو ته ڀاشڻ به ٿيندو هو ۽ قومي ٻرن به دهرائيندا هواسون. ڪڏهن وري کاڌي ڀنڊار تان کاڌيءَ جا ٿاڪيا ڪلهن تي کڻي گهرن ۾ وڪڻڻ به ويندا هواسون ته ڪڏهين دوائون کڻي ريل پار، غريب بستيءَ ۾ وڃي ورهائي ايندا هواسون.

ٻئي طرف ماسٽر روچيرام اسڪول جي ڪارڄ ڪرم ۾ ٻـ ڏاڍو چاهہ ڏيکاريندو هو. ڀيٽنگ جي چٽاڀيٽيءَ لاءِ لاڏلن شاگردن کي ڀاشڻ لکي ڏيندو هو. مان سڀني ۾ هوس. طوطي وانگر رٽي، اچي شاگردن اڳيان ڀاشڻ ڪندو هوس. ٻيا هيڏي هوڏي نهارڻ جي يڪساهيءَ ڀاشڻ ٺوڪي وجهبو هو. ٽنگون پيئون ڏڪنديون هيون ۽ زبان پيئي لڙکڙائيندي هئي. پوءِ

جا پاس ڪري آيو هو، بڱهو، ٺاهوڪو، ڪلمڪو، رلمل وارو هو، تنهن ڪري جلدي شاگردن ۾ پيارو ٿي ويو. ديش ڀڳتيءَ جي سٽي پيٽ ۾ پيل هيس. ديش - ڀڳتن جا قصا ٻڌائي اسان ۾ قومي ڀاونا اڀاريندو هو. کاڌيءَ جي ڪپڙن ۾ ايندو هو. اسان ۾ کاڌي پهرڻ لاءِ چاهه پيدا ڪندو هو. منهنجي شروعاتي اوسر ۾ روچيرام جو وڏو هٿ هو. قوميت جو ٻج هن ئي مون ۾ ڇٽيو. سندس لاڏلن شاگردن مان هڪ هوس. اڳتي هلي شاگرد هلچل جو اڳواڻ بڻيس- پهريان شهر جي سطح تي، پوءِ نوابشاهه ضلع جي سطح تي ۽ آخر پوري سنڌ جي سطح تي ۽ هندستان جي سطح تي پڻ.

منهنجن وچارن جي شروعات آريه سماج جي فلسفي سان ٿي. هرچند ناني منهنجو هڪڙو اسڪول جو دوست هو. هن کي ڪن آريه - سماجين جو سنگ لڳو. ستيارٿ پرڪاش ۽ آريه - ڀڳولو جهڙا ڪتاب پڙهي ڪيس پڪو رنگ لڳي ويو هو. مون کي به ڪتاب آڻي ڏيندو هو ۽ خوب بحث ڪندو هو. هندو ڌارمڪ وچار ڌارا جي واڌاري ۾ ستيه پرڪاش جي رچيندڙ ۽ آريه سماج جي پايو وجهندڙ سوامي ديانند سرسوتي جو وڏو ۽ اهم رول آهي. عقلپرستيءَ تي ٻڌل سندس ڌارمڪ ۽ سماجڪ وچار واقعي انساني ذهني ترقيءَ جي پراسيس ۾ ارڙ اڳتي قدم هوا. کليل من ۽ آزاد ذهن سان جي انهن کي پرکبو ته انساني وچارن جي واڌ ۾ هڪ ڪڙي اڳتي محسوس ڪبي. پر اهو سڀ ڪجهه ڪافي نه هو. انساني وچار ڌارا هڪ لڳاتار واڌ جو پراسيس آهي. انسان ذهني سطح تي اڳتي اڃا اڳتي اڀرڻ جي جستجو ۾ آهي. قومپرستيءَ جا وچار مون کي هڪ قدم اڳتي لڳا. وچارن کي مان ڪنجوس وانگر ڪڏهين به پيٽيءَ جي ڪنڊ ۾ ٻڌي ڪونه رکان. عقل جي

هم غريب بيچاري نه ڏولي نه پولي،
ڪب لنگا، ڪب لنگي، رام رام ڪيرلرام....

۽ پيون به مذاقي ٽڪون ڳنڍيندو ويندو هوس. راڳ ڳائيندو هوس ۽ نچندو به هوس. پيا دوست به سر وٺائيندا هئا. ڪو ٿالهي وڄائيندو، ڪو دلي تي هٿ هڻندو ۽ ڪي ٽاڙين جي ٺهڪن سان سر ملائيندا، اهڙي ڌماچوڪڙي ڪندا هئاسون جو ڇا چئجي! اهو راڳ ايترو مشهور ٿي ويو، جو جتي به وڃان، اهو راڳ ڳائڻ جي فرمائش ٿيندي هئي.

اسڪولي جيون ۾ ڏاڍو چست رهيس؛ جو اسڪول جي ڪارڪرم ۾ ڪا به اهڙي سرگرمي نه هئي، جنهن ۾ مان ڀاڱو نه وٺندو هجان. راندين ۾ ڪرڪيٽ ۽ واليبال جي ٽيم ۾ به مان شامل هوس. ڪڏهين ته ڪئپٽن جي ذميواري به نڀائيندو هوس. پي. ٽي. (فزيڪل ٽريننگ) لاءِ، ديشپانڊي نالي مرهٽي ماستر مقرر ڪيو ويو. جنهن شاگردن کي خود حفاظت جي سکيا ڏني. جنهن ۾ خاص طور لٺ هلائڻ ۽ تلوار - ڀال سيکاري ويندي هئي. مان انهن ٻن - چئن ڇوڪرن مان هوس، جن کي تمام سٺي لٺ ۽ تلوار هلائڻ ايندي هئي. جڏهين به تعليم کاتي جو ڪو آفيسر يا ڪو وڏو ماڻهو اسڪول ڏسڻ ايندو ته خاص طور ڪيس اهي لٺ ۽ تلوار جا اسم ڏيکاريندا هوا ۽ اسان کي پرڏشن ڪرڻ جو موقعو ملندو هو. ڏاڍو دل اُتاريندڙ آزمودو هوندو هو ۽ فخر به محسوس ڪبو هو. اسڪول جو ساليانو جلسو ٿيندو ته ونڊر جو پروگرام رکيو ويندو هو، جنهن ۾ هڪڙو انليڙو ڇهڙو به تيار ڪندا هوا. اسان جو سائنس ماستر آسنداس ڀلاٽي . مذاقي ڇهڙي جي هدايتڪاري ڪندو هو ۽ مون کي ڪوله ڪو رول ڏيندو هو. ياد اٿم، هڪ سال ڪوي ڪشنچند بيوس جو مشهور ڪلا ٿيندڙ

۽ پهريون يا ٻيون انعام کٽي وٺندو هوس. ڪڏهن ۽ وشيءَ لاءِ ٽرافي ملندي. لکڻ-پڙهائڻ جو آزمودو اسڪول جي ڊبيٽنگ مان مليو.

ٻي جوش ڏيندڙ سرگرمي هوندي هئي اسڪائوٽنگ، جنهن ۾ مسٽر روچيرام ڏاڍو اڳرو ۽ اُتساهي هو. اسڪائوٽ ٽيم کي تيار ڪرڻ ۾ ڏاڍو چاهه وٺندو هو. روزاني قواعد ۽ رانديون ٿينديون هيون، پر موج تڏهين مچندي هئي. جڏهين ٻن ٽن ڏينهن جي اسڪائوٽ ڪئمپ جو پروگرام ٿيندو هو. شهر کان ٻاهر کليل ميدان ۾ تنبو لڳايا ويندا هوا. هرڪو اسڪائوٽ پنهنجو بسترو ۽ ٻيو ضروري سامان پاڻ سان آڻيندو هو. تنبوءَ اندر هر صبوح ليپو ڏيڻ کان وٺي، رات جو پوري الائين سڀ ڪم اسان کي ڪرڻا پوندا هوا. قواعد، رانديون، ماني ناهڻ، ٽرئڪنگ چڙهايون وغيره. فوجي سکيا جو اڻيو نمونو هو. رات جو ڪئمپ فائر - باهه جي چوڌاري ويهڻ جو پروگرام، نهايت لڀائيندڙ ڳالهه هوندي هئي ۽ ڏاڍي موج مچندي هئي، سڀڪو ڪو نه ڪو اسم پيش ڪندو هو. ڪو راڳ ڳائيندو، ڪو ڪهاڻي ٻڌائيندو، ڪو چٽڪلو يا ڳجهارت چوندو، ڪو سانگ ڪندو. ڪي گڏجي مذاقي ڇهڙو يا راڳ پيش ڪندا. اسين ٻه ڪي دوست گڏجي هڪ مذاقي راڳ ڳائيندا هواسون. هڪڙي هندي فلم تان نقل ڪري تيار ڪيو هوم—

رام رام ڪيرترام، رام رام رام رام....
سيٺ ٻڌي گهوڙا، سيٺياڻي ٻڌي گهوڙي،
هم غريب بيچاري نه گهوڙا، نه گهوڙي،
ڪب گدا، ڪب گدي، رام رام ڪيرترام....
سيٺ پهري ڌوتي، سيٺياڻي پهري چولي،

هٽي ڇوڪرو ٻاهر لائين ته پهچي سگهندو هو ته رڙيون ڪندو هو ته اسين ٻه ٽي واڪو واڪا ڪندا هئاسون- ”ٻچايو! ٻچايو!....“ موڪل جي ڏينهن ۾ آسي پاسي ڪونه ڪو ٽارُون ٿيندو هوندو هو. اسان جي رڙين تي ٽپو ڏيئي ڪيس ڇڪي آڻي ٻاهر ڪيائدو هو. ٿوري وقت لاءِ ته اسانجو ساهه سڪي ويندو هو ۽ ڪن پڪڙيندا هواسون، پر اها عمر ئي اهڙي هئي، جو واقعو گذري ويو ته ڳالهه ئي ذهن تان اُڏامي ويندي هئي. اهي لانون ۽ اهي ئي چگهه!

هڪڙو ٻيو وڏيڪ مزيدار واقعو ٿو ياد اچيم. هڪڙي دفعي اسان جي ٽولي شهر کان ڇگو ٻاهر لڪري وئي. گهمندا وڃي هڪ ٻنيءَ ۾ پهتاسون. مورڙن ۽ گجرن جي پوک، تيار بيٺي هئي. دل سرڪي وئي. آس پاس ۾ ڪو ڏٺي ۾ نظر ڪونه ٿي آيو. پٽڻ شروع ڪيوسين. خوب موڙيسون گجرون پٽي ڪاڇيون سين. پوڙهن ۾ پيري ٻڌيوسين. چوريءَ ۾ ايڏو غلطان رهياسون، جو معلوم نه پيو ته ڪيڏي مهل ڏٺي اچي مٿان بيٺا آهن. پوءِ ته ٻه چار ڌڪ به کاڌاسين ۽ اسان کي ڪٽي نوڙن سان ٻڌائون. ميڙيون منٿون ڪري، آئينده اهڙي حرڪت نه ڪرڻ جو واعدو ڪري، ڪيسن ۾ جيڪي ٽوڪر هوا، سي سزا طور ڏيئي، جان ڇڏائي، ائين ڀڳاسين، جيئن ڪاريءَ هيٺان ڪانءُ! آئينده اهڙي حرڪت کان باز رهياسون.

لڳ ڀڳ انهيءَ سمي منهنجي جيون ۾ هڪ زوردار اُٿل پٿل آئي، ”پريم ديوتا“ مون کي ڏنگي ورتو. هيءُ سڄو قصو اهڙي اَڏ يت لمولي ٿيو، جو مون کي سمجهه ئي نه رهي ته ڪيئن مان آهستي آهستي، بي اختيار پريم ٻندڻ ۾ جڪڙجي رهيو هوس. اُنين انگريزيءَ ۾ هوس. شهر جي وڏي ۾ وڏي وڪيل جي ڌيءَ گوپي، مون سان ساڳئي ڪلاس ۾ پڙهندي هئي.

چيخو "پوڙهي جو پرڻو" تيار ڪيو ويو هو. ٻجلاڻي صاحب چيو: "پوڙهي جو پارٽ ٽوڪي ڪرڻو آهي." پهرين ته ٽروس ٿي ويس، پر همت ڏياري مون کي ناٽڪي ميدان ۾ آندائين. وڏي ڳالهه ته مون کي پارٽ نڀائيندي هڪ مذاقي راڳ به ڳائڻو هو: "آهيان مڙس ڦندڙاري، وندس پوري پاڳ ڀڃاري". مسٽر ٻجلاڻي ٻاجي ۽ ڍڪڙن تي مون کي راڳ، ڳائڻ ۽ اداڪاري ڪرڻ، سيکارڻ لڳو. اسٽيج تي راڳ ـــ به ڳاءِ ۽ جوش ۾ اداڪاري به ڪيم. اوچتو منهنجي پلي ٻڌل ڏوڙي ڇڙي پيئي. پوءِ ته اهو ٽهڪڙو متو ۽ تاڙين جا ٺهڪا ٿيا جو ڏوڙي هٿ ۾ پڪڙي مان اسٽيج تان پٺتي ويس. ڪيتري وقت تائين مانڊڻي ۾ شور غل متو رهيو.

اُن عمر ۾ چلولائي ۽ من مستي به گهڻي هوندي هئي. اسان جي پڙهڻ - ڇهن جڻن جي هڪ ٽولي هوندي هئي. پڪي يارائي هوندي هئي. موڪل جي ڏينهن تي ڪيڏانهن نه ڪيڏانهن نڪري ويندا هئاسون. شهر کان ميل ڏيڍ جي مفاصلي تي، گاجرا نالي هڪڙو ننڍو واهه وهندو هو. صبوح سويل کاڌي جو سامان کڻي، انبن جي موسم ۾ انبن جي ٽوڪري به کڻبي هئي. ڪپڙا ڪناري تي لاهي وڃي پاڻيءَ ۾ پوندا هئاسون. ترڻ ته ڪنهن کي ڪونه ايندو هو. سو ڪناري تي واهي ننڍڙي پاڻيءَ ۾ پيا ٽڙڳندا هواسون ۽ ٽاڦوڙا هڻي ٽنگون ٻانهون هلائيندا هواسون. رونشي خاطر ڪڏهين ڪنهن کي وٺي، بي-خبريءَ ۾ ٽيلهو ڏيو هو ته ـــ وڃي "ٽو" وڏي پاڻيءَ ۾ ڪرندو هو ۽ ٻه چار غوطا کائي، وري اچي ڪناري پيڙو ٿيندو هو. ڇاڪاڻ ته هڪ ته پاڻي اوڏو اونهون ڪونه هو ۽ ٻيو ته لهواري پاسي بيهندا هئاسون ته خود بخود پاڻي گهليندو، وڃي ڪناري طرف اُڇلائيندو هو. ڪڏهين ڪڏهين ٽاڦوڙا

ڪنهن وقت پنهنجي آجيوڪا لاءِ ٽيوشن ڏيندو هوس. هڪ مترجي معرفت هڪ بالغ ڇوڪريءَ کي خانگي طور سندس گهر ۾ پڙهائڻ جو ڪم مليو هوم. ٿوري وقت ۾ هوءَ مون سان رلي ملي ويئي. پوءِ رڳو پيئي کلندي هئي ۽ مون ڏي نهاريندي هئي. حساب وغيره سيکاريانس پيا سندس نوٽبوڪ ۾ ڪي درستيون ڪريان ته بهاني - ڪبهالي پيئي پين ۽ منهنجن هٿن کي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪندي هئي. جي جهليانس ته اهڙي مستي نه ڪر ته پيئي "نهه نهه" ڪندي هئي. هڪڙي دفعي اهڙي حرڪت وقت، مون ڪٽي سندس پئي هٿ پڪڙيا. غضب ٿي ويو! بلڪل ان وقت سندس ماءُ، منهنجي لاءِ چانهه جو ڪوپ کڻي ڪمري اندر داخل ٿي هئي. پارٽو رومانس اُتي ختم ٿي ويو ۽ منهنجي ٽيوشن کي گولي لڳي ويئي. بعد ۾ منهنجي دوست مون کي ورجايو، "ابا، اهڙي ڪا ڳالهه هئي ته، مون سان ته ذڪر ڪرڻ ها." مان کيس ڪهڙي سمجهاڻي ڏيان؟ بالغ اوستا جي صادق جذبي ۽ مستيءَ کي ڪيئن دوشي ٺهرايان؟

ڀارت ۾ پهچڻ کانپوءِ مان بمبئي اسٽوڊنٽس يونين ۾ ڪم ڪرڻ لڳو هوس. سال ١٩٤٦ کان ١٩٥٠ تائين؛ رهندو به يونين آفيس ۾ هوس، جيڪا گرانٽ روڊ پوليس اسٽيشن جي ڀرسان واري هڪ جڳهه ۾ هئي. جلد ئي پوءِ اسماعيل ڪاليج (جوگيشوري) ۾ داخلا ورتم ۽ اُتي ئي هاسٽل ۾ رهڻ جو بندوبست ڪيم. اسٽوڊنٽس يونين ۾ اسين ڪميونسٽ ويچارن وارا شاگرد، ڇوڪرا توڙي ڇوڪريون، گڏجي ڪم ڪندا هواسون. اُن وقت ڪميونسٽ پارٽيءَ طرفان راڄنيتيءَ ۾ انتها پسنديءَ وارو دَور هلي رهيو هو. ڪاليجن ۾ هڙتالون ڪرائڻ ۽ جلوس ڪڍڻ کانسواءِ، ٻيون ڀڃ ڊاهه جون ڪارروايون

مانيٽر جي حيثيت ۾ مان مهڙواري بينچ تي وهندو هوس. ڇوڪرين لاءِ ٻه بينچون هيون، جن تي ڇهه ڇوڪريون وهنديون هيون، سي ٻه مهڙ واري قطار ۾ هيون مون سان لڳو لڳ بينچ تي گوپي وهندي هئي. منهنجي ابي - خبريءَ ۾ هوءَ مون ۾ دلچسپي وٺڻ لڳي هئي. اڪثر نيت ڪري مون ڏانهن نهاريندي هئي ۽ ڪڏهين وري پٺيان نهارڻ جو بهانو ڪري، نظرون مون ڏي اڇلائيندي هئي، جئن اڪثر پريم جي شروعات ۾ ڇوڪريون ڪنديون آهن. ”ڪيوپڊ“ يعني پريم ديوتا جا شڪار ڇوڪرا سڌيون نظرون ملائيندا آهن ۽ پنهنجي دل جون نازڪ ڀاونائون به سڌيها سڌو پريمڪا ڏانهن موڪليندا آهن. پر استري ذات ان ڳالهه ۾ نياري آهي، جنهن لاءِ مکيه طور ٻه وگيانڪ ڪارڻ آهن: هڪ ته طبيعتن ڪابه عورت، گهڻي ڀاڱي پريم نه جتائيندي آهي؛ مرد جي رشتي ۾ ڪانه ڳالهه لڪڙي يا سڌي نه ڪندي آهي؛ گهڻي قدر اڻسڌي نموني اشارو ڏيندي آهي، جيستائين ڪيس پڪ ٿئي ۽ سندس دل ٻولي ته سندس پريم جو نرادر نه ٿيندو، بلڪ ڪيس پڪي موٽ ملندي. ٻيو ڪارڻ اهو آهي جو زال ذات بنيادي طور لڄاري آهي. اظهار ۾ مرد وانگر کليل نه آهي، ڪيس ننديڻ کان اهائي سکيا ملندي آهي ته لڄ يعني حياءُ استريءَ جو سڀ کان وڌيڪ ملهائتو گهڻو آهي. گوپي پڻ ان ڳالهه ۾ پنهنجي جنس جي سڀاويڪ طريقي سان پنهنجو نالو اظهاري رهي هئي، جيڪو مون جهڙي ٻوس مرد جي پلئه ڪونه پئي پيو. دراصل، ان ڳالهه ۾ مان سڄي عمر بس اڻين تي رهيو آهيان. اهڙا گهڻائي مثال منهنجي جيون ۾ ٻيا به آيا آهن، جن تي هن وقت سوچيان ٿو ته پنهنجي اهڙي خشڪ سڀاءَ تي اچرج ٿو وٺيم:

جاڻ رکڻ چاهيندي هئي. مان اڪثر گرانٽ روڊ تي لهندي لاءِ انجير خريد ڪندو هوس. آفيس ۾ پهچي ڪيس انجير آڇيندو هوس. هوءَ ڏاڍي چاهه سان انجير کائيندي هئي ۽ پنهن جي اڱڻ فارمل بڻجڻ جي ڪوشش ڪندي، "ٿئنڪس" چوندي هئي ۽ مرڪندي مرڪندي، خاموش نگاهن سان ٻيو به ڪجهه اظهاري ويندي هئي. ايل. ايل. بي جو امتحان اچي مٿان بيٺو هو. امتحان جي تياريءَ لاءِ، پاڻ کي ٻڌي، ٽي مهنا وڃي هاسٽل ۾ ويٺس. جڏهين امتحان بعد واپس موٽيس آفيس ۾ پهتس ته، ارلا ڪيڏانهن وڃي چڪي هئي. اهو اڌورو سنيهه اتي ئي پورو ٿيو.

سنڌي ساهتڪ هلچل ۾ ڪم ڪندي پڻ هڪ سنڌي ليکڪا مون تي هرڪ هاري چڪي هئي. مان خشڪ ٺڪر بلڪل اجاڻ رهيو هوس. گهڻن ئي نمونن ۾ هن پنهنجي چاهت جي اظهار ڪيو هو ۽ اشارا به ڇڏيا هوا، پر مون انهن کي ڪڏهين به پريت جي معنيٰ ۾ نه ورتو هو يا سمجهيو هو. پوءِ اوچتو هڪ ڏينهن حيرت ڀريو جهٽڪو آيو. اسين ٻئي هڪٻئي جي ڀرسان ٽئڪسيءَ ۾ ويٺا هواسون. ڪيڏانهن وڃي رهيا هواسون. اچانڪ هن منهنجي گوڏي تي هٿ رکيو. مون ڇرڪجي هن جي اکين ۾ ڏٺو. دل جي چاهت مون کان ڳجهي نه رهي. مون مرداڻي لڄ ورتي. سندس ڳل تي چمي ڏنم. چيم، "شادي شده آهيان." چيائين، "جاڻ اٿم، نه ته هن کان اڳ لوڪي اڏائي، الائي ڪٿي ڪٿي وڃان ها." ڪجهه ڏينهن رکي هڪ ڪوتا لکي موڪليائين، جنهن ۾ دل جي نازڪ ڀاونائن جو دريا پلٽيل هو ۽ گهرن احساسن جي پوڙ هئي. اهڙي پلٽئونڪ پريم کان منهنجو من ۽ ذهن لڏي ويو. پر جلدي من تي قابو پائي ورتم. ڪوتا لفافي ۾ وجهي، ٽپال رستي واپس موڪلي

۽ ڪيون وينديون هيون، جهڙوڪ- پوليس مٿان انسب بلب اڇلائڻ، جلوس هلندي مٿن حملو ڪرڻ وغيره. اهو ڪم خاص طور وديارٿين لئي رکيو ويندو هو. اُهن چونڊ وديارٿين ۾ ٻه ڇوڪريون به هيون، هڪڙي مالويڪا ۽ ٻي ترلا گانڌي، جيڪا اڳتي هلي چوٽي جي ائڪٽريس به بڻي. ٻاهران سکيا به وٺي آئي هئي.

ترلا ۽ منهنجون اکيون اڙيون هيون. هر آرتوار جي شام جو آفيس ۾ اسٽوڊنٽس يونين جي ڪميونسٽ گروپ جو ميڙ ٿيندو هو، جنهن ۾ گذريل هفتي جي ڪيل ڪاررواين جو جائزو ورتو ويندو هو ۽ ايندڙ هفتي لاءِ پروگرام رٿيو ويندو هو. ان وقت ڪميونسٽ گروپ جو اڳوان نرنجن دوداڻي هو، جيڪو ميڊيڪل ڪاليج جو وديارٿي هو. مان نئون هوس، تنهنڪري مون کي پنج ڏهه جي ڪارروائي ۾ شامل نه ڪيو ويندو هو. باقي ٻين ڪاررواين ۾ برابر ڀاڱو وٺندو هوس. خاص طور زير زمين ڪميونسٽ اڳوانن جي وچ ۾ ڪوريئر جو ڪم ڪندو هوس. ڇاڪاڻ ته يونين ۾ نئون هئڻ ڪري پوليس جي نظرن ۾ ڪونه آيو هوس.

هفتيوار جائزي وارن ميڙن ۾ ترلا ۽ مون کي هڪٻئي کي ڏسڻ جو موقعو ملندو هو. هوءَ مون ڏانهن نهاري مرڪندي هئي. پهريان مان حجاب ۾ ٻُسي ويندو هوس، پر پوءِ ڪيس سنبيه جي موٽ ڏيندي مشڪ جو جواب مشڪ ۾ ڏيندو هوس. گڏيل بحث هلندي به اسين ٻين کان نظر بچائي اکيون ملائيندا هواسون. ڪڏهين ميڙ پوري ٿيڻ کانپوءِ ٻئي گڏجي نڪرندا هواسون ۽ گرانٽ روڊ تان اچي گاڏي پڪڙيندا هواسون. هوءَ گهڻو ڪري سنڌ اندر هلندڙ هلچل بابت احوال جاڻڻ چاهيندي هئي. اهڙي مون بابت ۽ منهنجي ڪٽنب بابت به

وري ساڳي حرڪت ڪيائين. گهر جي ڪم جي تپاس وقت وري اٿي بيٺي. هٿ اڳيان ڪري، چيائين: ”هوم ورڪ ڪونه ڪيو اٿم.“ مان نه هاڻي اڳوڻوءَ مونجهاري ۾ ڳوڙها ٿي ويس. ماستر کان پڇڻ بيسود هو، جو هو ڏاڍو سخت هو. سوچيم ڪٿي سخت سزا ڏيڻ لاءِ نه حڪم ڪري، سو ماٺڙي ڪري، مون سندس ڊگهيڙيل هٿ هيٺان پنهنجو کاٻو هٿ رکيو، اهو مڪر ڪري ته مٿان رول لڳڻ کان اڳ، پنهنجو هٿ نه هٽائي ڇڏي. هن جو هٿ مٿان، منهنجو هٿ هيٺان، ڄڻ پاڙيٽو ۽ ليگيٽو جو ملڻ ٿيو. لاشڪ بجلي ٻنهي شريرن ۾ ڊوڙي وئي هئي. مون ساڄي هٿ کي مٿي هوا ۾ ڪري، رول کي زور سان هيٺڻ جي اٽڪنگ ڪئي، پر رول جڏهين سندس هٿ جي ويجهو آيو ته ان کي صفا هلڪو ڪري ڇڏيم ۽ سندس هٿ کي پنهنجي هٿ ۾ سوگهو جهلي بيٺس ۽ ٻن رولن جي وچ ۾ پڻ وقت جي چڱي وٿي رکيم، جئين سندس هٿ منهنجي هٿ ۾ ڪي پل سوگهو رهي. گوپيءَ جي چهري تي لڄ جي لالي ڇانئجي وئي ۽ نيڻ هيٺ جهڪي ويس ۽ اتين اسان جي آنکمچوليءَ جو سلسلو چالو ٿي ويو.

گوپيءَ جي هڪ ٻي ساهيڙي هئي ديالي. جيڪا ساڳئي ڪلاس ۾ پڙهندي هئي ۽ گوپيءَ سان گڏ ساڳيءَ بينچ تي ويهندي هئي. هڪڙي ڏينهن ديالي رسيس ۾ منهنجي پرسان لنگهندي، آهستگيءَ سان چيو ته شام جو ضرور جيٺي جي گهر اچج. پوءِ ڪڏهن نه ڏنو، نه ٻڌو، هوءَ هلي وئي. جيٺو پڻ اسان جي ڪلاس ۾ پڙهندو هو. پڙهڻ ۾ هو ڏاڍو ڪچو هو. ڪڏهين ڪڏهين ماستر جي مار جي ڊپ کان حساب يا جاگرافيءَ جي فيئر ڪاپي اڌاري وٺندو هو ۽ پوءِ اها اڌاري واپس ڪندو هو. ڪڏهين ڪاپي موٽائڻ ۾ دير ڪندو هو ته مان

ڏنم، جنهن ڪري هن قسم جي شنڪا يا غلطفهميءَ جو امڪان نه رهي. هيءَ ڪهاڻي هڪ اهڙي ايپيسوڊ پر آهي جو آئي پوري ٿي وئي.

هاڻي گوپيءَ جي سنڌ جي ڪهاڻيءَ کي ٿورو اڳيرو ڪرايون. جڏهين هن ڏٺو ته سندس معصوم نظرون نيهن جو نياپو پهچائڻ ۾ اسفل رهيون آهن، تڏهين هن پنهنجي پريم جتائڻ جو هڪ انوکو نمونو ڳولهي ڪڍيو. مان ڪلاس جو مانيٽر هوس. ماستر هر روز گهر لاءِ ڪم ڏيندو هو. ٻئي ڏينهن پهرين پيرڊ ۾ ان ڪم جي چڪاسڻ جو ڪم مانيٽر جو هوندو هو. اگر ڪوئي شاگرد گهر جو ڪم نه ڪري ايندو هو ته کيس سزا ڏني ويندي هئي اُٿاري بيهارڻ يا ٻه رول هڻڻ. هڪ ڏينهن جنهن مان گهر جو ڪم چڪاسي رهيو هوس ۽ گوپيءَ وٽ پهتس ته هوءَ اُٿي بيٺي. چيائين: ”مون ڪالهه گهر جو ڪم ڪرڻ وسري ويو“ ۽ پنهنجو هٿ منهنجي اڳيان وڌائي بيٺي. مان منجهي پيس. مون پنهنجي ڪرسيءَ تي ويٺل ماستر ڏانهن نهاريو. هو منهنجي پريشانيءَ کي سمجهي ويو. چيائين: ”سزا ملڻ گهرجي. سڀ شاگرد هڪجهڙا آهن.... بيهارينس نه، ٻه هلڪا رول هڻينس“. مون سندس ڀڳهريل هٿ تي ٻه هلڪا رول هڻيا ته هوءَ منهنجين اکين ۾ نهاري مرڪي رهي هئي، ڄڻ مون کي چيڙائيندي هجي. الائي ڇو مان پنهنجي ڪئي تي لڄي ٿي رهيو هوس ۽ گوپيءَ جي اهڙي وهنوار تي عجب کائي رهيو هوس. پر اها حقيقت آهي ته هاڻي منهنجو ڌيان گوپيءَ طرف ڇڪجي ويو هو. جنهن ئي هوءَ موقعو پائي نظرون مون ڏي اُڇلائي مرڪندي هئي ته مان به ساڳي موٽ ڏيندو هوس. هن جي ڇهري تي سونهن جي جهلڪ هئي، جو منهنجو ڌيان پنهنجي طرف ڇڪائڻ ۾ ڪامياب وئي هئي. ٻه ڏينهن رکي

وڃائيندڙ اشو مون تي طاري ٿي ويو. سندس اکين ۾ جوانيءَ جي شرارت هئي، هڪ پيار ڀري للڪار هئي. مدهوش ٿي اُلي ٿي جهمي ويس، دلفريب نظاري جو اشو اکين اندر اوليندو رهيس ....

جيئن مون طرف سرڪي آيو هو. مان ڪجهه چوان، تنهن کان اڳ ئي هن چيو: "مون کي ڄاڻ آهي، توکي هت اچڻ لاءِ دعوت ڏني وئي آهي. هل، هلي ڪمري ۾ اندر ويهه. گوپي توسان ملڻ ٿي چاهي." منهنجي دل ضرور هڪڙي ڌڙڪڻ گسائي وئي هوندي. ڌڙڪڻ اڳي کان ٻيڻ تي وئي. لڳم منهنجو هت اچڻ ڪنهن رٿا سان ٿيل آهي. مان روم ۾ پيل کٽ تي اچي ويهي رهيس؛ جيئن روم ڇڏي هليو ويو. ائين چئي، "تون هتي ويهه، مان اچان ٿو." پر هو ڪونه آيو، منٽن اندر، گوپي لهرائيندي اندر آئي. مون واري کٽ جي سامهون پيل کٽ تي ويهي رهي. ٿوري دير لاءِ اسان جي وچ ۾ خاموشي رهي جيڪا ٻه بلڪل دلڪش هئي، جو اسان جون اکيون هڪٻئي کي سندر سنيها ڏئي رهيون هيون.

پيار جي ڳالهه ۾ مان ساڳيو ڇسو هوس، گونگو ٻٽيو ويٺو هوس. ڳالهائڻ جي شروعات گوپيءَ ڪئي. سندس مٺو سنهڙو آواز، موهيندڙ ڇپن مان ڪبوتر جي "گهُو گهُو" وانگر نڪتو، "ڪيئن آهين؟" "ٺيڪ آهيان"، مون ڦڙائتي سر ۾ چيو.

"روز شام جو جيئني جي گهر ايندو ڪر.... سٺين ٻڄي جي اندر، ڇو نه مون کي سٺين ٻڄي ڪالپوءِ گهر کان ٻاهر رهڻ جي اجازت ڪانهي.... دير سان اصل نه." گويا محبت ڀريو حڪم هو.

"تون چوين ٿي ته ضرور ايندس." مون مرڪي ڏنو.

"هاڻي نه روزانو هوم-ورڪ ڪري ايندين نه؟" مون شرارت

وچي سندس گهران وٺي آيندو هوس. سندس گهر گوپيءَ جي گهر جي بلڪل آمهون سامهون هو. اِها ڳالهه گوپيءَ کي هٿي ۽ ديالي‌ءَ مون کي اُٺي اُچڻ لاءِ چيو هو.

شام جو مان ڌڙڪندڙ دل سان جيٺي جي گهر ڏانهن روانو ٿيس. دل ۾ ڏايو اُٿل ۽ ڪيئي گمان! مون سوچيو ته ان نياڻي جو واسطو ضرور گوپيءَ سان آهي. گوپي وڏي وڪيل جي ڌيءَ آهي. ڪنهن شڪايت ته نه ڪئي آهي ته مون ڪيس رولن سان مار ڏني آهي. پيو مون سوچيو ته هن پاڻ ئي گهري رول کاڌا آهن ۽ مون ته صرف ماستر صاحب جي حڪم جي تعميل ڪئي آهي. دل گواهي ٿي ڏئي ته گوپي ڪا اهڙي شڪايت ڪري سگهي ٿي. پر پئي ڪنهن ڪلاس جي ڇوڪري يا ڇوڪريءَ ته چغلي ڪانه هاري آهي؟ پر ان حالت ۾ مون کي جيٺي جي گهر ڇو گهرايو ويو؟ اُن ۾ ته ڪا به سياڻپ نظر نٿي اچي. ديالي‌ءَ جي معرفت ضرور گوپيءَ جو لياپو آهي.

اهي وسوسا گهڙيندو ۽ ڊاهيندو جيٺي جي گهر جي در جي اندر گهڙيس ته نظارو ڏسندي ئي چپ چڙهيو ٿي ويو. گهر جي اڱڻ ۾ ٻن ڇوڪرين پئي ٽوڙيءَ کي گول ڦيرايو ۽ گوپي پڌا ٽپا ڏيئي پئي ٽوڙيءَ کي پيرن هيٺان گسڪڻ ڏنو. سندس سڄو سرير پئي جهوميو، انگ انگ پئي نچيو. عورت جي جسم جي هڪ پنهنجي ڪيمسٽري آهي. هڪڙو پنهنجي قسم جو جادو آهي. سندس چالڻيءَ جو ادليل مڌ مست ڪندڙ هو. سڄي سرشٽيءَ ۾ استري سندر ۾ سندر وستو آهي ۽ سندس اهو انگ وري سرشٽي جي موهي مثل لڳائيندڙ آهي؛ وڏو ڏسجي ته ڪڏهين به دل نه ڀرجي. اهڙي دلڪش درشيه سان گڏ مٿان وري جو سندس نظرون مون تي اٽڪيون رهيون، ته سرس

هر هر پئي در کان ٻاهر نهاريم ته اڄ هو آيو، اڄ هو آيو. آرام ئي نه پيو اچي. ڪنهن به ڳالهه ۾ دل ئي نه پئي لڳي. ماسترن جون ڏنيون پئي ڪاٽيم. ائين نه ڪندو ڪر. اسڪول نه گسائيندو ڪر. لوڪان سواءِ ڪجهه به مٺو نٿو لڳي. هن چٺيءَ جو جواب ڏجانءِ نه ته رسي ويندي سانءِ. منهنجو نوڪر سياٽي ساڳئي وقت تو وٽ ايندو.

پيارن مان، فقط تنهنجي ....

خط پڙهندو وڃان، منهنجو ساهه اٿين ڪڙندو وڃي، گويا اندر ۾ ڏلوڙي هلي رهي آهي. پيار ۾ دل جي هڪ عجيب ڪيفيت آهي، هڪڙو اهڙو ڀاءُ آهي، جنهن کي محسوس ڪري سگهجي ٿو پر اُن جو بيان ڪرڻ يا ان کي اظهارڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. لفظ ڪيترا نه ڪمزور واهڻ آهن! مان جيڪو آنند خط پڙهندي ورتو ماڻيان، تنهن کي سون ٽڪن ڪندي به قلمبند ڪرڻ کان قاصر آهيان. اهڙو الوڪڪ آنند ڪنهن به لفظي قيد ۾ بند نٿو ڪري سگهجي. ڪيتري ساعت لاءِ ان جي خوديءَ واري اثر هيٺ رهيس. پر پوءِ جڏهين پاڻ ۾ موٽي آيس ته خط جي موٽ ۾ جواب ڏيڻ جي اُلجهن ۾ غلطان ٿي ويس. گوپيءَ جي معصوم پيار جي پيٽ ۾ مان ڪيئن ۽ ڪهڙو اظهار ڪريان؟ هيءُ نه هڪ نئون آزمودو هو، هڪ نئون جذبو هو، دل جي تمنا جي اُڇل هئي. دل ته ڦوهاري وانگر اُڇلڻ ٿي چاهيو، پر ڪٿان آڻيان ان کي اظهارڻ جو واهڻ؟ ڪهڙو ڏيان ان کي رنگ - روپ؟ ٽيبل ڪرسيءَ تي وهان ٿو، قلم پنو کڻان ٿو، پر پاڻ کي خالي ٿو محسوس ڪريان. لفظ ساٿ ڏيڻ کان انڪار ٿا ڪن. پاڻ کي بيوس پيو سمجهان. سو چيانءِ ته ڪهڙي نه اُلجهن ۾ وجهي ڇڏيائين! هيٺ لکڻ جي ڪوشش ڪريانٿو:

پڇيو سوال ڪيو. هوءَ شرمائجي ويئي.

”اگر توهان روزانو هت ايندين ته مان به هوم ورڪ ڪري ايندس.“ اسان هلڪو ڪلهي ڏنو، جو ڌارئي گهر ۾ هواسون ۽ ٻهرين چوريءَ چوريءَ ملاقات هئي. سندس وقت اچي پڄو هو. هڪڙي مٺڙي مشڪ سان الودا ڪري هوءَ روم کان ٻاهر نڪري ويئي.

لٺ ليم شام جو ڇهين بجي مان جيني جي گهر ويندو هوس. اڌ منو ڪلاڪ گوپيءَ جي مچلندڙ شرير جو نوڙيءَ جي ردم تي ترڪڻ جو آنند ماڻيندو هوس. سندس پير نه برابر زمين تي ٽڪندا رهندا هوا. پر اکيون مون تي جميل هونديون هيس. پوءِ ڏهه - پندرهن منٽ اسين روم ۾ ويهي ڳالهيون ڪندا هواسون. ساڌارڻ نموني جو حال احوال هوندو هو يا اسڪول اندر هلندڙ وهنواري ڳالهيون هونديون هيون. پر پوءِ ب‍ـ، جڏهين الڳ ٿيو هوس ته هردو آنند سان ٽمٽار هوندو هو ۽ تن بدن ۾ هڪ عجيب نشو محسوس ڪيو هو.

پوءِ هڪ ڏينهن وري ٻيو ڌماڪو ٿيو. مان اُن ڏينهن طبيعت ڍلي هئڻ ڪري اسڪول نه ويو هوس. شام جي وقت ٻولهندو ٻوليندو هڪڙو ڇوڪرو اچي گهر پهتو. ڪاپيءَ مان هڪڙو اڇو پنو ڪڍي ٻه ور وڙهيل چٺيءَ جي ڪيسي مان ڪڍي مون ڏانهن وڌائيندي چيائين: ”گوپيءَ هيءَ چٺي ڏني آهي.“ منهنجي بدن ۾ بجلي ڊوڙي ويئي. هڪ اڻڄاتل احساس دل اندر اُڀريو، جيڪو ڏاڍو مٺو لڳو. ويندي وقت ڇوڪري چيو: ”هن جو جواب لکي رکجو. مان سڀاڻي وٺڻ ايندس.“ هن جي وڃڻ کانپوءِ ڌڙڪندڙ دل سان چٺي کولي پڙهڻ شروع ڪيم:

پرانن کان پيارا،

توهان اڄ اسڪول نه آئين ته مون کي اصل مزو ئي نه آيو.

ڪافي عرصي تائين اهو هٽڻ جو سلسلو چالو رهيو. مون کي ٻڌون سٺا ڪونه پئي پيا. ڪيس هر وقت ٽاڪيند ڪندو هوس ته ڪٿي خط پڪڙجي نه پون ۽ مُئانس مصيبت نه اچي ڪڙڪي. ان زماني ۾ اسڪول ۾ ائين پرم جا پينچ پڌرڻ ناممڪن ڳالهه هئي. موجوده سماج لاءِ اهڙي حقيقت گوارا ڪرڻ بلڪل ڏکي هئي؛ اهو جڻ وڏي گناهه جي برابر هو ۽ مٿان جو مان پائيبند طبقي مان هوس ۽ گوپي ديوان (پڙهيل) طبقي مان هئي، سا نه اچا به سگهين ڳالهه هئي. طبقن جي غرور ۾ مبتلا سماج اهڙي رشتي کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار ڪٿي هئي! پر پرم ۾ متوالي گوپي اهڙي چتاءُ کي آخر ۾ ئي ڪونه آندو. هوءَ بيتڙڪ لکندي رهي؛ هيڪاري مون کي ٽوڪيندي چوائين: ”مان نه ڪنهن کان ٻــه ڪانه ٿي ڏڄان. اگر تون ڇرڪين ٿو نه تون لکڻ بند ڪري ڇڏ. مان نه لکندي رهنديس، سڄي عمر لکندي رهنديس....“ مون کي ائين لڳو آهي ته پُرش جيون جي هر ڳالهه ۽ وهنوار ۾ حساب رکندو آهي، تور تڪ ڪندو آهي؛ ٻئي طرف استري، پلي، ٻيءَ هر ڳالهه ۾ تور تڪ ڪندي هجي، پر پرم ۾ هوءَ اڇهل آهي. حساب- ڪتاب ڪونه رکندي آهي، وهنوارڪ ڪانه آهي.

عام محاورو آهي ته خون ڪستوري لڪي وڃي، پر پرم لڪي ڪين سگهي. منهنجو ڊپ سچو ثابت ٿيو. ڇهه- اٺ مهنا اهو سلسلو مس هليو. پوءِ هڪ ڏينهن، منهنجو خط گوپيءَ کي ڏيندي، سندس نوڪر پڪڙجي پيو. خوب مار پيس. گوپيءَ کي اسڪول مان ڪڍي گهر جي بند پڃاٽي ۾ رکيو ويو. اسڪول بند، نه ڪٿي اچڻ وڃڻ بــه بند. ڪڏهين ڪڏهين مائٽن سان گڏ ٻاهر نڪرندي هئي. اهڙي گهٽ بوسامت ۽ بندش جو سندس ذهن تي اهڙو اثر ٿيو جو ڪيس هسٽيريا جا دورا

مهنجي دل جي راڻي،

ناچار هوس، تنهنڪري ڪالهه اسڪول نه اچي سگهيس، مان ۽ توکي ڏسڻ کانسواءِ سچ ڏينهن پئي تڙپيس. چوان، پر لڳائي ٿو وقت ٻهڙي وڃان. پر ڪَس ڪٿي ٿي هليو. مون کي ۽ توکانسواءِ ڪجهه مٺو ڪونه ٿـو لڳي. هيءُ خط توکي ملي تنهن کان اڳ، ٿي صبوح جو تنهنجو چنڊ جهڙو چهرو اسڪول ۾ اچي ڏسندس. اسڪول ضرور ايندس.

پيارن مان، فقط تنهنجو....

خطن جو سلسلو جاري ٿي ويو. هر روز شام جو گوپيءَ جي گهر وارو ڇوڪرو هڪڙو خط کڻي ايندو هو ۽ موٽ ۾ اُئين شام واري خط جو جواب کڻي ويندو هو. اگر ڪڏهن ڪارڻ مان خط تيار ڪري نه سگهندو هوس ته. هوءَ ڏاڍو پريشان ٿي ويندي هئي، ڏوراپا ڏيندي هئي ۽ ”ڪٺور“ به سڏيندي هئي. هوءَ اهڙا ته جذباتي خط لکندي هئي، جو پڙهندي دل جهڄي ويندي هئي، اندر ۾ ٻجلي ڊوڙي ويندي هئي، تن من تي هڪ عجيب سرور ڇانئجي ويندو هو. ڪاغذ تي سندس پيار گويا ڇوليون ماريندو هو ۽ منهنجي دل کي ٻوڙي ڇڏيندو هو. مون چاليو ٿي ته هوءَ پيار جا قصا پڙهي، انهن مان نازڪ جذبا جهٽي، پنهنجن آڏين سان انهن جو سنگم ڪري، سندر جڙت ڪندي هئي. مان پنهنجن صادق جذبن جـو نقل قلل اکرن ۾ اظهار ڪندو هوس. ان وقت تڪو ڪو مان ليکڪ هوس ۽ نه ئي وري ٻولي جا قصا پڙهڻ جو شائق هوس جـو انهن ۾ آيل اظهار جو سهارو وٺان. هوءَ هميشه شڪايت ڪندي هئي ته مان ڪيئن وڏا وڏا ٻولي سان ڀرپور خط ڇو نٿو لکان. انهي جوين واري اوستا ۾ ٻولي - پٽر انوکي مستيءَ جو احساس ڏيندا آهن، عجيب نشو طاري ٿي ويندو آهي.

ڪانگريسي نيتائن مون کي پوري ضلعي جي مکيه هنڌن تي دورو ڪرڻ لاءِ همٿايو. مان دوري تي نڪتس. جتي ٻه هاءِ اسڪول هوا، اُتي هڪ ٻن ڏينهن جو پروگرام ٺاهيم- نؤشهرو، ڪنڊيارو، مٺياڻي، پرها، ٺارو شاهه ۽ ٻين هنڌن تي ويس. هر اسڪول ۾ قومي ڀاونا وارا ماستر هوا، جن جي مدد سان شاگردن جا ميڙ سڏايا ويندا هوا، جن ۾ مان ديش پريم جي جذبي وارئون تقريرون ڪندو رهيس. مڪاني ڪانگريسي نيتا ٻه هن ميڙن ۾ ايندا هوا. شاگردن سان منهنجي پرچيه ڪرائيندي منهنجي ڏاڍي ساراهه ڪندا هوا ۽ شاگرد هلچل جو اُسرندڙ ستارو ڪري پيش ڪندا هوا. ٿوري وقت اندر نوابشاهه ضلعي جي وديارٿين جي ڪانفرنس سڏائي وئي، جتي مون کي ضلعي وديارٿي ڪانفرنس جو سيڪريٽري چونڊيو ويو.

ائين سال گذرندا ويا. مان وديارٿي هلچل ۾ وڌيڪ ۽ وڌيڪ گهرو پوندو ويس ۽ نوابشاهه ضلعي جي ڪانگريسي نيتائن جو دلارو ٿيندو ويس. اُنهن ۾ مکيه هوا: ليونڊرام وشنداس، ڪاڪو سچانند ڦيرومل ٿانواڻي، ميٺارام ڪلناڻي، ميارام، ڪاڪو ٽيڪنداس، سوڀراج چوهڙمل ۽ ٻيا.

ڀارت جي آزاديءَ جي هلچل آخري منزل تي پهچي چڪي هئي. ٿورو تاريخي پس-منظر اڳيان رکون. ١٩٣٥ واري گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ تحت، جيڪي چونڊون ڀارت ۾ ١٩٣٧ ۾ ٿيون، تن ۾ مکيه ستن پرڳڻن ۾ ڪانگريس پارٽي وڏي گهڻائي ۾ کٽي آئي ۽ پنهنجون سرڪارون ٺاهيائون. برطانوي سرڪار کي پرون پٽجي ويا هوا ته ڪين هندستان مان بسترو گول ڪرڻو پوندو، پر هو اڃا سلطنتشاهي گهمنڊ وچان، سگهي ضد تي قائم هوا ۽ ڀارت سان آزاديءَ جي سوال تي سمجهوتو ڪرڻ کان ٽاري واري ويٺا هوا. جلد ئي ١٩٣٩ ۾ ٻي مهاڀاري جنگ

پوڻ لڳا. پڙهڻ ۾ اُهين به آهي ته رنڊڪ ۾ اسٽرپ تي ڪجهه رڌيندي لڏرو پيو هوس ۽ سندس اڄ جو ڪجهه حصو سڙي به ويو هو. مان ڏاڍو پريشان ٿي ويو هوس؛ پر بيوس هوس.

گوپيءَ جا خط مون وٽ سوگها هوا. اٽڪل سؤ کن واءِ جو ٿيندا. ڪڏهين ڪڏهين انهن کي پڙهندو هوس ته دل کي راحت ملندي هئي. ڪنهن وقت ڪتابي صورت ۾ ڇپائڻ جو خيال به ڪيو هوم، پر سياسي سرگرميءَ جي چڪر ۾ ڦاسي وڃڻ ڪري اهو ڪم رهجي ويو هو؛ پوءِ ورهاڱي جي رد بدل ۾ اهي خط ڪٿي هيٺ مٿي ٿي ويا يا ڪنهن دوست وٽ رهجي ويا. ٻئي طرف گوپيءَ منهنجا موڪليل خط لڪ وڃان، پڙهڻ وٽ رکڻ بجاءِ، پنهنجي نوڪر ڇوڪري کي سنڀالي رکڻ لاءِ ڏيندي وئي. هن خطن اڳتي هلي شهر ۾ وڏو زلزلو مچايو، جنهن جو ذڪر موقعي ۽ محل تي ڪيو ويندو.

راجنيتيءَ طرف جو پير وڌايم ته وڌندو ٿي ويو. قومي هلچل خاص طور شاگرد لهرڪ ۾ ڏاڍو سرگرم ڀاڱو وٺڻ لڳس. پهرين نوابشاهه شهر ۾ پنهنجن دوستن سان گڏجي ”فارورڊ اسٽوڊنٽس يونين“ نالي سان هڪ سنستا کڙي ڪئيسين، جنهن ودياٿين ۾ قومي جاڳرتا پيدا ڪئي. اُن سنستا جي معرفت ”فارورڊ اسٽوڊنٽس“ نالي سان هٿ لکيل ماهوار بليٽن جاري ڪئيسين، جا اسڪول جي نوٽيس بورڊ تي لڳائيندا هواسون ته شاگرد ان مان لاڀ وٺن. قوميت جي ڀاونا وڌائڻ لاءِ ٻيا به ڪيترا ڪم شروع ڪياسين- قومي ڪتابن جي لئبرري برپا ڪرڻ، قومي اڳواڻن جا جنم ڏينهن ملهائڻ ۽ اهڙن موقعن تي پاڻ ڇٽايئي رکڻ، قومي ڏينهن تي پرڀات ڦيري ڪڍڻ ۽ غريب بستين ۾ مفت دوائون ورهائڻ جو ڪم به جاري رکيوسين.

نوابشاهه ضلعي ۾ ودياٿي هلچل کي زور وٺائڻ لاءِ شهر جي

انگريزي حڪمران ڀلهندي هوڻ لي قائم رهيا. ان وقت جي انگلنڊ جي وڏي وزير ونسٽن چرچل هڪڙو عجيب بيان ڏنو هو:

I have not come to preside over the liquidation of the British Empire.

مان هت انگريزي سلطنتشاهي جي خاتمي جي صدارت ڪرڻ نه آيو آهيان.

مهاتما گانڌيءَ جو انگريزي سرڪار جي شرافت مان وشواس ٽٽي چڪو هو. اهي ڪا راهه ڪانه هئي. مهاتما گانڌي ڀارت جي آزاديءَ جو ناد وڄايو. شروعات ۾ انفرادي ستياگرهه جو دؤر شروع ٿيو. ونوبا ڀاوي پهريون ستياگرهي هو، جنهن سرڪاري قانون جي ڀڃڪڙي ڪري پاڻ کي گرفتار ڪرايو. ڪافي عرصي تائين اهو ستياگرهه هلندو رهيو. مهاتما گانڌيءَ جي مراد هئي ته ڀارت جي جنتا جي ناراضگيءَ جو اظهار اهڙي نموني سرڪار جي ڪن تي پهچي ۽ هنن ۾ ڪا سمجهه اچي. پر سڀ اونڌي گهڙي تي پاڻي هو. نيٺ، مها ڀاري لڙائي ڏانهن پهچڻ لاءِ ڪانگريس پارٽيءَ پنهنجو اجلاس بمبئي ۾ سڏايو. ٩ آگسٽ ١٩٤٢ تي گواليا ٽئنڪ (هاڻي ڪرانتي ميدان) تي آل انڊيا ڪانگريس ڪاميٽي "ڪئٽ انڊيا" جو ٺهراءُ پاس ڪيو، جنهن ۾ انگريزن کي صلاح ڏنل هئي ته هو اهيءَ ۾ آئي ته ڀارت ڇڏي هليا وڃو. انگريز سرڪار پنهنجي ڏاڍائي تان باز اچڻ واري ڪانه هئي. موت ۾ سرڪار، صبوح واري پهر ۾ سڀني ڪانگريس جي وڏن نيتائن کي گرفتار ڪري، لڪوري اڻڄاتل هنڌن تي موڪلي ڇڏيو. وچ واري گهر اها خبر ساري ڀارت ۾ پهچي وئي ۽ گويا جنگ جو اعلان ٿي ويو.

جو ٻيوگل وڌو. هڪ پاسي هٽلر ۽ سندس ٻين فاسسٽ ساٿين ۽ ٻئي طرف برطانوي ۽ آمريڪي سلطنتشاهي طاقتن جي وچ ۾، يورپ ۽ ايشيا جي ملڪن تي قبضي ۽ لُٽ کسوٽ ۾ حصيداريءَ جي سوال تي انتر راشٽري سطح تي ڇڪري شروع ٿي وئي هئي. هٽلر اوچتو پولينڊ تي حملو ڪيو ۽ رشيا سان سودي بازي ڪري اڌ ملڪ ڦٻائي ورتائين. سگهوئي هن چيڪوسلوواڪيا تي چڙهائي ڪئي، جنهن انگلينڊ کي وچ ۾ آندو، پر برٽن پنهنجي کل بچائڻ لاءِ چيڪوسلوواڪيا کي صدقي جي ٻڪري بڻائي ڇڏيو. برٽن ۽ آمريڪا هٽلر جي خونخوار منصوبي کي روڪڻ بجاءِ کيس اڳتي وڌڻ ڏنو. سندن اِها ملين مراد هئي ته هٽلر رشيا تي حملو ڪري، ڪميونسٽ راڄ کي ختم ڪندو ۽ دنيا تان اِها ”آفت“ ختم ٿي ويندي ۽ پاڻ صحيح سلامت بچي ويندا. پر هٽلر جي من ۾ ته ساري دنيا فتح ڪرڻ جا خواب هوا. جلدئي هن انگلينڊ تي گولا باري شروع ڪري ڇڏي ۽ برٽن چاهي نه چاهي، جنگ جي باهه اندر ٽڪجي ويو. انگريزن ۽ سندن ساٿين هٽلر جي خلاف جنگ جو اعلان ڪيو ۽ ڀارت کي به پنهنجي هٿ ٺوڪي ڪالوني سمجهي، پنهنجو طرفدار پڌرو ڪري جنگ ۾ ڇڪي ورتائون، ڪانگريس جي ليڊرن سخت اعتراض ورتو. ستن پرڳڻن جون ڪانگريس سرڪارون اعتراض وٺي استعيفائون ڏئي، ٻاهر نڪري آيون جو ڀارت جي جنتا ۽ ليڊرن جي صلاح ۽ رضامنديءَ کانسواءِ ڀارت کي جنگ ۾ گهليو ويو هو، جيڪو اخلاقي جرم هو ۽ ڀارت جي سؤمان تي حملو هو. مهاتما گانڌي هڪ شرط تي انگريزن کي جنگ ۾ نازي- فاسسٽ شڪتين خلاف مدد ڪرڻ لاءِ تيار هو، جيڪڏهين انگريز اِهو اعلان ڪن ته لڙائي پوري ٿيڻ بعد ڀارت کي خود مختيار راڄ ڏنو ويندو. پر

۾ ڪا ڳڙ ٻڙ ڪانه ٿي هئي. مان آزاد ٿيس ته هلچل کي زور وٺائڻ لاءِ مڪاني ليڊرن سان گڏجي رٿا ٺاهيسين. ٻٽو پروگرام تيار ڪيوسين. هڪ طرف هو ڊفينس آف انڊيا قانون کي ٽوڙي گرفتاريون ڏيڻ ۽ ٻئي طرف ”ڪريو يا مرو“ جي نعري کي کڻي پيج ٻاهر جون ڪارروايون ڪرڻ جو ٻيو پروگرام رٿيو ويو. شاگردن ۾ ته مان اڳواٽ ئي پيارو هوس، پر ٻيڙي ورڪرس ۾ ٻڻ منهنجو اثر هو. منهنجا ٻه ماروٽ بمن ٺاهڻ جو ڪم ڪندا هوا. انهن جي مدد سان مان روزانو پانڊي (ورڪشاپ) ۾ ڀاشڻ ڏيندو هوس ۽ سندن ٻولين ۾ گهمي ويس. کين به گرفتاري ڏيڻ لاءِ آتساهڻ لڳس. روزانو ٻه ٽي والنٽيئر جٿو ٺاهي، قومي جهنڊو کڻي، چڪري بازار جي وچم اچي زور زور سان نعرا هڻندا هوا- انگريز ڀارت ڇوڙو! انقلاب زنده باد! ڀارت ماتا ڪي جئه! پوليس اچي کين گرفتار ڪندي هئي. کين هڪ ٻه ڏينهن لاڪپ ۾ رکي حيدرآباد سينٽرل جيل موڪلي ڏيندي هئي. ساري گرمهاڻي ٻڻ هڪڙي جٿي جي اڳواڻي ڪندي، پاڻ کي گرفتار ڪرايو هو.

گرفتاريون ڏيارڻ سان گڏ، جئن مون اڳواٽ چيو آهي، پيج ٻاهر جون ڪارروايون ٻڻ رٿيون ويئون. ان پروگرام ۾ رڳو اسين ٻڪا ٽي يار شامل ٿياسون. ٻيا منهنجا ساٿي هوا، گلاب ڀڳواناڻي، جيڪو ناز و پرلوڪ پڌاريو ۽ ٻيو سڄان راولاڻي، جيڪو لنڊي وڃي لنڊن ۾ رهيو آهي. گلاب ڀڳواناڻي پوليس آفيسر جو پٽ هو ۽ جانباز ٻه هو. هڪڙو دفعو رات جي وڳڙي ۾ اڪيلي سر وڃي شهر جي سول ڪورٽ تي قومي جهنڊو لهرائي آيو. شهر ۾ ڪافي ڇڙ ٻول مٿو ۽ پوليس ٻه ساوڌان ٿي ويئي. ٿورو وقت اسين ساڻت ۾ رهياسون. پر لڪچوريءَ گپت بليٽنون ڪيڻ ۽ ماڻهن ۾

اِها خبر جڏهن نوابشاهه ۾ پهتي ته پوءِ ڪانگريسي ميمبر ڊوڙندا، واس هاءِ اسڪول ۾ آيا، جتي مان ميٽرڪ ڪلاس ۾ پڙهندو هوس. مون کي چار ڏنائون. مان يڪدم ڪلاس کان ٻاهر نڪري آيس. ٻين شاگردن کي پڻ ٻاهر اچڻ لاءِ اپيل ڪيم. ڪلاس پٺيان ڪلاس خالي ڪرائي سڄو اسڪول بند ڪرايم. پوءِ ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون وڏو جلوس ڪڍي، شهر طرف وياسون، ڇاڪاڻ ته اسڪول شهر کان اڌ ميل پري هو. سڄي شهر کي پرڪرما ڏيئي نعرا هڻندا، اچي وچ شهر ۾ چوڪري (گول) بازار ۾ پهتاسون، جتي مون زوردار ڀاشڻ ڪيو ۽ انگريز حڪومت خلاف خوب نعرا هنيا. مقامي ڪانگريس نيتائون به اچي پهتا. پوليس اچي تنهن کان اڳ ڇڙوڇڙ ٿي وڃڻ لاءِ هدايت ڪيائون ۽ مون کي لڪي وڃڻ جي صلاح ڏنائون.

ٽيهه ڏينهن مان لڪو رهيس، پر بيمار ٿي پيس. هڪ رات واپس گهر موٽي آيس. ٻئي ڏينهن صبوح جو ئي پردوت اچي پرگهٽ ٿيا. مون کي گرفتار ڪري وڃي نوابشاهه سب-جيل ۾ بند ڪيائون. مون کي هڪ ڪوٺيءَ ۾ رکيو ويو. آسي پاسي ۾ رواجي ڏوهارين جون ٻرڪون هيون، جن کي سيخن وارا لوهي دروازا هوا. قيدي مون کي ٻڪايل اکين سان نهاريندا ۽ ي شانائتا ۽ اڳڙا اشارا ڪندا رهندا هئا. مون کي ڪافي ڊپ ٿيندو هو. اگر الگ ڪوٺيءَ ۾ بند نه هجان ها، ته سندن حوالت جو ضرور شڪار ٿيان ها. منهنجي خلاف نه ڪنهن خاص ڏوهه جو ڪو ثبوت نه اختياري وارن وٽ ڪونه هو، تنهن ڪاسواءِ وڏا رٿي هوس، تنهنڪري ٻن مهينن جي نظربنديءَ ڪانپوءِ مون کي آزاد ڪري ڇڏيائون.

منهنجي گرفتار ٿيڻ ۽ ڇٽڻ واري عرصي اندر نوابشاهه شهر

دريءَ جي سيخن ۾ هٿ وجهي مٿي چڙهي. هن اُتان ڪيو، هڪ هٿ سان سيخ ڪسي جهلي سڌو ٿي بيٺو. ٻئي هٿ ۾ ڪيس هٿوڙو ڏنو سين، جنهن سان هن دريءَ جي شيشي کي ٽوڙي ڇڏيو ۽ هٿوڙو هيٺ ڦٽو ڪيائين. تيلي ٻاري آڱرين جي مٿي کي ٻاهه ڏيسين ۽ گلاب کي ڏنوسين ته دريءَ کان زور سان اندر اُڇلي ڇڏي ۽ شيشي ۾ ٻچيل گاسليٽ به اندر اوتي، شيشو اندر ڦٽو ڪري ڇڏي،

هفتن جي رٿيل يوجنا مٿن ۾ پوري ٿي ويئي! ڪيڏي نه خوشي ٿي اسان کي! پر اسان جو ساهه هيٺ مٿي ٿي ويو. دل ڌلوٽيءَ وانگر پئي هلي. اسڪولي جيون جي ڪچڙي عمر ۾ هھڙا خطرناڪ ڪم ڪرڻ اسان لاءِ اُسپاوڪ ۽ من ۾ خوف پيدا ڪندڙ هوا. پر ديش جي آزادي جي ڀاونا اهڙو ته ساهس پردان ڪيو هو ۽ وشواس ڏنو هو، جو اُن وقت شايد ان کان وڌيڪ خوفناڪ ڪاروايون ڪرڻ کان ڪين هٻڪون ها .... پر تنهن هوندي به هڪ ڀپ هو ته ڪٿي پڪڙجي نه پوان، سجان ۽ گلاب جا گهر نه پرسان موني بازار ۾ هوا، پر مان غريب آباد ۾ شهر جي بلڪل ٻئي ڇيڙي تي رهندو هوس. مون ’جيڪا ٻوڙ ان ڏينهن پائي، اڄ به ياد اٿم. شهر جي هڪ ڪنڊ کان ٻيءَ ڪنڊ تائين، شرط جي گهوڙي وانگر ٻوڙيو هوس. ”ڦان“ ڪندو اچي گهر ۾ ڪريو هوس. ڪيترو وقت پئي سهڪيو هوس.

ٻئي ڏينهن ٿي شهر ۾ واتويلا مچي ويئي ته لوڪل بورڊ جي آفيس جي رڪارڊ روم کي ڪنهن باهه لڳائي آهي ۽ رڪارڊ سڙي ڀسم ٿي ويو آهي. سڀڪو پنهنجو پنهنجو انومان ڪيڻ لڳو، پر مڪاني پوليس جو شڪ مون ۾ هو، ڇاڪاڻ ته ان ڏينهن ڪانپور، سي.آءِ.ڊي جو ماڻهو ٢٤ ڪلاڪ منهنجي پٺيان لڳايو ويو. گهر وارن کي خبر پيئي ته سندن اُن

ورهاڱي جو ڪم چالو رهيو. اهو ڪم اسانجو ساٿي لوڪو هيمراجاڻي ڪندو هو. جيڪو هڪ سٺو ڳائڪ هو ۽ ورهاڱي کانپوءِ، بمبئي ۾ سنڌي پروگرامن ۾ ڏاڍو نالو ڪڍيائين. دراصل مشهور ڳائڪا ڀڳونتي ناواڻي سان، دوڳاني ۾ لوڪ ڳيت ڳائيندو هو ۽ کيس شاهه جا ڪلام به سيکاريندو هو. پر هو جلد ئي گذاري ويو. لوڪوءَ سان گڏ ان ڪم ۾ گوپال هڱوراڻي ۽ ٻيا دوست هوا، جيڪي ڪانگريس نيتائن جي رهبريءَ ۾ ڪم ڪندا هوا.

سرڪاري آفيسن کي باهه لڳائڻ جي رٿا ٺاهي پهرين نشانو اسان ضلعي لوڪل بورڊ جي آفيس کي بڻايو، جيڪا وڏي ۾ وڏي سرڪاري آفيس هئي ۽ شهر جي هڪڙي ڇيڙي تي اوجهڙ ۾ جوڙيل هئي. آفيس جي مهڙ ۾ ڪشادو باغيچو هو، جتي شام جي وقت ماڻهو سير سپاٽي لاءِ گهمڻ ايندا هوا. پر جنهن تي رات پيئي ته گهگهه اونداهي ٿي ويندي هئي. ٽنهي گڏجي مڪمل رٿا تيار ڪئي، گهربل سامگري به تيار ڪري ورتيسين. هڪ شيشو گاسليٽ جو، هڪڙو هٿوڙو، هڪڙو ماچيس، ٻه اڍائي فوٽ ننڍي ڪاٺ جي لڪڙي، جيڪا ڏسڻ ۾ ڏنڪر وانگر لڳي ۽ اڱڙن جو بنڊل. اونداهيءَ جي اوٽ وٺي اسان مان هرهڪ، مقرر ڪيل شيءِ پاڻ سان کڻي، لوڪل بورڊ آفيس جي مکيه دروازي جي آسپاس ٿهلڻ لڳو. رٿا موجب باغيچي جي چوڪيدار جي اکين کان پاڻ بچائيندا، هڪ هڪ ڪري بلڊنگ جي پٺئين پاسي، آفيس جي رڪارڊ روم جي دريءَ جي سامهون اچي بيٺاسون، جتي ٻاهر اونداهي لڳي پيئي هئي. لڪڙيءَ جي هڪ پاسي تي اڱڙن ٻڌي مچو ٺاهيوسين. جنهن مٿان گاسليٽ هاريوسين. گلاب ڀڳواناڻي، جيڪو ننڍو به هو ۽ پتلو به، تنهن کي چيوسين ته.

اسان جي گهر جي بلڪل سامهون، هڪڙي ننڍڙي لڪڙي هٽ ۾ ڦيرائيندو نظر پيو اچي. ٻه چار ڏينهن اها روئداد ڏسي، محسوس ڪيم ته اهو "يمدوت" منهنجي پٺيان لڳايو ويو آهي. منجهند جي ننڊ اُس ۾ ججهن جون ڪنبون پاسا ڳولي پيو چاڙهي ۾ پيهڻ جي ڪوشش ڪندو هو يا ٿوري وقت لاءِ مائيءَ جي ٻهاري وجهي ڪنهن هوٽل ۾ ويندو هو. شام جي وقت به آسي پاسي پيو گهمڻ جا چڪر لڳائيندو هو. ڪافي دير بعد، جڏهين هن کي لڳندو هو ته مان وڃي آرامي ٿيو آهيان ته هو به هليو ويندو هو.

ٻه - ٽي ڏينهن مون اهو لقاءُ پئي ڏٺو. پوءِ ڪجھ قياس وڃان ۽ ڪجھ سونجهه وڃان، هڪڙي ڏينهن مون کيس اِشاري سان ڪوٺي ورتو. چيومانس: "اُس ۾ ڇو پيو سڙين، اچي هٽ اوطاق ۾ ويهه. مون لي چوڪسي رکڻي اٿئي نه؟ هٽ ٽي ويٺو هج، پاڻي وغيره به ملندءِ ۽ چانهه ۾ به هوندين." منجهند جي مانيءَ وقت کيس اچ ڪئي سين ته اها به کائڻ ويٺو. هو پنجابي هو ۽ پنهنجو نالو سليمان خان ٻڌايائين. ڪجھ ڏينهن ڏاهي پار والگر مان گهر ۾ ويٺو رهيس. پر اساڻو ساٿي سڄان راولاڻي سرگرم رهيو. هن پنج ڏاهه جي پروگرام جو هڪ نئون رستو ڳولي لڌو، پوسٽ جي ڊبن کي ٻاهه ڏيڻ جو. جنهن ۾ کيس نوابشاهه جي هڪ ڪميونسٽ اڳوان ڊاڪٽر هاسارام راولاڻيءَ جو ساٿ ۽ سونهپ ملي. پوسٽ کي ٻاهه ڏيڻ لاءِ سولو رستو هو ته فاسفورس هٿ ڪجي. ڊاڪٽر راولاڻي کيس ان ۾ مدد ڪئي ۽ کيس پنهنجي اسپتال مان ڪجھ فاسفورس مهيا ڪري ڏنو. سڄان پنهنجي ليکي ته جانبازي ڪري ولس هاءِ اسڪول جي ليبارٽريءَ مان، رات جي وڏڙي ۾ دري ٽپي وڃي فاسفورس جي شيشي لڳائي آيو. روز شهر

ساهه سڪي ويو. چاچو ايسرداس ٻاهران ڪجهه ٻڌي آيو هو. اُچتو سان چيائين: ”ڪهڙو ماڻهو مچايو اٿئي؟ چون ٿا سرڪاري جڳهين کي ٻاهيون ٿو ڏين. پوليس توکي گرفتار ڪري وٺي ويندي.“ مون چيو: ”مون ڪوبه اهڙو ڪم ڪونه ڪيو آهي، جو پوليس مون کي گرفتار ڪري.“ چاچانئو نه ڪو ڳالهائي رهيو هوس. موقعي ۾ حالتن پٽاندڙ سچيار ٿيڻ جي ضرورت ڪانه هئي. مون کي گهر جي ڀاتين جي ڄاڻ هئي ته هو ڪيترا نه بزدل آهن. چاچي کي اعتبار ڪونه آيو. يڪدم منهنجي اُچي گانڌي ٽوپي لاهي ڪٽي منهنجن پيرن تي رکيائين. چيائين: ”خاندان جي لڄ پت رک. منهنجي ٽوپيءَ جو قسم اٿئي، اهڙي ڪابه ڳالهه نه ڪجانءِ، جو گهر کي ڪلنڪ لڳي ته ٻاباڻين جو پٽ جيل ويو.“ چاچي جي پڳ، منهنجن پيرن تي ڏسي، مان شرم ۾ ٻڏي ويس ۽ مون کي روئڻ اچي ويو. ٽوپي کڻي مون سندس مٿي تي رکي ۽ خاطري ڏيندي چيم: ”مان ڪوبه اهڙو ڪم نه ڪندس، جنهن مان اسان جي خاندان جي عزت کي ڌڪ لڳي.“ ورِي به ڪين ڪوڙي تسڪين ڏني هيم. آزاديءَ لاءِ لڙڻ جو جنون سر تي سوار هو. آزاديءَ لاءِ لڙڻ وارن جا حيرت انگيز قصا، جن آزاديءَ مٿان پنهنجو پاڻ قربان ڪيو هو ۽ مرڪندي سوليءَ تي چڙهيا هوا، ان شير سپوتن جا شهادت جا قصا پڙهي چڪو هوس. اُنهن جي ڀيٽ ۾ منهنجي قرباني نه ڪي هئي. جيل ۾ ئي نه ويٺو هوس. جوانيءَ ۾ اها للڪار نه سر تري تي رکي قبول ڪئي آهي.

منهنجي چوڌاري بندش پکڙجي ويئي هئي. هڪڙو سي.آءِ.ڊي. وارو چوويهه ڪلاڪ ڪڍ لڳو رهيو. صبوح جو اُٿان ۽ اوطاق (مهڙ واري ڪمري) ۾ اچان ته ڏسان ته ڪاري ٽوپي ۽ سلوار ڪڙتي ۾ ملبوس هڪڙو شخص، رستي جي ٻئي پار

هٿيار کسيا آهن، بندوقن کي ٽيو آهي، بارود خاني کي اُڏائي
ڇڏيو آهي، ٽرانسون پٽائي ڪٽي ويا آهن، لوڪن جي انبوهن
فوجين سان ٻه مقابلو ڪيو آهي ۽ ٻيون اهڙيون ساهس ۽
دليريءَ جون وارتائون ٻڌي دل پرجهي ايندي هئي. اهي سڀ
خبرون ٻڌڻ ۾، هڪ لکل پرچس ۾ ڇپيون ونديون هيون.
سمورنيون خبرون ٻڌڻ رستي بمبئي مان ڪراچيءَ پهچنديون
هيون، جتي انگريزيءَ مان ترجمو ڪري سنڌيءَ ۾ ٻڌڻ تيار
ڪري سنڌ جي مکيه شهرن ڏانهن ٻه-ٽي، ٻه-ٽي ڪاپيون
موڪليون وينديون هيون، جن تان مڪاني لکل پرچن مان
سوين ڪاپيون تيار ڪري شهرن ۾ ورهايون وينديون هيون.
ڪيترائي جانباز والنٽيئر هوا، جيڪي ٻڌڻ جا ننڍا ننڍا بنڊل
سٿڻ جي ورن ۾ وجهي، شهرن ۾ جدا جدا هنڌن تي پهچائي
ايندا هوا، جتان عام ماڻهن ۾ ورهايون وينديون هيون.
ڪيترائي اسان جا دوست سر جي سٽ ڏئي، اهو جوکم جو
ڪم ڪري رهيا هوا.

هيءُ اهو سمو هو، جڏهين آزاديءَ جو جذبو چوٽ تي پهتل
هو. "ڪرو يا مرو" جو نعرو هر هنڌ گونجي رهيو هو. پارٽ
جو نوجوان طبقو سر تريءَ تي رکي ٻاهر نڪتو هو ۽ لٺين-گولين
جي سامهون سينو تاڻي بيٺو هو. سنڌ جي نوجوانن پڻ للڪار
قبول ڪئي هئي ۽ هر ننڍي وڏي شهر مان سوين جوان گرفتار
ٿي، جيل ڀري رهيا هوا. اسان جي نوابشاهه شهر مان ٻه ڪيترا
گرفتار ٿي چڪا هوا. اسان جي گروپ، جيڪا هلچل جي
سونهپ ڪري رهي هئي، تنهن جو ٻه وارو اچي ويو. هڪ ئي
وقت اسان ڇهن ڄڻن- ڊاڪٽر هاسارام راولاڻي، روچيرام ٿاواڻي،
ڪرشن گرناڻي، پرتومل (بيڙي ورڪرس جو نيتا)، گلاب پڳواڻي،
هرچند (ٻڌڻ ورهائڻ جو ڪم ڪندو هو) ۽ مون کي گهرن

جي ڪنهن نه ڪنهن پوسٽ جي ڊپ کي ڀاهه لڳي پيئي هوندي هئي. هنن ڪارروائين منهنجي مٿان پوليس جي شڪ ۽ ڊپ کي پڪو ڪيو. ٻئي طرف سليمان خان اهڙو حجتي ٿي ويو هو، جو اڪثر مون کان انهن شخصن جا نالا ڏيڻ لاءِ چوندو هو، جن پنج ڇهه جيون ڪارروايون ڪيون آهن ۽ ڪري رهيا آهن. چوندو هو: "اوکي ڪجهه ڪونه ٿيندو. تون نالا ٻڌائيندين ته، منهنجو ڀلو ٿي ويندو، جو مون کي پروموشن ملندو." خيالي پلاءُ ڏيئي اندر اندر چوندو هوس: "منهن ڪارا، توکي پروموشن ملندو، تنهن لاءِ پنهنجن دوستن جا سر وڍايان؟ ڪهڙا نه مورک آهيو اوهين پوليس جا ماڻهو!"

سليمان خان جو وشواس جمي ويو هو ته مان ٻڌجي ويو آهيان ۽ سڀ پنج هلچل کان ڪنارو ڪري ڇڏيو اٿم ۽ حرڪتن کان باز پيو اٿم. تنهن ڪري ٿورن ڏينهن کانپوءِ هو اي-اولي بات جو ٽولين ٻڌي کانپوءِ هليو ويندو هو. مون ان جو فائدو ورتو. ڪلاڪ ڏيڍ پيو ترسندو هوس، ته ڪٿي اهڪي نه پيئو هجي. ڏهين ٻڌي کانپوءِ، مائي ڪائي سائيڪل تي اڪري پوندو هوس. دوستن سان ملي حال احوال وٺندو هوس ته سڄي ملڪ ۾ هلچل جو ڪهڙو رخ آهي ۽ شهر ۾ ڇا ٿي رهيو آهي. ڄاڻي دل ٺوڪجي ويندي هئي ته پوري پارٽي ۾ انقلابي واتاورڻ چوٽيءَ تي آهي. لکين ماڻهو جيلن ۾ ٺوسيا ويا آهن ۽ ڪيترن ئي شهرن ۾ جلوسن ۽ مظاهرن تي پوليس لٺي بازي ۽ گوليبازي ڪئي آهي. جنهن ۾ سوين ڪولڙر ڪسجي ويا آهن - زالون، مرد ۽ ٻار. مهاتما گانڌيءَ جي سڏ "ڪرو يا مرو" کي ڪٺي پارٽي جي انقلابي جوانن پنج ڇهه جيون زبردست ڪارروايون ڪيون آهن - سرڪاري جڳهن کي باهيون ڏنيون آهن يا بم سان اڏايو آهي. پوليس چوڪين تي حملا ڪري،

هيون ۽ رواجي ڌوهارين جي ٽڙڪن کان پاسيرا ڪيا وياسون.

حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ اسان کي ٻه مهنا رکيو ويو. اتي جيل جي رواجي حياتيءَ کانسواءِ، جيڪا دلچسپ ڳالهه هئي، سا هئي ڌوهارين جون حيرت گاڏڙ روچڪ ڪهاڻيون ۽ ڌوهن جا دلچسپ داستان! جيل جـي دنيا پنهنجي قسم جي هڪ محدود گنهگارن جي دنيا آهي. هرهڪ گنهگار وٽ پنهنجي هڪ رنگين ۽ عجب ڀري ڪهاڻي آهي. ڪيترا اسان سان اردليءَ جي حيثيت ۾ ملندا رهندا هوا. مٺو ڳالهائڻ ۽ ٿوري همدردي ڏيکارڻ تي ڇلي پوندا هوا. اُهن مان ڪي اهڙا به پاڌر هوا، جن جون ٻڌايم - ڪهاڻيون حيرت انگيز آهن، پر اُهن جو انت دکدائڪ ئي رهيو آهي. ڪن جون محبوبائون ڀڄايون ويئون آهن ۽ جاگيرداري ڏاڍائي ڪري، وڏيرن ڪين ڪوڙن ڪيسن ۾ اڙائي جنم ٽيپ ڏياري آهي. ڪن حالتن ۾ ته هنن کي مارائي به ڇڏيندا آهن ۽ عورتن کي سريتون ڪري، ڪوٺ اندر قابو ڪري رکندا آهن. ڪن وري پنهنجين پريمڪائن جي بي وفائي ڪارڻ ”ڪارو ڪاري“ (ٻنهي عاشق ۽ معشوق جو قتل) ڪري ڪنڌ اوچو رکـي وڃي پوليس ٿـاڻي ۾ پاڻ پيش ڪيو هو ۽ هاڻي عمر ڀر جو قيد ڀـوڳي رهيا آهن. ڪي وري پنهنجين محبوبائن کي گهرن مـان ڀڄائڻ واسطي ۽ دليريءَ سان ڀڄائيندي پڪڙيا ويا ۽ جيل ۾ سڙي رهيا آهن.

ٻيا وري اُهي به ڌوهاري آهن، جيڪي بهادر، همٿ وارا ۽ غيرتمند هـوا، جن ظالـم ۽ بي - رحم وڏيرن ، بـد اخلاق ۽ بي - حياءَ آفيسرن، خلق کـي آزار ڏيندڙ، مـال ڦٻائيندڙ ۽ حق دٻائي ويندڙ شخصن کي، غيرت وچان ٻـا ووڪ جي همٿائڻ لئي، ترت سزا ڏيڻ جي ارادي سان قانون کي هٿ ۾ کڻي، ڪن جا ڪنڌ ڪپيا ٻـا پاڻهون ٽنگون ڀڳيون ۽ ڪين لولو لنگڙو

مان ڪٽي اچي پوليس لاڪ اپ ۾ بند ڪيائون. هڪڙي ٻنيان ايندا وياسون ۽ هڪڙي کي هڪ هنڌ ڏسي ڏاڍو خوش ٿياسون. انهن پڻ لڳو ته اسين بنديخاني ۾ نه، پر تيرٿ آستان تي آيا هواسون. دلين ۾ وڏي اُلساهه جي لهر هئي ۽ گرفتاريءَ ۾ فخر ۽ خوشيءَ جو احساس ٿي رهيو هو. هڪٻئي سان پنهنجا آزمودا ونڊڻ ويٺاسون.

هفتو کن اسين لاڪ اپ ۾ رهياسون. ان وچ ۾، گلاب جو پيءُ جيڪو پوليس کاتي ۾ هيڊ ڪلارڪ هو، سو پنهنجو اثر هلائي، شايد ڪجهه لکي به ڏيو هجائين، پٽ کي ڇڏائي، ڪيس ڇڏائي ويو. باقي اسان ٽين کي راڄنيتي قيديءَ جي حيثيت ۾ سي-ڪلاس ڏئي حيدرآباد سينٽرل جيل ڏانهن موڪليو ويو. ڊاڪٽر هاسارام راولاڻي جي سماجڪ حيثيت جو خيال رکي کيس بي-ڪلاس ڏنو ويو، جيڪو پڻ ڪليڪٽر مسعود سان جيل اندران لکپڙهه ڪري جلدئي پاڻ ڇڏائي هليو ويو. باقي رهياسون اسين پنهنج ڄڻا. اسان گڏجي هڪ عرضو تيار ڪيو ۽ جيل اختياريءَ وارن جي معرفت نوابشاهه جي ڪليڪٽر مسعود کي موڪليوسين، جنهن ۾ اسان اهو ڄاڻايو ته اسين عام ڏوهاري نه پر سياسي قيدي آهيون، سٺي پڙهيل ڳڙهيل ۽ عزتدار نگرواسي آهيون، اسان تي ڪوبه ڏوهه ثابت نه ٿيو آهي، شڪ ۾ نظربند ڪيا ويا آهيون، تنهنڪري اسان کي رواجي ڏوهارين وانگر سي. ڪلاس ۾ بند ڪرڻ قانون ۽ انصاف جي خلاف آهي. اسان ته ڪٽي اهو ٻارو لڳايو هو، پر اسان جي حيرت جي حد نه رهي، جو ٻه هفتا ئي نه گذريا هوا ته جيل جي سپاهين اچي ٻڌايو ته اوهان لاءِ بي-ڪلاس جا آرڊر اچي ويا آهن. سڀاوڪ اسين ڏاڍو خوش ٿياسون، جو جيل ۾ اسان کي بهتر سهوليتون ملڻون

ملندو هو، انهن ۾ ٽيئي شيون ملائي، رات جي وقت، جيڪو لالٽين ٻريل هوندو هو، انهن جي مٿان رکي اهڙي لذيذ پکنگ، ٺاهيندا هئاسون، جو آڱريون پيا چٽيندا هئاسون. جيل ۾ اهڙي شيءِ عيش جي برابر سمجهي ويندي هئي.

ٻالاديءَ جو مهنجي مٿان ارواح ٿي ويو هو. هو اسان کي ٻاهران ڪجهه به گهرائي ڏيڻ لاءِ تيار هو. اگر اسين ڪجهه طلبيون ها ته ڪيس خوشي ۽ فخر ٿئي ها، پر پنهنجي نوڪريءَ واري قيديءَ سان، محدود رشتو رکڻ ۾ ئي مون سياڻپ سمجهي. جيتوڻيڪ هن جي دلي صداقت ۾ مون کي پڪائيءَ جو به شڪ نه هو. هو اسان کي ديوان صاحب سڏيندو هو ۽ گاهي بگاهي اچي اسان سان رهاڻ ڪندو هو. ڪافي لذيذ شخصيت وارو هو. ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو به فضيلت وارو هو. هميشه پيو مشڪندو هو. تيل جو چڱو استعمال ڪندو هو. ڏاڙهي، مڇون، وار، هٿ ۽ منهن تي تيل ايترو مليندو هو، جو سج جي روشنيءَ ۾ پيو چمڪندو هو.

ڪافي حجت ٿي وڃڻ ڪانپوءِ چاهنڊا پيدا ٿي نه هيڏي وڏي ڌاڙيل جي زندگي جي ڪارنامن جون ڪي جهلڪون جاڻان. هڪڙي ڏينهن ان وشيه تي چيڙيو مانس. پهرين آنا ڪاني ڪيائين. پوءِ نهي نکي اسان جي ٻئرڪ جي ٿلهي تي پاٿاري پائي ويهي رهيو. مون به پنهنجي ڪوٺيءَ مان ڪاٺ جو اسٽول سيري ورتو ۽ ان تي سندس سامهون ويهي رهيس. ڌاڙي هڻڻ جي طريقي جو روچڪ ۽ دل ڏهڪائيندڙ داستان هن، هن رهت شروع ڪيو: پهرين اسين ڪنهن ڳوٺ کي چونڊيندا آهيون، جنهن ۾ ڪو وڏو مالدار ٻوپار هجي. هندو هجي يا مسلمان، رڳو مال متاع جام هجيس. پوءِ ڌاڙي هڻڻ جو منصوبو ٺاهيندا آهيون. ڌاڙي ۾ پنجن کان

ڦٽايو ۽ جيل ڀوڳي رهيا آهن.

ٽيون قسم عادتي يا فطرتي ڏوهارين جو آهي. جيئن ته چور، ڌاڙيل، ٺڳ، ڳنڍڪپوڙ، زاني وغيره. هنن مان هرهڪ قسم جو هڪ پنهنجو طور - طريقو، چترائي ۽ هنرمندي آهي. هرڪنهن جو قصو اهڙو روچڪ ۽ هرڪائيندڙ آهي، جو ٻڌندي ڏپرس وٺيو وڃي. ڌاڙيلن ۾ ڪي وري اهڙا آهن، جيڪي پنهنجي ڪارنامي کي بهادريءَ جو عمل به سمجهندا آهن. هڪڙو اهڙو مشهور ڌاڙيل، محمد صالح ٻالادي مهنجي قريب اچي ويو. پهرين ٽوپيءَ وارو هو، جنهن جو مطلب هو ته جنم ٽيپ ڪاٽي رهيو هو. اهڙين سزائن وارن قيدين کي اڇي ٽوپي هوندي هئي. پهرين ٽوپيءَ وارن کي مقادم مقرر ڪيو ويندو هو، جيڪي ٻين رواجي قيدين مٿان نظرداري ڪرڻ لاءِ ۽ ڪانئن ڪم وٺڻ لاءِ هوندا هوا. جيل ۾ پهرين ٽوپيءَ وارن جو ڏاڪو هوندو هو. هو جيل جي سپاهين سان رل مل هوندا هوا. جيل اندر به هڪ قسم جو واپار هلندو آهي. تيل، گڙ، تماڪ، ٻيڙيون، صابڻ ۽ ٻيون اهڙيون روزمره جون چيزون، جيل اندر، لڪچوريءَ سپاهين جي معرفت اينديون آهن ۽ مقادمن جي معرفت عام قيدين ۾ وڏي ملهه تي وڪيون وينديون آهن. نفعي ۾ ٻنهي جي حصيداري هوندي آهي. سپاهين جي معرفت پيسا به جام چوريءَ ڇپيءَ جيل اندر گهڙي ايندا آهن.

محمد صالح ٻالادي روز اچي مون کي گڙ جو هڪ ڳنڍو ڏيئي ويندو هو. جيل ۾ گڙ هڪ وڏي نعمت آهي. گڙ جيل ۾ مٺائي به آهي ته چاڪليٽ به آهي ۽ ان مان ڪيتريون مٺيون شيون به ٺاهيون آهن. اسان جوئي مثال وٺو. دال روٽي ۽ کير جي پڇاڻي ٺاهڻ وقت ان ۾ مٺاس لاءِ گڙ وجهندا هواسون. جيل ۾ پاڻي پيئڻ ۽ ٻئي ڪم ڪاج لاءِ المونيم جو پيالو (مگ)

ٻاهر ٻنداسون. سڀ پيسو ڏوڪڙ، سون چاندي، جواهرات ۽ ٻيون قيمتي چيزون، ڳوٿرين ڀري ڪٽنداسون. ويندي وقت به بندوقن مان فائر ڪندا ڌماڪا ڦهلائيندا، ٺاپ ٺاپ ڪندا روانا ٿينداسون ۽ اڳواٽ رٿيل هنڌ ڏانهن ڪاهينداسون. ڳوٺ کان ٻه - ٽي سؤ ميل پري، ڪنهن گهاٽي جهنگ ۾ وڃي مال لڪائينداسون. ويندي ويندي پيرا به گم ڪندا وينداسون. نشان پٽا مٽائيندا وينداسون. جڏهن هوءِ موءِ ٺرندو ته مال جي ورهاست ڪنداسون ....

١٧-١٨ ورهين جي عمر ۾ ههڙو خوفائتو داستان ٻڌندي، منهنجو ساهه هيٺ مٿي ٿي رهيو هو ۽ بدن ۾ سياٽ پئجي پيو. پوءِ به حيرت ۾ اکيون ڦاڙي، سندس چهري تي بدلجندڙ اظهار ۽ داستان جي جادوئي اثر هيٺ جڪڙيو رهيس ۽ سمڪ نه رهي ٿم. ڪيڏي مهل هن قصو ختم ڪيو.... جڏهن سرت ۾ آيس ته ٻاراڻي انتظار وچان سوال ڪيم: ”هيلتائين گهڻا ڌاڙا هنيا اٿئي؟“ ڪلي ڏنائين. چي: ”ديوان، آڱرين تي نه ڳڻجي اٿو سگهان.... باقي الڳ، جي جاڙ نه رهي اٿم.... پر هاڻي بس ڪيم.“ اوشواس سان مون سندس اکين ۾ نهاريو. منهنجين اکين ۾ اڻ ورايل سوال کي هو ڀانپي ويو. خود چيائين: ”ديوان، تڏهين جوانيءَ جو جنون هو، جانبازي جو شوق هو، ديوانگي سر تي سوار هئي. سهڻيون ”رنون“ به اُنهن تي هرڪا هار پائينديون هيون، جن گهڻا ڌاڙا هڻي ڀاڙ ڪي مڙد مجاهد ثابت ڪيو هجي. انهن سان پيچ وجهڻ به چاهينديون آهن.... هاڻي چاليهن کي ويجهو آهيان. ويهارو سال جيل ۾ گذاريندس. پوءِ سٺ جي عمر ۾ ڌاڙا ڪهڙين هڻندس؟! ڪجهه رب کي به ته ياد ڪندس....“ منهنجو وات کليل ئي رهجي ويو. هو ٽهڪ ڏيئي، اٿي هليو ويو....

سٽن ڄڻين همراهه ڪيون. ٻهراڻ ٻنهجا ماڻهو (جاسوس) ڇڏي سڄي ڳوٺ جو واءُ سواءُ وٺندا آهيون. پاڳيءَ جي حويلي وغيره جا سمورا ڏس پتا ۽ آس پاس جو احوال به حاصل ڪري وٺندا آهيون. پوءِ ڏينهن ڏٺي، ڏيناڏاسٽيءَ گهوڙن تي سوار ٿي بندوقون ڪلهن تي رکي، ٽاپ ٽاپ ڪندا، سري بـازار ڳوٺ ۾ گهڙندا آهيون ۽ هڪڙي وقت ٻنهجن سٽن بندوقن مان گوليون ڇوڙي فضا ۾ هيبت ڦهلائي ڇڏيندا آهيون. ڳوٺ ۾ سڀني جي دلين تي ڏهڪاءُ پيدا ٿي ويندو آهي تـه ڌاڙيل اچي ويا. واويلا مچي ويندي آهي. هراسيل ڳوٺاڻـا گهرن ۽ دوڪانن اندر ٻچندا ۽ اندران در ٻائي ساهه مٺ ۾ جهلي لڪي ويهندا آهن. اسين "ٽاپ ٽاپ" ڪندا پاڳيءَ جي حويليءَ جي مکيه دروازي تي پهچنداسون. اگـر شرافت سان دروازو کوليو ويو ته ٺيڪ، نه تـه دروازو ڀڃي انـدر داخل ٿيندا سون. سڄي حويليءَ ۾ ٻـاڪر ڪٽو مچي ويندو- عورتن جـون رڙيون ۽ چيخون ۽ ٻارن جو روڄ ۽ راڙو! بندوقن مان فائر ڪري، سڀني کي خاموش ڪرائيندا سون. زالن ۽ ٻارن کي هڪڙي ڪمري ۾ واڙي، بند ڪري، ٻاهران ڪڙو ٻائي، هڪ بندوقباز کي پهاري ڇڏيندا آهيون. ڪجهه هٿيار بند ساٿي دروازي کان ٻاهر کـڙا ڪندا آهيون، جيڪي پهرو ڏيندا آهن، جئن اسان کي مصيبت وقت آگاهه ڪري سگهن. مردن کي وچين ڪمري ديوان-خاني ۾ گڏ ڪندا آهيون ۽ سڀ نـي همراهه بندوقون سڌيون ڪري بيهندا آهن! حويلي جـي مالڪ کـان تجورين ۽ ڪٻٽن جي ڪنجيون جي گهر ڪندا سون. اگر ڇڪمڙسيءَ مان هن آڻ مڃي ته ڪيس نوڙن سان ٻڌي ڪرسيءَ تي وهاري ڇڏيندا سون. ٻـر جي آناڪاني ڪيائين تـه ڪيس ماري اڌمئو ڪندا سون ۽ ڪنهن بـه حالت ۾ چابيون ڇڏائيندا سون. پـوءِ وٺي گهر

ڪندو، گهڻگهرو وڃائيندو هليو ويندو هو. ڪوبه شڪ جو نشان ڪو نه ڇڏيندو. پوءِ ٿوري وقت لاءِ ماٺ ڪري ويهي رهندو. وڏي آل عيال وارو هو. پٽ پوٽا، پوٽيون، ڏوهٽرون، ڏهٽرون به هيس. انهيءَ هوندي ڪان چوريءَ جي عادت پيئي هيس. "هيريءَ سندي هير، ننگــ ڇڏيندي نه نه لهي." ڪيترا دفعا پڪڙجي پوڻ تي سزائون به ڪاٽيون هئائين، جنهن هن وقت ڪاٽي رهيو هو. پر سندس قول موجب: "چاهيندي نه چاهيندي، جواهريءَ جو دوڪان ڏسندو آهيان ته دل هرڪجي ويندي آهي ۽ ڏوهه ڪرڻ لئي آماده ٿي ويندو آهيان."

ٻيو به هڪڙو دلچسپ چـور مليو، جيڪو ڪاٽ هڻڻ ۾ افلاطون هو. سالن جا سال ڪاٽ هڻندو رهيو. پوءِ مس وڃي هڪ دفعي سڀــ سوڌو پڪڙيو. گهرن کي ڪــاٽ هڻڻ جو ڪوڏيو هو. اهڙو روچڪ قصو ويهي بيان ڪيائين ته ڪيئن رات رٿا ٺاهيندو آهي ۽ ان کي ڪامياب بڻائيندو آهي ته حيرت وٺي ويئي. گويا ڪنهن انجنيئر ويهي نقشو بڻايو آهي. سڀ تياريون ڪري جڏهين هـو ڪاٽ هڻندو هو تــه پهريون رنبو پٽ ۾ ٽڪيندو هو.

جيل جي اندر انيڪ اديت ڪهاڻيون آهن، هرهڪ قيديءَ جو پنهنجو پنهنجو قصو آهي. هرهڪ ڪهاڻيءَ جـو پس - منظر به پنهنجو پنهنجو آهي. انيڪ ڪارڻ ۽ بنياد آهن. ڪٿي ڇڙي بکــ ۽ غريبي آهي، ته ٻي ڪا اُٽڪــر مجبوري آهي. ڪٿي وري منووگيانڪ مرض آهي، برائيءَ طرف من جو لاڙو آهي. ڪٿي سماج جون ڪنورتائون ۽ عقوبتون آهن. ڪٿي رشتن جو ٽڪاءُ ۽ ناسازي آهي. گهٽ پوسات جي فضا آهي. ڪٿي ساڙ حسد ۽ لوڀ جو جذبو يا بدلي جي ڀاونا آهي. ڪٿي وري وهم، جهالت ۽ غلط وشواس جي ڄار ۾ انسان ڦاٿل آهي. هيءَ

هڪڙو ٻيو وري "شاهاڻو" چور ملنگ، جنهن کي ڏسڻ ۾ درويشي صورت پئي لڳو. سفيد لنبي چاپٽين ڏاڙهي، مٿو سڄو اُڇو، جنهن مٿان ڪارو ڪلاهه (درويشن واري رواٽي ٽوپي)، گهگهو به سفيد، پيرن ٽائين سنياسين وانگر پائيندو هو. هٿ ۾ به جوڳين وارو ٿلهو ڏنڊو رکندو هو، جنهن کي گهنگهرو ٻڌل هوا. قلندرن وانگر "الله هوُ.... الله هوُ" اُچاريندو ۽ گهنگهرو وڄائيندو، مستيءَ ۾ حيدرآباد شهر جون گهٽيون ۽ رستا ڪڇيندو رهندو هو. ڪرامت سڄي ڏنڊي جي هئي. ڪاٺ جو ڏنڊو ڪافي ٿلهو هو، پر اندران ٻـي اندران سڄو پورو هو. مٿون اٽڪل ڇهن انچن جو هئو، الڳ هو، جيڪو باقي حصي ۾ مضبوطيءَ سان ڪِٽل هو ۽ ڪڍڻ ۾ ڪيڏي الڳ ڪري، وري ان ۾ ڪپائي سگهبو هو. ڏنڊي جي پڇاڙي لوهي چلي سان مضبوط ٿيل هئي.

هن درويش ٽائيپ چور جو روپ رنگ ۽ هٿوار دوکو ڏيندڙ هو. گهڻو ڪري جواهرين جي دوڪانن تان چوريون ڪندو هو. پهرين ته ٻـئي دفعا، خيرات جي بهاني ڪنهن وڏي جواهريءَ جي دوڪان تي چڙهي ويندو هو. دوڪان جي پوري جاگرافي جاچي وٺندو هو- دريون - دروازا، منگهه - روشندان، ڇٽيون - پٽيون، اڱڻ - پٺيان يا پاسي جا گهٽين جا لنگهه- مطلب ته دوڪان جو پورو نقشو ذهن ۾ ڇٽي وٺندو هو ۽ خاطري ڪري وٺندو هو ته دوڪان ۾ گهڙڻ ۽ نڪرڻ جو ڪهڙو سولو ۽ سلامتيءَ وارو طريقو آهي. پوءِ وشواس سان ڪنهن رات منگهه، روشندان، دريءَ يا ڇت مان سرون پاسي ڪري اندر لهي ايندو هو. پوءِ قيمتي ۾ قيمتي جواهرات ڏنڊي جي پور ۾ وجهي اُن کي پريندو ۽ مٿان هٿيو زور سان ڪپائي ساڳئي لنگهه مان ٻاهر نڪري ايندو. گهٽيءَ ۾ پهچي "الله هوُ.... الله هوُ" ڪندو

سيٽي ٻئرڪون بند رکيون ويٺيون هيون. اڄ اعتراض جو ٻيو ڏينهن هو. اسان کي هٿيار بند پوليس جي پهري هيٺ آڻي هڪ ٻئرڪ ۾ بند ڪيائون، جنهن ۾ ڪافي ستر سنڌاڻي موجود هوا. هنن وٽان ئي اسان کي مٿيون احوال مليو. اسين به اعتراض ۾ ساڻن شامل ٿياسون ۽ نعرا هڻڻ لڳاسون. ٻه ڏينهن شور غل هليو، پوءِ حالتون شانت ٿي ويون، جو ڪانگريس جي وڏن ليڊرن چوائي موڪليو ته اعتراض کي وڌيڪ لنبو نه ڪريو. ڪن جوشيلن جوانن کي غصو آيو پر سندن وس نه هليو، جو باقي ڪانگريسي ڪم ڪندڙ پنهنجن ليڊرن جي حڪم جا ٻڌا هوا.

اسان واري ٻئرڪ ۾ ست ستر ڄڻا هواسون، جيڪي وڻ وڻ جي ڪاٺي هوا، سنڌ جي الڳ الڳ شهرن مان آيل. جنهن ڪري هڪ ٻئي جي ويجهو اچڻ ۽ حال احوال ڏيڻ وٺڻ ۾ سڄو وقت رڌل هوندا هواسون. جيل ۾ ڪرڻو به ڇا هو؟ ٽي ويلا ماني کائڻ ۽ بسترن تي سمهي ڪٽڻ ڇڏڻ، باقي وقت ٽت شت هڻڻ. ڪتاب يا اخبار ڪنهن ورلي ڪانگريسيءَ کي هٿ ۾ ڏسندو هوس. ڪڏهين ڪنهن ڪانگريسي نيتا کان ڪنهن قومي وشيه تي ڀاشڻ ٻڌڻ جو پروگرام رکيو ويندو هو، جنهن ۾ وري سوالن جوابن جي ليک به ٿيندي هئي، جنهن ۾ منهنجي ڏاڍي رچي رهندي هئي. منهنجي لاءِ جيل ڄڻ اڀياس گهر ٿي پيو. مون نه اڃا مئٽرڪ به پاس ڪا نه ڪئي هئي. راڄنيتيءَ جي گهٽي ڄاڻ ڪونه هيم. مان نه جذباتي طور تي آزاديءَ جي آندولن ۾ ٽپي پيو هوس. پر ڄاڻڻ جي ڏاڍي چاهنا هئي، تنهنڪري ليڊرن جا ڀاشڻ چاهه سان ٻڌندو هوس ۽ سوال جواب واري بحث کي دلچسپيءَ سان ٻڌندو هوس. باقي بحث ۾ حصو ڪونه وٺندو هوس، جو ڊپ گاڏڙ هڪ

سڀ هو سڀ سماج جي گندي بيماريءَ جون علامتون آهن، جن ۾ فرد ڦاسجي رهيو آهي يا ڪيس آسپاس جي فضا مان ملن ٿيون. مون وديا جي ماهرن لاءِ جيل هڪ تمام وڏي پريوگ شالا آهي، جتي ڪين اڪيچار مصالحو ملي سگهي ٿو.

اسين حيدرآباد جيل ۾ ئي هواسون ته، هڪڙي ٻي خوشخبري اچي پهتي. ڳالهه هيءَ آهي ته ان وقت سنڌ جو وڏو وزير مرحوم الله بخش سومرو هو. هو قومي ويچارن جو نيتا هو ۽ ڪانگريس ڌر جي مدد سان سنڌ جو مکيه وزير بڻيو هو. سياسي سندس همدردي ”ڀارت ڇڏي وڃو“ هلچل سان هئي. هن کي هڪ نئون خيال اچي ويو. هونئن رواجي طرح انگريزي راڄ ۾ جيل ۾ ٽي ڪلاس (اي. بي. سي) مقرر ڪيل هوا. الله بخش، وچون چوٿون ڪيو ڪلاس مقرر ڪيو، جيڪو خاص طور اسان راڄنيتي نظربند قيدين سان لاڳو ڪيو ويو. ان مطابق سنڌ جي سڀني نظربند، ٽوڙي سزايافته راڄنيتي قيدين کي سکر سينٽرل جيل ۾ رهائڻ جو حڪم ڪيائين، جتي هو هڪ هنڌ هجن ۽ پاڻ ۾ گڏجي مسجي سگهن. اسان کي به ان حڪم جي تحت حيدرآباد سينٽرل جيل مان ڦيرائي سکر سينٽرل جيل ڏانهن روانو ڪيائون.

اسين جيل جي مکيه ڦاٽڪ اندر گهڙياسون. زبردست هل هنگامو متل هو. سڄو جيل انقلابي نعرن سان گونججي رهيو هو. هڪ ڏينهن اڳ، هيمون ڪالاڻيءَ کي هن ئي جيل ۾ ڦاسي ڏني وئي هئي. جنهن جي خبر راڄنيتي قيدين کي ڪنهن نموني ٻڌجي وئي هئي. هن گڏجي بک هڙتال ڪئي هئي. جيل جو ڪاڌو وٺڻ کان انڪار ڪيو هئائون ۽ اعتراض طور نعري بازي ڪري ڌاريءَ سرڪار لي لعنت وجهي رهيا هوا. جيل اندر پوليس جو ڪرڙو بندوبست ڪيو ويو هو.

آهن. الف - ليليٰ جا قصا وٺندو ڪٿين ڇا؟" پنهنجائيءَ جي پاڻا وڃان، ٿورو چرچو ڪرڻ جو سواد ورتم. ڪلي ڏنائين. چيائين، "سماجواد" تي ڪتاب پڙهي رهيو آهيان. ڪجھ مهان ليکڪن جا ناول به آهن".... سماجواد جو لفظ مون پهريون دفعو ٻڌو. ڪانگريسي سائين وٽان سو "گانڌيواد" جو شبد ٻڌو هو. سوچي سوال ڪيو، "پڙهڻ جو شوق اٿيئي؟" مون ڪنڌ ڌوڻي "ها" ڪئي. پنهنجي وهاڻي هيٺان رکيل ڪتابن مان هڪڙو ننڍڙو پستڪ چونڊي ٻاهر ڪڍيائين ۽ چيائين، "هيءُ پڙهي ڏس، ڪيئن ٿو لڳي توکي، پوءِ وڌيڪ سوچينداسون."

ڪتاب هٿ ۾ وٺي هيٺ مٿي ڪري ڏٺم. هيٺين مڪرجيءَ جو لکيل هو: اَن انٽروڊڪشن ٽو سوشلزم. ڪتاب کڻي سڌو اٿرڪ اندر وڃي، پنهنجي کٽ تي ليٽي، پڙهڻ ويٺس. ڄاڻ جي پياس ڪري، جنهن تي پڙهڻ شروع ڪيم ته جهٽي ورتائين. پڙهندو وڃان ۽ اچرج ۾ پوندو وڃان. انساني سماج جي ارتقا جي ڪهاڻي هئي. عجب ڏيارينڌڙ هئي ته ڪيئن، اربين سال اڳ، انسان پٿر جي يگ کان سماجڪ جيون جي شروعات ڪئي ۽ غارن غفائن مان سفر ڪندو، ليٽ لڙيءَ جي آخرين منزل، وگيان - يگ تائين پهتو آهي. پر اڻ لڀي تاريخ ۾ انسان ڪيترن ئي دورن ۽ منزلن مان لنگهيو آهي. هڪڙو غلاميءَ جو دور هو، جنهن ۾ هڪڙا انسان هوا غلام ۽ ٻيا مالڪ. غلامن جي حالت جانورن جهڙي هئي، جن کي صرف کاڌو کارائي سڄو ڏينهن ڇهبوڪن سان ماري پورهيو ڪرايو ويندو هو. رواجي شين ۽ چوپائي مال وانگر غلامن جا مارڪيٽ لڳندا هوا، جتي کين خريد ۽ وڪيو ويندو هو. غلامن جون بغاوتون ٿيون، پوءِ مس مس وڃي کين ٿورا حق مليا. ٻئي دور ۾ جاگيرداري نظام آيو، جنهن ۾ رشتو قري ڪاستڪار ۽

محسوس ڪندو هوس ته ڪٿي اٽڪاٽائيءَ ڪري پشيماني نه ڏسڻي پوي.

بلڪل اُنهيءَ سمي سوڀي گيانچنداڻيءَ سان منهنجي واقفيت ٿي. هن شخص جي خاص انداز مون کي اپ-ـند متاثر ڪيو. ڏسندو هوس ته هڪ لنبو پرجستو جوان، گنجي ۽ گوڏ سان ٻئرڪ جي ورانڊي ۾ کٽ تي ليٽي سڄو وقت پيو ڪتاب پڙهندو هو. اهڙي وهندي پيو کيس حيرت سان ڏسندو هوس. هو ٻين کان بلڪل الڳ ٿلڳ پنهنجي ڪتاب ۾ محو هوندو هو. هو پنهنجي چئن حواس سان ٽاڻي ويو هو ۽ منهنجي اُٽاٽ کي پاڻ ورتو هوائين. هڪڙي ڏينهن مان جڏهن سندس کٽ وٽان پئي لنگهيس ته سڏي چيائين: "اُچ، هت ويهه." مان سندس کٽ تي پاسي ۾ ويهي رهيس. پڇيائين، "ڪٿان آيو آهين، هلچل ۾ ڪهڙا ڪارناما ڪيا اٿئي؟" مان هٻڪجي ويس: چيم: "نوابشاه مان آيو آهيان. اسڪول مان جلوس ڪڍيو هوم...." وڌيڪ چوڻ جي جرئت ڪانه ٿي. شايد لڄ جو احساس ٿيم." لڳي ٿو تون مون سان اوپرائي محسوس ڪري رهيو آهين." سوڀي ڏاڍي پنهنجائي ڏيکاري ۽ کليءَ دل سان اظهار ڪيائين. هڪ ۽ جهجهڪ جا بندڻ ٽٽي ويا. مون کيس پنهنجي سموري پراڻي ڪڙائي ۽ موٽ ۾ ڪالٿس سمورو احوال جاڻڻ چاهيم. مون کي پنهنجو نالو ٻڌايائين ۽ ڪراچيءَ ۾ هلندڙ ڪنٽ الدينا آلدوان جو احوال ڏنائين، جنهن ۾ هو پوليس کي گوهي ڏيئي زيرزمين ٿي ويو هو. پرچي وديارٿي ۽ سندس سائين جيڪي پيچ ڏاهه جا ڪم ڪيا هـوا ۽ پوسٽ آفيس ۽ بئنڪن کي لٽيو هو، تن جا احوال به ٻڌايائين. مان سندس شخصيت کان ته پهرين ئي متاثر ٿي ويو هوس. آڪدب مان چيومانس: "پر ڏسان ويٺو، تون سڄو وقت ڪتابن ۾ غلطان

جن هزارن سالن جي انساني سماج جي اوسر جي تاريخ جو ڇيد ڪيو، طبقاتي لوٽ کسوٽ جي تهه ۾ وڃي، سماج جي صحيح تصوير جو درشن ڪرايو ۽ اهو به ڏسيو ته اهڙين برابري واري انساني سماج جو اوسر ڪيئن ٿيندو، جتي سڀني کي حق ۽ انصاف ملندو، پوءِ دنيا ۾ سک ۽ شانتيءَ جو راڄ قائم ٿيندو. جنهن لاءِ آڳاٽن کان ڏکي ۽ هراسيل انسان پئي ڪلپنا ڪئي آهي....

هيءَ سڀ ڳالهيون مٿين انگريزي پستڪ ۾ پهريون دفعو پڙهي مان ته دنگ رهجي ويو هوس. منهنجا ته ڪپاٽ ئي کلي ويا هوا. مذڪور ڪتاب ۾ جنهن ڳالهه مون تي زبردست اثر ڪيو ۽ منهنجي من کي لوڏي ڇڏيو، سا هيءَ هئي ته سرمائيداري يعني اڄوڪو سرشتو، ڇاڪاڻ ته نفعي ڪمائڻ جي بنياد تي ٻڌل آهي، تنهنڪري ڪارخانيدار پنهنجي مال مان وڌ ۾ وڌ نفعو ڪمائڻ لاءِ، انساني گهرج کان گهڻو مال پيدا ڪندا آهن، جنهن مال جي هٿرادو کوٽ ڪارڻ، هو وڌيڪ قيمت تي مال وڪڻي سگهن. هن سرشتي جي اها به وڌيڪ ڪڌائي رهي آهي، جو اگر ڪنهن وقت ڪارخانن يا کيتن ۾ مال جي پيداش وڌي ويندي آهي ته ان کي مارڪيٽ ۾ آڻڻ بجاءِ اُن جو ڪجهه حصو ناس ڪري ڇڏيندا آهن. کيتن کي ساڙي ڇڏيندا آهن يا مال درياهه ۾ ٻوڙي ڇڏيندا آهن، جئين گهٽي رسد ڪري شين جا اگهه ڪري نه پون ۽ نفعو گهٽجي نه وڃي. سرمائيدار سماج جي اهڙي بي رحم وهنوار تي بيحد نفرت ۽ غصي جو احساس ٿيو. ڪتاب ۾ انگن اکرن سان ٻڌايل هو ته آمريڪا ۾ ڪهڙن سالن ۾ ڪڻڪ ۽ نارنگين جي جهجهي فصل ڪري، ڪجهه حصو ٻوڙن ۾ ٻاري سڙن درياهه ڪيو ويو هو. اهڙي شيطاني ڪارروائي تي، منهنجي دل کي ڏاڍو ڌڪو

زميندار جو ٿيو. جنهن ۾ زميندار کي مارڻ يا وڪڻڻ جو حق نه ڪونه رهيو، پر بنيادي رشتو ساڳيو رهيو، جنهن ۾ ڪڙمي (ڪاشتڪار) محنت ڪري فصل تيار ڪري ۽ سندس محنت جو وڏو حصو زميندار کڻي وڃي عيش ڪري، باقي ٿورو حصو پيٽ گذر لاءِ ڪڙميءَ کي ملي، جئن هو حيات رهي، خون چوسيندڙ زميندار لاءِ اناج اپائيندو رهي. هارين - نارين پڻ اهڙي بي- انصافي ۽ ذلت خلاف لڙايون لڙيون، جيڪي تاريخ ۾ "ڪسان جون لڙايون" شماريون ويون آهن. آخرين دؤر ۾ صنعتي (هنري) انقلاب ڪاپوءِ مزدور ۽ ڪارخانيدار جو نئون رشتو وجود ۾ آيو. مول ڳالهه نه ساڳي رهي، نه مزدور خون پسينو هڪ ڪري ڪارخاني اندر مال پيدا ڪري، ٻئي طرف ڪارخاني جو مالڪ پيداوار مان منافعي جي صورت ۾ سڄو مال هڙپ ڪري وڃي، باقي مزدوريءَ جي صورت ۾ ڪيس اهڙو ڏئي، جو هو جيئرو رهي مال پيدا ڪندو رهي.

انساني سماج، تمام اوائلي دؤر کي ڇڏي، ٻن طبقن ۾ ورهايل رهي آهي. هڪڙا اهي آهن، جيڪي محنت ۽ پورهيو ڪري، انسان جي گهرجن لاءِ سڀ ڪجهه پيدا ڪن ٿا ۽ ٻيا اهي ٿورا آهن، جيڪي پيداوار جا وسيلا پنهنجي هٿ ۾ ڪري ويٺا آهن ۽ ان جو ٿوري ۾ ٿورو حصو انهن گهڻن ڏانهن اڇلائين ٿا ۽ شينهن واري ڦالڙي پنهنجي ڪيسي جي حوالي ڪن ٿا. صدين کان دنيا جي سيني سٽن - پيغمبرن اهڙي انيائي وهنوار ۽ سٽاءَ کي ننديو آهي ۽ حق ۽ انصاف جي سٽن هنئين آهي، پر ڪونه خاطرخواه حل ٻڌائي نه سگهيا ۽ اهڙيون پورڙ پڪارون تاريخ جي ورقن ۾ بوسانجي رهجي ويون. پوءِ "سماجواد" (انساني برابريءَ جي فلاسافي) جا پيغمبر پيدا ٿيا- ڪانٽ، هيگل، اينگلس ۽ ڪارل مارڪس.

۾ منهنجي ڄاڻ ۾ اضافو هو.

سوڀو شام جي وقت وڏن ڪانگريسي ليڊرن، جيڪي اسان کان ٿورو پري ئي. ڪلاس ۾ ڌار ڌار ڪوٺين ۾ رهايل هوا، ان مان ڪنهن نه ڪنهن وٽ لنگهي ويندو هو. انهن ملاقاتن وقت سوڀو هاڻي مون کي پاڻ سان وٺي وڃڻ لڳو هو. ڪڏهين جيرامداس دولترام، ڪڏهين ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي يا پروفيسر گهنشام شيوداساڻي، نه ڪڏهين اين. آر. ملڪاڻي يا نيونڌرام وشنداس، ڪڏهين چوئٿرام وليڇا يا آ. ڪي. سڌوا يا جيٺي سپاهيملاڻي يا ڪو ٻيو. اهي سڀ سنڌ ڪانگريس جا پرسڌ ليڊر هوا. جن مان، مان رڳو نيونڌرام وشنداس کي سڃاڻندو هوس، ڇاڪاڻ ته هو نوابشاهه ضلعي مان هو. جڏهنڪري ڪيترا دفعا کيس ڏسي ۽ ٻڌي چڪو هوس ۽ سندس ڀاشڻ کان ڏاڍو متاثر ٿي چڪو هوس. جڏهين به هو نوابشاهه شهر ۾ ايندو هو ته چڪري بازار ۾ سندس ڀاشڻ رکيو ويندو هو. مان ضرور ٻڌڻ ويندو هوس ۽ هڪ ٽڪ اکيون لڳائي سندس ڀاشڻ ۾ محو ٿي ويندو هوس. ساڌارڻ ٻوليءَ ۾ ڏاڍي ٺهر سان ڳالهائيندو هو، پر دليلن سان، منطقي لحظي ۾ لس ٿي لس ڪيپندو ويندو هو. دل ۾ چوندو هوس ته مان به هن وانگر ڀاشڻ سگهندس....

سوڀي ۽ ڪانگريس ليڊرن جي وچ ۾ سڀاوڪ طور سياسي بحث ڇڙندا هوا. ڦرندي گهرندي اچي **گانڌيواد ۽ سماجواد** جي بنيادي متن تي ٽڪر ٿيندو هو. ڪنهن به راجنيتي فلسفي جا ٻه چٽا پهلو آهن: هڪڙو آهي مول مت يعني اصول ۽ آدرش ۽ ٻيو آهي ان کي حاصل ڪرڻ جون راهون ۽ رستا يعني عملي پروگرام. سوڀو پهرين نڪتي تي بحث ۾ چوندو هو ته ”گانڌيواد“ ڪنهن به ٺاهوڪي فلاسافيءَ جي بنياد تي

رسيو هو. رات جو گهڻي دير تائين ويهي مون اهو ڪتاب پڙهيو هو. منهنجي ڪايا ڪلپ ٿي وئي هئي. موڙيوادي سماج جو اهڙو نردئي پهلو منهنجي تصور جي حدن کان ٻاهر هو. هاڻي ان لاءِ حقارت جو ڀاوُ منهنجي من ۾ جنم وٺي رهيو هو. ”سماجواد“ کي سمجهڻ ۾ منهنجو چاهه وڌي ويو.

ٻئي ڏينهن نهي نڪي، ٽيون ڪاٺي، سوئي وقت پهتس. هو نيم مطابق ٽنگ ٽنگ تي رکي، کٽ تي ڪتاب پڙهڻ ۾ لين هو. مون ”هيلو“ چئي کيس سجاڳ ڪيو. ڪنڌ مٿي ڪري چيائين، ”اچ، ويهه.“ پاسيرو ٿي، مون کي ويهڻ لاءِ جڳهه ڏنائين. پڇائين، ڏي خبر، ڪتاب پڙهيئي؟“ مون چيو، ”رات گهڻي دير تائين ويهي، لالٽين جي روشنيءَ ۾ ڪتاب پورو ڪيم. منهنجا ته ڪپاٽ ئي کلي ويا آهن. ڇا انسان ايڏو نردئي ٿي سگهي ٿو، جيڪو پنهنجي نفعي لاءِ انسان کي اڌمئو ماري ۽ قدرت جي سڀني شين کان محروم ڪري! چيائين، اها ريت اڄ جي نه آهي، پڳن کان هلندي آئي آهي. انسان کي ان کي بدلڻو آهي. پهرين پاڻ کي بدلڻو آهي. جهونن ۽ مذهبي خارج ويچارن، وهموارن ۽ وشواسن کان پاڻ کي آزاد ڪرڻو آهي. تنهن سچ کي پروڙڻو آهي. سماج جي نوَ نرماڻ لاءِ سوچڻو آهي. ان لاءِ توکي گهڻا ڪتاب پڙهڻا پوندا....

اها حقيقت آهي ته سوٽي گيانچندانيءَ منهنجي حياتيءَ جي آدرش کي هڪ نئين دشا ڏيئي ڇڏي هئي. منهنجي اڳيان نيون راهون روشن ڪيون هيون. هو ڪتاب چونڊي ڏيندو ويو ۽ مان ڏاڍي چاهه سان جلدي گهوٽيندو ويس. ڪي چيزون اهڙيون نه هيون، جيڪي منهنجي ان وقت جي سمجهه جي گرفت کان مٿي هيون، پر مان ڪڙي سڙي سمجهي پڙهندو رهندو هوس، ڇو ته ڪجهه ته حاصل ٿيندو هو، جو

سمجھه موجب هنسڪ نموني جي بدل سدل جا اُگرا نتيجا نڪرندا. سٺن نتيجن لاءِ سٺا رستا وٺڻ گهرجن. سويو آدرشوادي رخ جي ورق، انقلابي اُو پسند (رئڊيڪل) فلسفي جي بنياد تي دليلبازي ڪندو هو ته اگر مرادون نيڪ آهن ته طريقا ڪهڙا به، ڪتب آڻي سگهجن ٿا. اهوئي انقلابي نظريو آهي. اگر اڳلي ماڻهوءَ جا طريقا ۽ مرادون نيڪ نه آهن ته ان کي نيڪيءَ جا سبق پڙهائڻ فضول آهن. گهڻن ماڻهن جي ڀلائي لاءِ ٿورن جي خلاف ڪي به طريقا استعمال ڪرڻ جائز آهن. اهوئي انصاف جو نيم آهي.

مهاتما گانڌيءَ جي ”اَمانتداري“ (ٽرسٽي شپ) واري اصول تي پڻ سويو ۽ ڪانگريس نيتائن جي وچ ۾ وڏي چڪري لڳندي هئي ۽ ڪڏهين ڪڏهين گرما گرمي به وڌي ويندي هئي. سويو پنهنجي سماجوادي مت تي قائم هو ته سڄي قوم ديش جو جيڪو به ڌن دولت يا پيداوار آهي، مڙني ديسواسين جي گڏيل ملڪيت آهي، جنهن تي سڀني جو پورو پورو حق هئڻ گهرجي ۽ ان مان سڀڪا وٺڻ جا مڙئي حقدار آهن. سڀني کي روٽي، روزگار ميسر ٿي ملي، انصاف ۽ برابري پلئه پوي، جنهن جو ذمو رياست، سڀني نگرواسين طرفان پاڻ تي کڻي. ٻئي طرف گانڌيواد جي اصول پٽاندڙ، مالدار، سرمائيدار، ڪارخانيدار، زميندار، جاگيردار جيڪي ملڪ جا سڀ پيداوار جا وسيلا پنهنجي قبضي ۾ ڪري ديش جي ساري مال ملڪيت تي قبضو ڪري ويٺا آهن، سي ٽرسٽي ٿي رهندا. اهنسڪ نموني هنن جي دلين ۾ اهڙو ڦيرو آڻبو جو هو ديش جا ٽرسٽي ٿي رهندا ۽ سڀني کي حق پلئه ۾ وجهندا. سويو چوندو هو ته ”اهو آدرشواد ڏاڍو موهيندڙ آهي، پر رڳو پستڪ کي سينگاري سگهي ٿو، باقي سرمائيدار ملڪ جا آئين پٽجي

بــتل ڪونهي. وٽس ڪي به مت ڀيانتر ڪونهن. سندس وچار انفرادي آدرشواد جا نمونا آهن. جن کي ڪنهن به پڪي پختي مت (ٿيوري) جــو روپ نٿو ڏيئي سگهجي. ڪڏهين ڪڏهين ته اهي مهاتما گانڌي جي شخصي رنگ جي صورت ۾ ظاهر ٿا ٿين، جيڪي ڪڏهين ته سندس پرم ششن ۽ پوئلڳن کي به منجهائي ٿا ڇڏين. پوءِ هــو غير خاطريءَ واري سمجهاڻي ڏيئي، حالتن کي بچائي وڃڻ جــي ڪوشش ڪندو آهي. ان باري ۾ هو ڪيترائي مثال ڏيندو هــو. ٻئي طرف ڪانگريسي ليڊرن جو گانڌيجيءَ ۾ اهڙو ته اٽل وشواس هو، جو هو گانڌيجيءَ جــي خلاف ڪا به ننڍڙي ۾ ننڍڙي نڪتچيني به سوڪار ڪرڻ لاءِ تيار نــه هوا. گانڌيجيءَ جي اصولن، آدرشن ۽ هدايتن کي پٿر تي لڪير سمجهندا هوا. خاص طور جيرامداس دولترام جيڪو مهاتما گانڌيءَ جي تمام نزديڪ رهيو هو، منجهس پورن وشواس هوس. سندس هر هڪ نڪتي کي بچاءَ لاءِ دليل پيش ڪندو هو.

ٻيو نڪتو، جنهن تي گرما گرم بحث ٿيندو هــو، سو هو آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ اهنسا جو هٿيار. سوڀو ٻڌندي وشال اتهاس ۽ سياسي ڄاڻ جي بنياد تي چوندو ته انساني تاريخ ۾ ڪو به انقلاب يــا سماج ۾ بنيادي بدل سدل اهنسڪ نموني ۾ ڪڏهين به نه آئي آهي. ڇاڪاڻ ته سماج جي سرشتي تي قابض شخص ۽ طاقتون سمجهائڻ ٻجهائڻ تي طاقت ۽ قبضي کــان دستبردار ڪو نه ٿينديون آهن. تاريخ ان جي شاهد آهي ته طاقت ۽ قبضو زوريءَ کسي سگهبو آهي. اهي وري اپاءَ ۽ انيچا (مينس اينڊ اينڊس) تي بحث ڇڙي پوندو هــو. هن جو مهاتما گانڌيءَ جي طور طريقن ۾ وشواس هو. هن جي

آرٿ کي بدلائي ڇڏيو. جنگ ۾ خونخوار شڪتين جي
وچ ۾ ڇڙي هئي- هڪڙي طرف هئي سلطنتشاهي طاقت، جنهن
۾ برٽن، آمريڪا ۽ ٻيا سرمائيدار ملڪ شامل هوا، جيڪي اڌ
دنيا تي قبضو ڪري آرٿڪ لٽمار ڪري رهيا هوا ۽ ٻئي طرف
هئي نئين اڀرندڙ فئسزم جي خونخوار شڪتي، جيڪا دنيا جي
لوٽ کسوٽ ڪرڻ ۾ ڀاڱيداري گهري رهي هئي. صاف ظاهر
هو ته ٻنهي شڪتين ۾ دنيا جي ورهاست لاءِ ٽڪر هو،
تنهنڪري اهڙي انيائي ۽ بدنيت ويڙهه ۾ ڪنهن به ڌر جي
طرفداري ڪرڻ جو ڪوبه سوال ئي ڪونه ٿي اٿيو. پر جڏهين
نازين سوويت سنگهه (رشيا)، هڪ سماجوادي ملڪ تي حملو
ڪيو، جنهن جو دنيا جي لوٽ کسوٽ سان ڪوبه واسطو
ڪونه هو ۽ جنهن ملڪ ۾ زارشاهي کي ڊاهي سڀني غلام
قومن کي آزاد ڪيو ويو هو ۽ هر قسم جي لوٽ کسوٽ جو انت
آندو ويو هو، تنهن تي خوني حملو ڪرڻ، جنگ جي صورتحال
کي بدلي ڇڏيو هو. هيءُ حملو بداخلاقيءَ جو مثال هو ۽
انسانيت جي بهترين قدرن جو گهات هو. جنهن کي دنيا جي
سڀني امن پسند ۽ انسان دوست مهان شخصن سخت ڪڙن
اکرن ۾ ننديو هو. وحشانيت جو ڪارنامو قرار ڏنو هو. اهڙن
دنيا جي مهان هستين ۾ ڀارت جون مهان هستيون به هيون،
جيئن ته- مهاتما گانڌي، جواهرلعل نهرو، سڀاش چندر بوس،
رابندرناٿ ٽئگور وغيره، جن به جنگ جي مزمت ڪئي هئي،
سوويت رشيا سان پنهنجون نيڪ منشائون پڌري پٽ ظاهر
ڪيون هيون. ايتري قدر جو الهاس ۾ اها ڳالهه عالم آشڪار
آهي ته مهان ڪوي رابندرناٿ پنهنجي سخت بيماريءَ جي
بستري تان رشيا مٿان ٿيل جنگي حملي جون خبرون روز بروز
ڄاڻڻ چاهيندو هو.

اهڙي صورتحال هيٺ، جڏهين مهاتما گانڌيءَ جي رهبريءَ

ٻوري غريب خلق کي انصاف ورهائي ڏيندا، سو ٿيو ”جڳ ٻهاري گڏه رکپال!“

مان اُهي ٻحث پوري ڌيان سان ٻڌندو هوس. ڪافي دير ڪانپوءِ موٽي پنهنجي ٻيٺڪ ۾ ايندا هواسون. ڪي شڪائون منهنجي ذهن ۾ اُٿنديون هيون ته ٻئي ڏينهن تي خانگي طور مان سوڀي سان ٻحث ڪندو هوس، جنهن وڌيڪ وڌيڪ چٽائي ڏني. چاڪاڻ ته هر ڳالهه کي چڱيءَ طرح سمجهڻ جي خواهش مون ۾ هئي، ڪنهن به ڳالهه کي ائين، بنا سمجهه جي ڳنڍ ٻڌڻ لاءِ تيار نه هوس، ڀل اها سوڀي وٽان چئي آئي هجي. انهن ٻحثن مان منهنجي ڪافي ذهني ترقي ٿي رهي هئي ۽ مان وڌيڪ ۽ وڌيڪ ڄاڻڻ لاءِ اُتاولو ٿيندو هوس. مان اها ڳالهه چوندي فخر ٿو محسوس ڪريان ته سوڀي منهنجو صحيح معنيٰ ۾ راڄنيتي سطح تي گرو ثابت ٿيو ۽ اهو جيل جو سمو جنهن سکر جيل ۾ رهيس، سو منهنجي لاءِ راڄنيتي سکيا لاءِ اسڪول هو.

ٻئي طرف منهنجا ڪانگريسي مِتر، مون کي سوڀي جي سنگت ۾ ڏسي ڏاڍو ناراض ٿي ويا. مٿان جو وري مان گانڌيواد تي شڪائون اُٿاريندو هوس ۽ سماجوادي وچارن جي حق ۾ دليل ڏيندو هوس ته آئي باقي به مون تي ڏمرجي ويا ۽ مون تي ڪميونسٽ هئڻ جو ٺپو لڳائي مون کان ڪترائڻ لڳا ۽ ٻين کي به آگاهه ڪرڻ لڳا ته مان هاڻي ڪميونسٽ جي سنگت ۾ ڦاسي ويو آهيان. ڪي ته سڌي يا اُسڌي نموني چتائڻ به لڳا ته ٻاهر نڪر ته ماڻهو لوڪي ڏسي وٺندا. ڪارڻ اهو هو، جو ٻي مهاڀاري جنگ ۾ جڏهن نازي جرمنيءَ سوويت روس مٿان حملو ڪيو (١٩٤١) ته دنيا جي ڪميونسٽ پارٽين، هلندڙ جنگ جي باري ۾ پنهنجو رخ ۽ جنگ جي

۽ دل جي فتوي ڏي، انهن تو محسوس ڪيان ته ڪميونسٽ
پارٽيءَ پنهنجي تاريخ ۾ ١٩٤٢ جي زماني ۾ سخت چوڪ ڪئي
هئي. انهن ڪلمڪلا "ڪئٽ انڊيا" جي مخالفت ۽ جنگ ــ جي
طرفداري، ايتري قدر جو سڀاش چندر بوس جهڙي مهان ديش
ڀڳت کي غداريءَ جو لقب لڳائڻ، وڏي ڀاري ڀل هئي، جنهن
جو نتيجو منهنجي سمجهه موجب ڪميونسٽ پارٽي اڄ ڏينهن
سوڌو ڀوڳي رهي آهي. ڪو اهڙو رستو ڳولهي ڪيجي ها، جو
انهن نه لڳي ها ته ڪميونسٽ ديش جي آزاديءَ جي مخالفت
ڪري رهيا آهن ۽ اٽسڏي اموني برٽش سلطنتشاهيءَ جا طرفدار
بڻجي ويا آهن. سوويت يونين جو بچاءُ ڪرڻ واسطي جي زوريءَ
جنگ ــ ۾ اڙجي وڃڻ، برابر هڪ اهم مدد هو، پر اهڙو نه، جو
قومي آزاديءَ جي جذبي کي ضرب ـــي ڇڏجي.

سکر جيل ۾ نظربنديءَ جي دوران ٿيو هڪ زبردست واقعو
ٿيو هو. جيل ۾ ٻن قسمن جا قيدي هئا. هڪڙا هواسين اسين
نظربند، ڪيوَ ڪلاس وارا قيدي ۽ ٻيا هئا عام رواجي راڄنيتي
قيدي، جن آزاديءَ جي هلچل ۾ ڀاڱو ورتو هو، سرڪاري
قانون ٽوڙيا هئا، يا پڪ ٻاهه جون ڪارروايون ڪيون هيون يا
جلوس ڪيڊي پاڻ کي پڪڙايو هو ۽ ڪورٽن رستي سزائون
کائي جيل ڪاٽي رهيا هئا. ٿار ڏار مدي جون سزائون هيون.
ڪن کي مهنا، ڪن کي سال، ڏوهه تي مدار هو. سکر ۾ ٻه - ٽي سؤ
اهڙا راڄنيتي قيدي هئا. هنن جون ٻارڪون، اسان کان ٿورو
پري الڳ هنڌ تي هيون. هڪڙي ڏينهن جيل جي سپاهين ۽
هنن جي وچ ۾ ڪنهن ڳالهه تان تڪرار ٿي پيو هو. سپاهين مٿن
لٺيون هلايون هيون ۽ کين ٻيون وانگر ڌڪي ٻارڪن اندر بند
ڪيو هو. رواجي طرح هنن کي سڄ اُڀرڻ کان سڄ لهڻ تائين
کليو ڇڏيو ويندو هو. ٻارڪن ۾ واڪو واڪاڻ ۽ نعريبازي شروع

هيٺ ڪانگريس پارٽيءَ ”ڀارت ڇڏي وڃو“ (ڪئٽ انڊيا) آندولن جو (١٩٤٢) سڏ ڏنو ته، ڀارت جي ڪميونسٽ پارٽي اهڙي فيصلي جي مخالفت ڪئي، ان دليل هيٺ ته فاسسٽ، ڪاريون شڪتيون جنهن ۾ هاڻي جرمني، اٽلي، جپان ۽ ٻيا کي ملڪ وٺيا هئا ۽ دنيا کي ڳرڪائڻ ۽ تباهه ڪرڻ جي سٽا سٽي ويٺا هئا، تن جي خلاف سڀني لوڪوادي ۽ ترقيپسند شڪتين جي مورچابندي ڪري، ڪنهن به حالت ۾ ڪمزور نه ڪجي، هيڪاري هنن کي مدد ڏجي ۽ نازيزم جو انت آڻجي. گڏيل مورچي ۾ هاڻي انگلنڊ، آمريڪا، رشيا، فرانس، چين ۽ ٻيا ملڪ به اچي ٿي ويا. ڀارت جي آزاديءَ جو سوال ٿوري وقت لاءِ پاسيرو رکجي. ڪميونسٽ پارٽيءَ جي اهڙي فيصلي خلاف ڀارتواسين ۾ زبردست تڻاءُ پيدا ٿيو ۽ ماڻهو کين غداريءَ جو لقب به لڳائي رهيا هئا.

سوڀي گيانچنداڻيءَ جهڙا ڪميونسٽ، پارٽيءَ جي اهڙي فيصلي جا پابند ڪونه هئا. اهوئي ڪارڻ هو جو هن ڪراچيءَ ۾ وديارٿين جي اڳواڻي ڪئي هئي. سندس ڪيترن ساٿين پڻ باهه جون ڪارروايون ڪيون هيون. هو هلچل جي اڳواڻي ڪرڻ لاءِ ڪافي وقت روپوش ٿي ويو هو ۽ پوءِ پڪڙجي جيل اندر اچي پهتو هو. پر ڇاڪاڻ ته مٿس ڪميونسٽ هئڻ جو ٺپو لڳل هو ۽ ڪميونسٽ وروڌي فضا جيل اندر به هئي، سياوڪ منهنجي خلاف به رنجش اٿي هئي. ڀل اها تنگدلي هئي، پر ان وقت ديش ڀڳتيءَ جو جذبو حاوي هو ۽ عام ڀارتواسي اهڙو سخت رد عمل ظاهر ڪرڻ ۾ حق بجانب هئا. ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا جو ٻي عالمگير جنگ طرف رويو ۽ ”ڀارت ڇوڙو“ هلچل طرف رخ تي ڳالهائڻ ٻيا فتوا ڏيڻ لاءِ مان پاڻ کي اختياريءَ وارو ڪونه ٿو سمجهان. پر مان منهنجي عام ڄاڻ

بندوقون سنڀارين ڪري، اسان ڏي ڌاڙي پيئا ۽ هيٺ لهي اچڻ
جو حڪم ڏنائون. ٻيءَ حالت ۾ گولي هلائڻ جو دڙڪو ڏنائون.
هيٺ بيٺل سپاهي ساڻن زوردار ٻاڪا ڪري اسان کي هيٺ
لهي اچڻ لاءِ چيو. آسين ٽيئي هيٺ لهي آياسون.

ٻارهن مهنن جي نظربنديءَ کان پوءِ اسان کي سڪر جيل
مان رها ڪيو ويو. هلچل ٿڌي پئجي وئي هئي. وڏن قومي
ليڊرن کي ڇڏي، باقي ننڍن ڪم ڪندڙن کي آهستي،
ٻن ٽن جي ٽولين ۾ ڇڏيندا ويا. سڀاويڪ ٻارهن مهنن جي
بنديخاني کان پوءِ ٻاهر کي کلي هوا ۾ آزاد پائي بيحد خوش
هواسون. پنهنجي گهرن ڏانهن موٽڻ جي پرابل اچا هئي. جيل
اختياريءَ وارن وٽان سڪر کان پنهنجي شهر تائين قانون مطابق
اسان کي سفر ڪرڻ لاءِ مفت پاس مليا هئا. سڄو ڏينهن شهر
۾ گهمي اسان شام واري ميل پڪڙي، صبوح جو سويل اچي
پنهنجي محبوب شهر - نوابشاهه ۾ پهتاسون.

شهر ۾ اڳواٽ هڪڙو وڏو ڌماڪو ٿي چڪو هو. هن ڳالهه
جي باري ۾ مان اڳواٽ ئي اهڙو اشارو ڏيئي آيو آهيان. گوپيءَ
کي اڪيل منهنجن خطن کي ڪٺي شهر ۾ وڏو ڇؤبول مچي ويو
هو. مان اڳيان چئي آيو آهيان ته هوءَ منهنجا لکيل خط گهرو
نوڪر کي سنڀالي رکڻ لاءِ ڏيندي ويندي هئي. جڏهن نوڪرو
پڪڙجي پيو ته ڪيس مار ڏيئي نوڪريءَ مان هٽايو ويو. ڪافي
دير کان پوءِ شايد ساڙ ۽ غصي ۾ يا لوڀ لالچ ۾ اچي، هن
لکي خط ڪنهن جي حوالي ڪيا ته ڏسجن، جنهن چڱي مڙس
ان بنياد تي بدناميءَ جو منصوبو تيار ڪري ورتو.

هت اها ڳالهه چئي ڪرڻ جي ازحد ضرورت آهي. سنڌ
جي اڪثر شهرن ۾، نوابشاهه جو شهر به مخالف ڌرين جي
لعنت جو شڪار هو. ڪن راجنيتي واپارن جي بنياد تي

ٿي ويئي هئي. جڏهين اسان کي خبر ملي تہ اسان جي بئرڪن وارن پڻ جيل اختياريءَ وارن خلاف نعرا هڻڻ شروع ڪيا. سوڀ چيو، "هل تہ هلون، ڏسون ڇا ٿيو آهي؟" سوڀو، مان ۽ علي مڪراڻي لڪڙ لڪڙ بئرڪ کان ٻاهر نڪري آياسون. علي مڪراڻي، ڪراچيءَ جي لياري علائقي ۾ بلوچي مڪراڻين جو ليڊر هو. هو سورهيہ ۽ آزاديءَ جو بي ڊپو لڙاڪو سپاهي هو. اسين راجنيتي قيدين جي بئرڪن طرف ڀڳاسون. پر هٿيار بند سپاهين اسان کي روڪي بيهاريو. پوءِ اسين جيل جي آفيس طرف ڊوڙياسون، تہ جيلر کان دريافت ڪريون تہ ڪهڙي ماجرا آهي. پر اتي تہ پوليس جو پهرو بيٺو هو ۽ اسان کي اڳتي وڌڻ نہ ڏنائون. اسان کي غصو اچي ويو ۽ جيلر خلاف نعرا هڻڻ شروع ڪياسون. جيلر جو نالو هو چنچلداس. اسان نعرو هنيو: "چنچل ٻچا هاءِ هاءِ! ڌوڙ مٿهن ۾ پاءِ پاءِ!" واپس پنهنجي بئرڪ طرف موٽي آياسون. ڪنهن امولي هڪڙي کي ڌڪي ڏيئي ۽ هٿن کان ڇڪي ڇت تي چڙهياسون ۽ بئرڪ جي ڇت تي وڃي بيٺاسون ۽ جيلر خلاف نعرن جي ڌوم مچائي ڏنيسين: "چنچل ٻچا هاءِ هاءِ! ڌوڙ مٿهن ۾ پاءِ پاءِ! انقلاب زنده باد! ڀارت ماتا کي جئہ...." بئرڪ جي ساٿين سر ۾ سر ملايو. مراد اها هئي تہ، اسان جي راجنيتي ساٿين کي، جن پوليس جي وهنوار خلاف اعتراض اٿاريو هو، تن کي چاڻ پوي تہ اسين پڻ سندن ساڻ آهيون. جيل ۾ هل هنگامو مچي ويو، گويا قيدين بغاوت ڪئي هجي. جيل اختياريءَ وارا گهبرائجي ويا. هنن ٽيليفون ڪري ٻاهران هٿيار بند پوليس جو اٽالو گهرائي ورتو. فوجي وردي پيل سپاهي، بندوقون ڪلهن تي، ٽاپ ٽاپ ڪندا، جيل اندر داخل ٿيا. انهن مان ڪي اسان جي بئرڪ کي گهيري ويا ۽

ڪن پرڻ يا ٻيون اهڙيون حرڪتون ڪرڻ، ڪن ڪالاچ ماڻهن جو دلپسند پيشو هوندو هو، جيڪي ٻنهي ڌرين کي نڪاح جي تار ۾ اٽڪائي رکندا هوا. تماشو نه ڏسندا هوا، پر هوشياريءَ سان پنهنجو اُلو به سڌو ڪري وٺندا هوا.

نوابشاهه ۾ هڪڙو ٻيو شخص به هو، جنهن جي هڪ الڳ شخصيت هئي. اهو هو ڪاڪو ٽلوڪچند، جنهن کي هڪ پريس به هئي ۽ هڪ هفتيوار اخبار هند سماچار جي نالي سان شايع ڪندو هو، جنهن ۾ چڱا ٺٺاڪا ۽ سوسڙيون ٻاريندو هو. چٽڪيدار ۽ مصالحي وارين خبرن جي لاڙ ۾ هوندو هو. سنسنيخيز ۽ ٽاءُ پيدا ڪندڙ خبرون ڇپڻ لاءِ چاهه هوندو هوس. مڪاني سطح تي جيڪي جهيڙا، ٽڪر، مقابلا، لفظي لڙايون يا هوائي ٽلوار بازيون ٿينديون هيون، انهن کي شدمد سان روچڪ رنگن ۾ ڇپي پاڻ کي ۽ اخبار کي پيارو بڻائڻ لاءِ وسان نه گهٽائيندو هو. عام ٻوڙي خاص اهڙي چاٽ جا هميشه چاهڪ رهيا آهن. ڪافي مشهور ٿي ويو هو. هر مڪه کي "ڪاڪو، ڪاڪو ٽلوڪچند" چوندو رهندو هو. هو مٿي ذڪر ڪيل گروهن کان هڪ الڳ ٿر هو. هو نه "ديوان" ٿر سان هو ۽ نه ئي "پائيبند" ٿر سان هو. هو الڳ، ٽلڳ پنهنجي ٿر پاڻ هو. ٻي ڳالهه ۽ همت وارو هو ۽ ڪنهن به وڏ وڏيري جي ٽوپيءَ ۾ هٿ وجهڻ کان ڪونه ڊڄندو هو ٻنهي ڌرين تي پنهنجي ليکي خوب چوهه چنبڙيندو هو. ڪا به ڪچائي ۽ ٺڪائي هوندي هئي ته ٺٺاڪ سان ڇپي ڇڏيندو هو. اهڙي چرڪ ۽ ٻي ڳالهه وهنوار ڪري عام ماڻهو سندس زبردست شيدائي هوا. ڪيترائي اڳيان پٺيان پيا ڦرندا هئس.

منهنجا گهوٽيءَ ڏانهن لکيل خط، ڪاڪي ٽلوڪچند جي هفتيوار هند سماچار ۾ هڪ هڪ ڪري ڇپجا ويا هوا ۽ لڳاتار ڪيترائي هفتا پٺي اهو سلسلو هليو، جنهن هڪ قسم جي

گروھہ وجود ۾ ايندا آھن. مخالفتون ۽ دشمنيون سماجڪ روڳن يا شخصي بد- نيتيءَ مان اُڀرن ٿين ٿيون، اُھي غير صحتمند ۽ نفي رخ واريون آھن ۽ مجموعي طور سماج لاءِ نقصانڪار آھن. سنڌ جي ننڍي پيل سماج ۾ شخصي معتبري، حسد، وڏماڻھپي جي ڇڪتاڻي، سماجڪ برادريءَ جا خيالي ۽ اُپٽانگہ فھم، ۽ طبقاتي وھم ھوا ۽ بيون اھڙيون بيسود چيزون ۽ خام خيال ھوا جي پڻ انسان کي گروھن ۾ ورھائي سماجي شڪتيءَ جو نشٽ ڪندا رھندا ھوا.

نوابشاھہ شھر ۾ اھڙن ئي بنيادن تي ٻہ ڇٽا گروھہ جڙي ويا ھوا. ھڪ طرف ھوا پڙھيل ڳڙھيل طبقي جا ماڻھو، جن کي ڪامورا ٿيا ديوان سڏيو ويندو ھو: وڪيل، ڊاڪٽر، انجنير، سرڪاري نوڪرين ۾ آفيسر وغيره ۽ ٻئي طرف ھو، ڀائيبند طبقو: سيٺيون، زميندار، واپاري، دڪاندار ۽ ٻيا ڪرت وارا شخص. ٻھرين گروھ جو سرڪردو ھو، ديوان ھرداسمل ڳرسھاڻي ۽ سندس ننڍو ڀاءُ ھاساڻند ڳرسھاڻي ۽ ٻيا سندس گروھ ڀائي. ٻيءَ ڌر جو سرڪردو ھو، راءِ بھادر ھولچند ھيرانند گيھاڻي ۽ سندس ساٿي جيٺانند چانھين وارو، سيٺ نوتڻداس ڳرناڻي ۽ ٻيا. ھر محاذ تي ھنن ٻنھي ڌرين جا ٽڪر ھلندا ايندا ھوا. اسڪول بورڊ جون چونڊون ھجن يا اسيمبليءَ جون چونڊون ھجن (١٩٣٧ کان شروع ٿيون ھيون)، لوڪل بورڊ جون چونڊون ھجن يا شھر جي پنچايت جون چونڊون ھجن، ٻئي ڌريون ھڪ ٻئي جي خلاف مورچا ٻڌي بيھنديون ھيون. ٽڪر اٽڪر ھوندو ھو. ڪڏھين ڪو ڌڙي تہ ڪڏھين ڪو. انھيءَ راند ۾ ڪيڏارين کي ڏاڍو مزو ايندو ھو. ڪيترائي رولشي ڪوڏيا ھوا، جيڪي ھميشہ ڏيڍ ۽ تماشو ڏسڻ ۾ مزو ماڻيندا ھوا. ڇرچون ڏيڻ، چغليون ھارڻ، چڙھائي وڌائي، مرچ مصالحو ملائي

قصي ڪيو، خود اخبار جي مشھوريءَ جي لحاظ کان به ڇڏڻ وارو نه هو. هو هيڪاري واسطيدار ٿر کي پوسرائڻ لاءِ اهي خط ڏاڍا پيڪيدار ۽ چٽپٽي سرخين سان لڳاتار هفتن جا هفتا ڇاپيندو رهيو. هڪ سرخي اڃان به ڏنائين: ”هڪ بزرگ وڪيل جي ڌيءُ هڪ پائيبند جي پٽ پٺيان متوالي!“ اها ڄڻ هڏن جي اڪ ني مر لڳائڻ جي مثل هئي.

مان جيڏانهن ٿي شهر ۾ گهمندس، سڀني جون اکيون مون طرف کڄي ٿي ويون. هڪ ٻئي کي اشارو ڪري ٻئي مرڪيا، جتي ديوان ٿر وارا مون مان ناراض يا خفي هوا، اتي قدر جو نفرت ڀريون نظرون ٻئي منهنجي مٿان وڌائون. اُلٽي پائيبند ٿر ڪافي خوش ٿي نظر آئي. فخر جي احساس کان هي نه مبارڪون به ڏيڻ لڳا. چي: ”مير ماريو اٿئي“ اهڙي غير عقليءَ بي سمجھ رخ طرف منهنجو رد ـ عمل گمڀير هو. جيل ۾ ٻارهن مهينن جي ايپاس ۽ نون سماجڪ ويچارن کان متاثر ٿي، مان بيسود ۽ مدي خارج سماجڪ فلسفي کان آزاد ٿي چڪو هوس. مون کي نه هيڪاري ڏکه ٿي رهيو هو نه، منهنجن خطن ڇپجڻ ڪري گوڙ ـ ي ۽ سندس پريوار جي بدنامي ٿي هئي، جنهن لاءِ مان ڪارڻ ڪونه هوس، پر اها حرڪت مون کي بلڪل ناپسند هئي. بعد ۾ جڏهين بيءَ ٿر جي سرڪردي راءِ بهادر هولچند هيرانند پنهنجي بنگلي تي گهرايو، چاڪاڻ نه، هو به مون کي ڏاڍو پائيندو هو ۽ ڳالهه تان کلندي کلندي چيائين: سچ پچ عشق ۾ ڦاسي ويو آهين ڇا؟ ڇٽين نه ڇوڪريءَ کي پڄايون! مان بلڪل گمڀير ٿي ويس ۽ چرچو اُلٽي ئي ڏبجي ويو.

١٩٤٢ جي هلچل ۾ ٻارهن مهنا نظربنديءَ ۾ رهڻ ڪري، منهنجي پڙهائيءَ جو هڪ سال خارج ٿي چڪو هو. مئٽرڪ

سنسني پيدا ڪئي هئي ۽ چڱو هنگامو اُٿيو هو. ڪاڪي اهي خط ڪيئن هٿ ڪيا، اها هڪ ڳجهارت هئي. مونکي پڇاڙيءَ تائين ان جي ڪڙڪ ڪان پئجي سگهي. ڪاڪي جي پرائس هڪ قلعو هئي، جهڙي ٿهڙي کي داخلا ملڻ مشڪل هئي. پرلومل پيڙهان وارو ڪاڪي جو خاص ماڻهو هو. هن جو مون سان به ناتو هو. جيل سفر ۾ هو مون سان گڏ هو. هن کان دريافت ڪرڻ بيسود هو، ڇاڪاڻ ته هو ته ڪاڪي جي رازن کي قابو رکڻ جي صندوقڙي هو. گوپيءَ جي گهرواري نوڪر چوڪري جي مون ڏانهن ڳولا ڪئي، پر هٿ نه آيو. ٿي سگهي ٿو ته ٽپ وچان شهر ڇڏي ويو هجي يا ڪنهن اوڙاه ۾ وڃي رهيو هجي. ڪاڪو للوڪچند مون کي بنه پاڻيندو هو. ڪڏهن مان سندس پرائس ۾ پرلومل سان ڌاڙا گشا هڻڻ لاءِ ويندو هوس ته ڪاڪي سان کهڪر وغيره ٿيندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن چرچو گهٻو به ڪري وٺندو هو. پر اينري همت ڪانه ٿي جو وڃي کيس مخاطب ٿيان ۽ راز تان پردو هٽايان.

منهنجن خطن کي ڪٽي شهر جي هن مکيه مخالف ڌرين ۾ رد - عمل به منهنجي پنهنجي لموائي جو ٿيو هو. "ديوانن" جي ڌر کي ڌڪو پهتو هو، گويا صدمو رسيو هو. ڇاڪاڻ جو شهر جي هڪ ٻرڪه وڪيل جي ڌيءَ هڪ اڌيڙي پنائيبند جي پٽ سان نينهن لڳايو هو. انهن ڏينهن ۾ بيسود سماجڪ پندڻن ڏايا مضبوط هوا. اهڙو واقعو ٻر جي ڌماڪي مثل سمجهيو ويندو هو. پوءِ مون کي معلوم ٿيو ته خطن کي ڇپڻ کان روڪائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي وئي هئي، پر ڪاڪو پنهنجي ناالي سان هو. وڏي اهم وارو شخص هو. پٽي ڪنهن کي پڌڻ هن جي سياه ۾ اه هو. هوڙي ڇشڪي

خاطر خواه بندوبست ھوندو ھو. واسطيدار شهر جا ماڻهو گڏجي برادريءَ جي طور رھندا ھوا ۽ خرچ ۾ حصيداري ڪندا ھوا. ٿورن ڏينهن لاءِ ڪلب جي ڪنهن ميمبر جي معرفت اُتي رهڻ- کائڻ جو بندوبست بہ ٿي ويندو ھو. ويلي جي حساب سان چارج ڪندا ھوا.

اسان جي اسڪول جي ٻچن سان گڏ سار سنڀال لاءِ ماستر روچيرام ٿانواڻي پڻ ڪراچيءَ آيو، جنهن ھر قسم جي تڪليف ۾ اسان جو واھرو ٿيو. سنڌ ۾ ڪراچيءَ جو شهر ڏسڻ جو وجهه اُن زماني ۾ ٿورن کي ملندو ھو. ائين لڳندو ھو، ڄڻ ولائت جي پنڌ تي ٿو وڃجي. ٿورا سال اڳ مون پنهنجي چاچي ايسرداس سان ڪراچي ڏسڻ جو ڪيتو ڪيو ھو. ڏاڏي واپار جي سانگي ھو پيو ڪراچي ايندو ويندو ھو. گهڻي ليلائڻ تي ھو، مون کي ھڪ دفعو وٺي ھليو ھو، پر گهميو، اُگهميو واڳر ھوس. ڳالهه ڇا ھئي تہ مان چاچي سان ڪراچيءَ اُن اُميد سان آيو ھوس تہ ھو، مونکي بہ ڦيٿي سائيڪل وٺي ڏيندو. اُن عمر ۾ مون کي، ٻين ڄڻن سرڻن کي سائيڪل ھلائيندو ڏسي، سائيڪل وٺڻ جو سودائُ پيدا ٿيو ھو.... پر ڪنهن ڪارڻ منهنجو اھو آنو پورو ڪونہ ڪيو ويو. تنهن ڪارڻ رسي سوڙو موٽو ٻڌجي، سيٺين/پلاوٽن جي ڪوٺيءَ تي ويٺو ھوندو ھوس. اگر زوريءَ ڪڍھين، شهر گهمائڻ لاءِ، چڪي وٺي بہ ھلندو ھو تہ بہ ٻي دليو پيو گهمندو ھوس. ڪنهن بہ قسم جو آنند ڪونہ پائيندو ھوس.

اسان جا امتحان شروع ٿيا ۽ پورا ٿيا. جڻ پتو ئي ڪونہ پيو تہ ست ڏينهن ڪيئن گذري ويا. ايڏو مهو ھواسين امتحان ۾ جو وقت ڪيئن ٿي چريو، جاڻ ئي نہ رھــي. پڇاڙيءَ وارو امتحان پورو ٿيو تہ شري روچيرام اسان کي ھندي فلم "رام

جي امتحان ۾ باقي وڃي ٽـي مهنا بچيا هوا. مـان پنهنجي
ولس هاءِ اسڪول ۾ چوٽيءَ جي شاگردن مان هوس. هر درجي
۾ پهريون نمبر کٽيندو ايندو هـوس. شري آسنداس هيمراجاڻي
اسڪول جو هيڊ ماستر، جيڪو خود قومي ويچارن جو استاد
هــو، تنهن جــو مون تي راضپو هــو. مــان سندس پيارن
شاگردن مـان هـوس. هـن کـي اميد هئي تـه مئٽرڪ
جي امتحان ۾ پڻ مـان چوٽيءَ جو نمبر حاصل ڪندس. بلڪ
سنڌ ۾ پهريون نمبر کٽيندس. مون زور شور سان پڙهائـي شروع
ڪئي. قومي تحريڪ جـا منهنجا ويجها ساٿي ۽ لنگوٽيا يـار،
گلاب ڀگواڻي ۽ سچان راولاڻي پڻ مون سان گڏ پڙهڻ ۾ جنبي
ويا. کين پڙهائڻ ۽ تڪليفون دور ڪرڻ جو ذمو مون پـاڻ تي
کنيو هو. اسين اصل چوٽي ٻڌي پڙهڻ کي لڳي وياسون. اسين
ٽيئي سچان راولاڻي جي اوطاق واري ڪمري ۾ اچي رهـڻ
لڳاسون، جتي سڄو ڏينهن رات گڏجـي ابياس ڪري سگهون.
چـوويهن ڪلاڪن مـان اسين اڪثر ارڙهـن ڪلاڪ پڙهائـي
ڪندا هواسون. ڪڏهين تـه شرط رکي، ويهه يا ٻاويهه ڪلاڪ بـه
ويهندا هواسون. صرف منجهند جي وقت ڪلاڪ ڏيڍ سنان پاڻي
۽ منجهند جي ماني لاءِ پنهنجن گهرن ڏانهن ويندا هـواسون.
رات جي وقت گلاب ۽ سچان جي گهران آيل مانيءَ تي مارو
ڪندا هواسون. ٻـه ٽـي ڪلاڪ آرام ڪري وري صبـوح جـو
٣-٤ بجي پڙهڻ کي لڳي ويندا هواسون.

ٽن مهنن جـي پوري تياريءَ کـانپوءِ مئٽرڪ امـتحان لاءِ
اسين ڪراچيءَ پهتاسون. ڪانگريسي دوستن جـي مـدد سان
منهنجي رهائش ۽ کاڌي جو بندوبست ڪراچيءَ جي منياڻي
ڪلب ۾ ڪيو ويو. ڪراچيءَ ۾ سنڌ جي جدا جدا شهرن جي
ماڻهن جون پنهنجون ڪلبون هيون، جتي ڪانڍ ٽوڙي رهڻ جو

اوطاق واري ڪمري ۾ هڪ کٽ تي بلڪل خاموش، ڪاڏيءَ هيٺان هٿ رکي، ٽڪٽڪ ڪنهن نه ڪنهن وستوءَ ۾ اکيون وجهي ويٺو هوندو هو. صرف کاڌن جي وقتن تي، ماڻيءَ جي ٿالهي سندس اڳيان رکبي هئي ته اها کائي، هٿ ڌوئي، وري اچي ساڳئي نموني ۾ ويهي رهندو ۽ ڪنهن نه ڪنهن طرف پيو تڪيندو هو. سندس ڌرمپتني، منهنجي چاچي گنگا ٻائي گهڻا ئي حيلا وسيلا هلايا. ننڍڙو پٽ هنج ۾ کڻي وڃي ڀرسان ويهندي هئس ۽ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندي هئس: ”ڌنڌي ۾ ائين ٿيندو آهي اوهين وري به پيسا ڪمائي سگهو ٿا. پنهنجي ننڍڙي ٻار جو ته خيال ڪريو.“ خالي اکين سان کيس ڏسندو رهندو هو. در کان ٻاهر نڪرڻ کان آناڪاني ڪندو هو. مان ڪڏهين ڇڪي زوريءَ کيس در کان ٻاهر آڻيندو هوس ۽ رستي تي هلائڻ لاءِ وٺي ويندو هوس. پر موٽي اچي وري ساڳي مدرا ۾ کٽ تي ويهي رهندو هو.... پوءِ اوچتو هن کي ڪهڙو خيال آيو يا احساس جي اٿل پٿل تي يا پور آيو، جو خودڪشيءَ جو رستو ڳولهيائين. منو وگيانڪ ماهر ئي ان تي روشني وجهي سگهن ٿا. ٿي سگهي ٿو ته من جي گهري مونجهه، ۽ سماجڪ شرمندگيءَ جو بوجو برداشت ڪرڻ کان ٻاهر ٿي ويو هجيس. هيءَ به نه، ليڪ منهنجي قياس آرائي آهي، ڪنهن ماهر جو رايو ته نه آهي.

ٻئي ڏينهن صبوح جو ٽڪيٽ وٺي مان هڪدم نوابشاهه روانو ٿيس. منهنجي اچڻ کان اڳ سڀ ڪجهه سماپت ٿي چڪو هو. پر گهر ۾ روئڻ جاري هو. چاچيءَ جي درد کي سمجهڻ ڏکيو نه هو. مون کي ڏسي هن جي پيڙا جو پيمانو اٿلي پيو. پار ڪڍي روئڻ لڳي: ”ننڍڙا! (گهر ۾ سڀ ننڍڙو چوندا هوا) چاچهن هليو ويو، بنا موڪلائڻ جي.... اسان سڀني کي ڇڏي

"بدحواس" ٿيا. پيءُ کي ٽالو هو، ٽي وٺي هليو، واندر ڪرڻ لاءِ، رسيس ۾ مون کي پاسيرو وٺي چيائين: "تنهنجي لاءِ هڪ ڏاڍي بد- خبر آهي.... تنهنجو چاچو ايسرداس گذاري ويو. مان شاڪجي ويس. "پر اهو ڪيئن ٿيو، ڪڏهن ٿيو؟" چيائين "ٽي ڏينهن اڳ، هن پاڻ کي باهه ڏئي ڇڏي" اڃا به وڌيڪ ڌڪو آيو. هوش حواس وڃي رهيا. هيانءُ ڦاٽي روئڻ لڳس. ماستر روچيرام اها منحوس خبر مون کان ٽي ڏينهن لڪائي رکي هئي ته ڪٿي ڌڪي ڪارڻ منهنجي امتحان ۾ وگهن نه پوي. هن مون کي ڀاڪيءَ ۾ ڀرزي ورتو ۽ آٿت ڏيڻ لاءِ ڪيترائي ڌرمي پرلوڪ ڏيڻ لڳو، جيئن اڪثر اهڙن موقعن تي ٿيندو آهي. ٻين وديارٿي ساٿين پڻ مون کي پرچائڻ ۽ دک گهٽائڻ لاءِ همدردي ڏيکاري ۽ شانت ۾ آڻڻ جا يتن ڪيا. آهستي آهستي ريجهائي، مون کي سنيما هال اندر وٺي آيا. مون کي اڄ به ياد آهي ته باقي سڄو وقت مان هنجون هاريندو رهيس. هڪ طرف هئي منهنجي شخصي درگهٽنا ۽ ٻئي طرف هو، سامهون پردي تي رام جي وڇوڙي جي دردناڪ ڪهاڻي. ٻنهي ملي اهڙو درد جو احساس پيدا ڪيو هو، جو دل چرڻ ڊٻجي رهي هئي.

مون کي ياد آيو، ڪجهه مهنا اڳ، منهنجي چاچي ايسرداس کي ڪوئلن جي ڌنڌي ۾ ڏاڍو ڌڪ لڳو هو. ڪنهن واپاريءَ هن کان انڪل ويهارو هزارن جو ڪوئلو خريد ڪيو هو ۽ اوچتو ڏيوالو ڪڍي ڇڏيائين. ان زماني جا هزار اڄ جي لکن جي برابر هوا. تنهن واپاريءَ جي موڙيءَ کي اهڙو ڌڪ لڳو ته ڌنڌي ۾ سندس ناڪ ئي ڪٽجي پيا. هو اوچتو ئي اوچتو نسن ۾ اچي ويو. ڌنڌو ڌاڙي پيو، نه گهر کان ٻاهر نڪرڻ کي به جواب، نه ڳالهائڻ ٻولهائڻ کان به ناٻري! گهر ۾

شانتيءَ جو واتاورڻ موٽي ايندو هو ۽ زندگيءَ جو وهڪرو وري شروع ٿي ويندو هو.

جيون ۽ موت ۾ اهڙيون ڪهاڻيون رهيون آهن، جن جي ڳجهه کي انسان ڄاڻي نه سگهيو آهي. ڌرمي پستڪن، اُنهن کي ڪنهن پرم شڪتيءَ جو ڪارڻ ٺهرايو آهي، جيڪا ڳالهه يڳن کان هلندي ٿي اچي، جنهن جي آڌار تي ساڌارڻ انسان آٿت پائي ٿو ۽ سڪون حاصل ڪري ٿو، جنهن جو نمونو مٿين پربوڌ ۾ سمايل آهي. انسان جي اُتپتي ۽ جيون جي رهسيه جي باري ۾ اڄ جي وگيان گهڻو ڪجهه نئون ايجاد ڪيو آهي، پر اُن بابت ذڪر ڪرڻ جو موقعو ٻئي ڪنهن وقت.

ڪاڪي ايسرداس جي چالاڻي ڪانپوءِ منهنجي لاءِ شخصي سنڪٽ پيدا ٿي ويو هو. گهر جي آمدنيءَ کي اوچتو ڌڪ لڳي ويو هو، ڇاڪاڻ ته ڪمائيءَ جو مک، وسيلو ته چاچي جي ڪوئلن جو ڌنڌو هو. ڪمائيندڙن ۾ هاڻي منهنجا ٻه وڏا ڀائر وڃي رهيا هوا، جن کي ننڍڙو پان - ٻيڙيءَ جو دوڪان هو، جيڪو وڏي ڪمائيءَ جو وسيلو نه ٿي سگهيو. پتا جي ڀائرن مان باقي هڙوئي چاچو ويٺسمل وڃي رهيو هو. جيڪو منجهن ننڍي ۾ ننڍو هو. ڌريءِ ورليءَ ڪري شادي ڪانه رچائي هوائين، آئي وئي جي سيوا ۾ رڌل رهندو هو، جنهن بابت اڳواٽ ذڪر ٿيل آهي. مون کي چيائون، "هاڻي تون مئٽرڪ پاس ڪئي آهي، نوڪري ڪرڻ گهرجي آمدنيءَ ۾ اضافو ڪر ته گهر جو گاڏو هلي، ڇو جو اسان ۾ توکي وڌيڪ پاڙهڻ جي سمرٿي ڪانه رهي آهي." منهنجي پيرن هيٺان زمين کسڪي وئي. مون کي ڌڪو اچي ويو. منجهي ڳوڙهو ٿي ويس. من ۾ آيو ته پڙهائي نه ڪنهن به قيمت تي ڪانه ڇڏڻي آهي پاڻ سان اهڙو پرڻ ڪري ورتم. منهنجي پريوار ۾

ڪري ويو.... جهانو جهڻي ويس... هاڻ منگهر (چاچي جوٽن
سالن جو پٽ) کي ڪير ٻيءَ جو پيار ڏيندو ۽ ٻيا ٻه اهڙا پار
جو دل کي چيري وجهن. هيءَ روح جو مهاتم، ڀارتــي سماج
جي پرمپرا جو انگ آهي. اهـا شاستر وڏي رڳو سنڌي سماج
۾ به آهي، پر ٻين ڀارتي سماجن ۾ به آهي. اَڄ اهو ڀـل عجب
لڳندو هجي يا شهريت ڪري اُن جـو زور ڀلي ڍرو ٿيو هجي،
پر پنجاهه سال اڳ جي سنڌي سماج ۾ اهو رسمي ماتم زور هو
۽ ڪافي دک جـو نظارو هوندو هو- پڪا ٻارهن ڏينهن لڳاتـار،
شام جي وقت سرڳواسيءَ جي گهر ۾ پٽڪو ٿيندو هو. گهر جي
آڳڻ ۾ گلم جا ٽڏا وڇايا ويندا هوا. ڌاڳڻ منهن ٻوٽـيءَ سان
ڍڪي اُچي وهندي هئي. رشتيداريءَ ۾ جيڪي مايون هيون
۽ ٻيون اوڙي پاڙي واريون عورتون به اچي گڏ ٿينديون هيون،
پرچاٽي ڏيڻ لاءِ. پوءِ ڌاڳڻ پار ڪيندي هئي، ورلاپ ڪندي
هئي، اوڇنگارون ڏيئي روئندي هئي. ٻيون گهر جون مايـون
به کيس روئـڻ ۾ ساٿ ڏينديون هيون ۽ ٻاقي مايــون کين
پرچائينديون هيون، آٿـت ڏينديون هيون ۽ وراڳ جـا اُپديش
پڻ ٻڌائينديون هيون: ”منگهر ماءُ هاڻ بس ڪر.... وڃڻ وارو
ته ويو اهڙي پار، جتان ڀلا ڪو ڪڏهين موٽيو آهـي؟ جيڪا
سائينءَ جي مرضي... ڏيڻ وارو به هو آهي، کسڻ وارو به هو....
ڀلا سندس اڳيان ڪنهن جـو حڪم هلي سگهي ٿـو؟ هاڻــي
جيڪا نشاني ڏيئي ويو اٿيئي، تنهن جـو ويچار ڪر... هاڻـي
اهو ئي تنهنجو آسرو آهي.... روئڻ سان ڪوئي موٽي ٿـو ڪونه
ايندو.... ورندو پنهنجو جيءُ جهرندو.... ويندڙ جي آتما کـــي
دک پهچندو... ڏاهي ٿيءُ، بس ڪر...“ لڳاتار ٻارهـان ڏينهن
اهـو روح راڙو هلندو هـــو. ٻارهين ڏينهن ڪريا ڪرم ڪرڻ،
ٻاڀڻ کي کـــارائڻ ۽ رسمي وڌاڻن پورائون ڪرڻ ڪانپوءِ گهر ۾

مون کي آٿت ڏيندي چيائين: دل نه لاهه، اڳتي پڙهائي چالو رکه. راڄنيتيءَ ۾ چاهه آهي، ته قانون ۾ پڙ تجانءِ. شروعاتي خرچ جي رقم مان تو نوڪري وٺي ڏيان، جنهن مان ڪاليج جي ڀرڻ ٽرم جي في، هاسٽل ۾ رهائش جو خرچ ۽ ڪتابن وغيره جي پورائي ٿي ويندي. پوءِ اڳي تون اڌ ڏينهن جو ڪم ڳولهي وٺج، جنهن مان تنهنجو مهني جو خرچ نڪري اچي. جي ڪا تڪليف ٿئي ته مان ويٺو آهيان…"

منهنجي دل تان ڀار هٽي ويو. مان خوش ٿيندو گهر موٽيس. رات جي ماني تي مون گهر وارن کي هيمراجاڻي صاحب جي آڇ دهرائي ۽ پنهنجي طرفان چيم: "مون کي پڙهڻ لئي ڏاڍي دل آهي. پڙهڻ مون کان نه ڇڏايو. باقي مان اوهان کي خاطري ٿو ڏيان، پڙهڻ بعد مان اوهان کان هڪ پيسو به نه گهرندس. باقي هن وقت مان نوڪري ڪونه ڪندس. وڪالت پاس ڪري پوءِ مان اوهان کي جام پيسا ڪمائي ڏيندس. چار سال اوهين گهر کي سنڀاليو". منهنجا ڀائر راضي ٿي ويا. منهنجي ڪاليج پڙهڻ جو فيصلو پڪو ٿي ويو.

هاڻي مان گوپيءَ سان ملڻ ۽ ڳالهائڻ لاءِ اتاولو هوس. جيل مان ڇٽي اچڻ کان پوءِ ياد به ڏاڍي ايندي هئي، پر هڪ طرف منهنجي خطن جي ڇپجڻ کي ڪٽي فضا ۾ ڏاڍو گوڙ شور مچل هو ۽ ٻئي طرف اچڻ سان ئي امتحانن جي تيارين ۾ لڳل ايترو مصروف ٿي ويس، جو گوپيءَ سان ملڻ جي خواهش جو پيڇو ڪرڻ ممڪن نه ٿي سگهيو. دل ۾ خيال هو ته پهرين سڪينڊل جي دز ويهي وڃي ۽ امتحان مان به فارغ ٿيان ته پوءِ، سانهستيءَ سان گوپيءَ سان ملڻ جي ڪوشش ڪندس. هاڻي جڏهن ٿي ڀيريون وجهه، ملڻ ته مان جيٺي جي گهر هليو ويس، جتان سڄي ڳالهه جو پتو پيو ته ڪيئن نوڪر ڇوڪري کي لالچ ڏئي،

مان ٻهراڙون شخص هوس جيڪو مئٽرڪ تائين پهتو هو. ٻيا پاڻ ته ٻه-ٽي درجا پاس ڪري ڪمائڻ کي لڳي ويا هوا. سکيا جي نعمت کان روشنا ٿي چڪو هوس. سياسي ۽ سماجي طور به سجاڳ ٿي ويو هوس. ذهني ترقيءَ ڪري بهتر جيون جا خواب به لهي چڪو هوس. ته پوءِ اهڙي سندر سپني کي ڪيئن پنهان وڙهي ڇڏيندس؟ من ۽ ذهن اها ڳالهه قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه هوا. ته پوءِ منهنجي وڌيڪ ابياس ڪرڻ جو رستو ڪٿان ڦٽندو؟ مان پريشان هوس....

مئٽرڪ امتحان جي نتيجي جو انتظار ڪرڻ لڳس. متان اُتان ڪو اُميد جو سج اُڀري اچي. اسڪول جي هيڊ ماسٽر مسٽر آسنداس هيمراجاڻيءَ کي اُميد هئي ته مان سنڌ ۾ ٻهراڙون نمبر پهچندس ۽ ڪافي اسڪالرشپون حاصل ڪندس جنهن ڪارڻ مون کي اڳتي پڙهائيءَ ۾ مشڪلاتون ڪونه اينديون. پر اهي اُميدون به ٽٽي پيئون. نتيجو ظاهر ٿيو ته پنجن هزارن شاگردن مان، سٺون نمبر آيس ۽ ڪو به وظيفو منهنجي پلئه ۾ نه پيو. هيءُ نتيجو ڪجهه سڀاوڪ به هو. اڳيون هڪ سال جيل ۾ ويٺو هوس. جيل اختياريءَ وارن کان ڪتابن جي طلب ڪئي هيم پر انڪاري جواب آيو هو. جيل کان نڪرڻ کان پوءِ ته ٻه-ٽي مهنا مس وچي اپيا هوا. گهوٽ گهو ٽان ۾ نه ڪسر ڪانه ڇڏي هيم، پر اهڙو ڇٽي نه سگهيو هوس. منهنجو پيارو ماسٽر صاحب به ڏاڍو اداس ٿيو هو. منهنجي مالي حالت جي کيس ڄاڻ هئي، ڇاڪاڻ ته مان ”آڌ في معاف“ تي پڙهندو هوس ۽ وري جو مان پڌايوماس ته گهر ۾ ٽازي درگهٽنا کانپوءِ ته اڃا به حالتون وڌيڪ گمڀير ٿيون آهن ۽ منهنجا پائر مون کي وڌيڪ پڙهائڻ کان اسمرٿ آهن ته هو منهنجي دل جي درد کي پاڻي ويا.

مان پريشان حال ۾ هوس. ڪراچيءَ ڪاليج وڃڻ کان اڳ
مون هڪ دفعو گوپيءَ سان ملڻ ۽ سندس حال ڄاڻڻ چاهيو ٿي.
پر اهو ڪيئن ٿئي؟ پڙدي ۾ پيل پردي کي ٻـر ڪيئن ملن؟
اُنهن ڏينهن ۾ مان اڃا ناستڪ ڪونه ٿيو هوس. ياد اٿم ته
رات جو سمهڻ کان اڳ هڪ ننڍڙي پرارٿنا ڪندو هوس.
اکيون پوري غيبي شڪتي کي ٻاڏائيندو هوس: ”سائين،
مون کي گوپيءَ کان الڳ نه ڪج...“ هڪڙي ڏينهن، هڪڙو
خوش اتفاق ٿي گذريو. اُميد جي ڪرڻ ڏسڻ ۾ آئي. منهنجي
دوست گلاب جي گهر اڪثر ايندو ويندو هوس. سندس
پيئرن سان ڪافي هريل هوس، جيتوڻيڪ سندس ماءُ مونکي
ڪوسيندي هئي، جو ڪيس اهو اثر هو ته سندس پٽ کي مون
ئي جيل موڪليو هو. هو ته ٻن ڏينهن کانپوءِ پيءُ جي اثر
ڪري ڇٽي آيو هو، پر سندس دل تي اهو داغ رهجي ويو
هو. گلاب جي ڀيڻ ڪيول ڏاڍي برجستي، آزاد ۽ ملنسار
هئي. اڪثر مون سان ڳالهيون ٻولهيون ڪندي هئي. هاڻي
منهنجي ۽ گوپيءَ جي پريم ڪهاڻي جي ڄاڻ به پئجي چڪي
هئس. هڪڙي ڏينهن سياويڪ لهوني ۾ مون کان پڇيائين:
”اوهان جو پريم قصو ڪٿي پهتو؟“ مون چيو ”پهچندو وري
ڪٿي؟ ويچاري اوڙاه ۾ پيئي آهي. بنديخاني ۾ بند آهي.
هاڻي ته ملڻ - ڏسڻ جو ڪوبه امڪان نظر نه ٿو اچي.“ چيائين:
”مان ٿي توکي گوپيءَ سان ملايان.“ مان قائل مگه سان ڪيس
تڪڻ لڳس. وري به ساڳئي وشواس سان چيائين: ”مان سچ
ٿي چوان. ايندڙ آرتوار تي منهنجي جنم ڏينهن جي، گهر ۾
پارٽي آهي. مان ڪيس ساهيڙيءَ جي حيثيت ۾ نوتو ڏيئي ٿي
اچان. تون به گلاب جو دوست آهين. مان توکي به ٿي پارٽيءَ
۾ نوتو ڏيئي گهرايان. اوهان ٻنهي جي پاڻ ۾ ملاقات ٿي

خط ھٿ ڪيا ويا ۽ بدناميءَ جي ارادي سان سنسنيخيز نموني انهن خطن کي پبلڪ جي سامهون آندو ويو. جنهن ڪارڻ گوپيءَ لاءِ اڃا به وڌيڪ مصيبت کڙي ٿي ويئي. اوڙي پاڙي، لوڙي مٽن مائٽن ۾ هوءَ ڪانياري ٿي، گهرو ڪوٺ اندر بند ٿي ويئي. جيٺي کي چيم: "هڪ وار گوپيءَ سان ملڻو آهي. ڪو رستو آهي؟" چيائين: بلڪل نه. هڪ ته هن کي گهر کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ بندش آهي؛ ٻيو ته جي نڪرندي به ته انسان جي گهر اصل ڪانه ايندي؛ نؤڪر هميشه ساڻ هوندو اٿس... صرف مائٽن وٽ وڃڻ جي اجازت اٿس، نه ته ٻيڙي ۾ بند آهي." مان اداس ٿي موٽي آيس.

گوپيءَ سان ملڻ جي اميد هئي ته من شانت هو. هاڻي من ۾ انڌمانڌ شروع ٿي ويئي. اشانت من ۾ سوالن مٿان سوال- هاڻي گوپيءَ سان ڪيئن ملي سگهبو؟ هوءَ الائي ڪهڙي حال ۾ آهي. ڪاليج هليو ويس ته پنهنجان ڇا ٿيندو؛ مائٽ ضرور ڪيس زوريءَ شادي ڪرائي ڇڏيندا... پيار جو گلو گهٽي ڇڏيندا. اهڙيون ڳالهيون سوچي وياڪل ٿي ويندو هوس. بي آرامي وڌي ويندي هئي. بي آرامي دور ڪرڻ لاءِ هڪڙو رستو ڳولهي لڌم. ڏينهن جو اڻانگن وقتن تي گوپيءَ جي گهر واري گهٽيءَ ۾ هڪڙي ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين چڪر ڪاٽيندو هوس. مون کي ائين لڳندو هو ته گهٽيءَ طرف جيڪا کوني هئي، تنهن جي دريءَ جي سهڻن پنيان هوءَ قيديءَ وانگر ويٺي هوندي هئي. سندس ساهه جي چرپر ٻڌي سگهندو هوس. سندس ڇهري جا پاو ته پسي ڪونه سگهندو هوس، پر جيئن ته من رستي لاءِ روشنيءَ ۾ هوندو هوس، تنهنڪري پڪ ٿي ته هوءَ مونکي ڏسي سگهندي هوندي ۽ ڪا تسڪين پائيندي هوندي. مون کي اهڙي تسلي ملندي هئي.

منهنجي پرت ٻي ڪنهن مان نه ڪري ڪائي، پوءِ وڃڻو پوندءِ، ته به مان بدسوڻ سمجهندس."

هيڏي همدرد ۽ سنهڙي پري ڪماريءَ کي رنجائڻ سٺو نه لڳو.

وري مان اميدن جي سهاري گوپيءَ جي گهر واري گهٽيءَ ۾ هڪ ڪنڊ کان ٻيءَ ڪنڊ تائين، هر روز صبوح شام چڪر ڪاٽيندو رهيس ته من ڪڏهن ڀاڳ ڀرائي ۽ محبوب جو درشن ٿي وڃي ۽ ائين هڪ ڏينهن، منهنجي آس جو چراغ ڪن پل لاءِ روشن ٿي ويو. مان گهٽيءَ ۾ گهڙي، دريءَ طرف نهاريندو ٻيءَ ڪنڊ تائين پهتس ۽ وري موٽ کائي، جڏن ئي سندس گهر جي در جي سامهون پهتس، ته اوچتو در کليو ۽ گوپي در جي چانئٺ اندر، سامهون اچي بيٺي هئي. اکين کي وشواس ئي نه اچي، پر دل چيو: ڳهيلا، اهائي ته گوپي آهي، تنهنجو پيار!" مان اُتي ئي ڄمي بيهي ويس. مٺڙو، مٺڙو آواز آيو. هوءَ چئي رهي هئي: "مون توکي سچو پيار ڪيو آهي. مان صرف تنهنجي آهيان. تنهنجي لاءِ ترسندس. تون منهنجي لاءِ ضرور ترسجانءِ ...." منهنجي دل گويا ٽپو ڏئي ٻاهر نڪرڻ لڳي هئي. گوپيءَ جي اهڙي پيار جي اظهار تي سچ پچ مان اهڙي ڪيفيت ۾ هوس، جنهن جو بيان ڪرڻ لفظن جي وس جي ڳالهه نه آهي، ڄڻ هڪ مدهوشي طاري ٿي وئي هئي.

ڇا اهڙي حالت کي ئي پريم ۾ پاڳلپڻو چيو آهي، مان نٿو ڄاڻان، پر اهڙو ڪجهه هو، جنهن کي محسوس ڪري سگهجي ٿو، پر اظهاري نٿو سگهجي. اهڙي نيم سجاڳيءَ حالت ۾ منهنجي زبان مان نڪتو: "ها، مان ترسندس گوپي!" بلڪل اهيءَ پل دروازو بند ٿي ويو. لڳم گهر اندران ڪوئي

ويندي، اِها ته ڳالهه بلڪل سولي آهي.

مون کي ٻيو ڇا گهربو هو؟ مان ڌرتيءَ کان ٻه ٽي ڳز مٿي پئي اُڏاميس ۽ اندازا ڪرڻ لڳس ته ساڻس ڇا ڇا ڳالهائيندس ۽ ڪهڙا ڪهڙا پرڻ ڪندس ۽ ڪهڙا ڪهڙا اقرار وٺندس. ايندڙ آرتوار جي شام جو بي - صبريءَ سان انتظار ڪرڻ لڳس. مقرر وقت تي ڪيول جي دعوت تي سندس گهر پهتس. ساهيڙيون ۽ ٻيا مٽ مائٽ اچڻ لڳا هوا. مان گلاب سان وچي، پاسي واري ڪمري ۾ ويهي رهيس. پر منهنجون اکيون سڄو وقت مکيه دروازي ۾ هيون ته ڏسان ته من گهريو مکڙو ڪڏهين ٿو پرويش ڪري. منهنجو ته صبر ٽٽڻ لڳو. اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ به موهڻي مورت درشن ڪونه ڏنو. اُميدن تي پاڻي ڦرڻ لڳو. ڪاڌو پيتو چالو ٿي ويو هو. جنهن لموئي پياسي اکين سان ڪيول جي چوڌاري ۽ آءٌ پاڻ کي جاچي رهيو هوس، ان مان هن منهنجي اُڌيرج من ۽ انتظاريءَ کي ڀانپي ورتو هو. وڌيڪ وقت تڙقائڻ هن به مون کي نه ٿي چاهيو. ساهيڙين جي جهنڊ کي وچين ڪمري (هال) ۾ ڇڏي، تيزيءَ سان مون واري ڪمري ۾ هلي آئي. هن جي چهري تي سوڀ جا نه پر اُسوڀ جا اهڃاڻ هوا. منهنجون آشائون ڪافور وانگر اڏامڻ لڳيون. ڪيول اداس هئي يا گنڀير، انهن ٻنهي احساسن جو شايد سنگم هو سندس آواز ۾: بلڪل آهستي ۽ همدرد لهجي ۾ چيائين: ”ٻاهر نڪرڻ تي بندش اٿس هوءَ پارٽيءَ تي ڪانه ايندي پر نياپو ڏنو اٿائين، ”مان سچي تنهنجي آهيان.““

هڪ پاسي جڻ هٿن مان قيمتي ڪجهه کسڪي ويو، پر ٻئي طرف سندس نياپو ٻڌي دل اندر ئي اندر جهومڻ لڳي. پر پوءِ به جڻ ته ڪو هارايل جواري خالي هٿين پڙيءَ مان اٿي ڪڙو ٿيندو آهي، مان اُٿي پيس. چيائين: ”اٿين ڪيئن ويندين؟

شخص سندس پٺيان اچي بيٺو هو ۽ هن ڇرڪجي، دروازو
ٻيڪڙي چڙهيو هو. انهن ٻار جي مٿان موت ڇائي ۽ ٻار جو
سڄو قوّل ڏنائين، مان وڌيڪ پڙهڻ لاءِ ڪراچيءَ هليو ويس.


(ڇهون ڀاڱو پورو ٿيو)



Reg. No. MAH 745 TNA 3
Licence to Post-Pre payment Licence No. 10

SINDHI TIMES

(Registered as a Newspaper in India)
Registered No. 6372/62



Kujh Budhayum, Kujh Likayum

Part-1

By KIRAT BABANI

Sindhi Times Publications
(Quartely Book Series April-May-June 1997)